کونج
سنڌي ادبي ڊائجيسٽ
غلط علاج جا سيئي شڪار ٿي وياسين،
سمجهي نہ روڳ ڪان هاڻي نجات جو رستو!
مَلولُ شام جي ميرانجهڙي ٿڪاوٽ جو،
”ڪمل“ جي شعر سان آهي قريب جو رستو!
( ايم - ڪمل )
سڪائتي سارَ ۽ نماڻي پيڙا : قاضي منظر حيات
نارائڻ شيام
هي سنگرامُ!
سامهون آ نارائڻ شيام.....
هن تي بندوق ڪيئن ڪڍان ماں؟
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان؟
( شيخ اياز )
اجڙو اجڙو چنڊڙا!
نارائڻ شيام
مُرڪ راحت کي جنهن ڏني هوندي،
درد ۾ دل سندس ٻڏي هوندي!
پيار دل ۾ نہ سونهن دنيا ۾،
شمع هوندي تہ روشني هوندي!
ڇا فقط ڏوڙ آهي ڌرتيءَ تي،
چنڊ تي صرف چانڊني هوندي؟
نارائڻ شيام
ڪري جا وڃ هٿ اُپ مان،
وٺي ڌرتيءَ ۾ پيچي ۾
لڳي جا اڳ گلشن ۾ اچا تائين ٻري پيئي!
( نارائڻ شيام )

KOONJ

ونج اَدبي ڊائجيسٽ

ڙ : سرڳواسي هري موٽواڻي 'سنڌي'

ن جبلي واري حد پار ڪندڙ

سنڌي مگزن

اَپريل 2010

51 - پرچو : 2

رچو : 60 روپيا

: شُڌا آفسيٽ، اُلهاسنگر-3

فون : 2560465

•

: ساليانو -/350

ٽي سال -/1000

پنج سال -/1500

•

ڀ پيٽرنس :

رام چيتملاڻي

مورچمل منگهناڻي

لال هرداساڻي

نوتن تولاڻي

رام دادلاڻي

Please draw cheque favouring "KO

**KOONJ** (Estd. 1960)

*Founder Editor :*

**Late Hari Motwani "Sindh**

4, Great Western Building,
2nd floor, S.B.S. Road, Mumbai - 400 023.
Tel.:0251-2571605 • Mobile:9323120141
E-mail : nnchhugani@rediffmail.c
koonj@rediffmail.com

سمپادڪ :

## نند ڇُڳاڻي

### هن پرچي کي سينگاريندڙ

- شيخ اياز
- علي بابا
- پير عبيد راشدي
- ڪلا پرڪاش
- رڪيل موراڻي
- گارشيا مارڪيز
- جهمون ڇڳاڻي
- لڇمڻ ڪومل
- چيلمل پرسرام گلراجاڻي
- عبدالغفار سومرو
- وينا شرنگي
- آرجن حاسد
- ڍولڻ راهي
- لڪشمڻ
- ڪمل پياسي
- موهن 'اُداسي'
- تارو گرناڻي
- هري ڇوٽڻاڻي
- مشتاق گبول (جراور)
- پريم پتافي
- وريل ڪارا 'ماسٽر'
- امر ٿهاوڙ
- مفتون ڪوراڻي

*Address for Correspondence :*
NAND CHHUGANI
502, Manwani Mansion,
Goal Maidan,
Near Telephone Exchange,
Ulhasnagar - 421 001.
Tel. : 0251 - 2571605
Mobile : 9323120141
E-mail : nnchhugani@rediffmail.com
koonj@rediffmail.com

# OUR CHIEF PATRONS

m Dadlani

Ram Jethmalani

Murij Manghnani

Lal Hardasani

Notan Tolani

## ian Admirable Achievers (Volume 4, January 2010)

**Gordhan Rupchand**; BSc, MA, MEd, PhD; Academic; b February 17, Karachi (Pakistan); m Komal, two s; Educ Mumbai Univ; taught in ndary School for 3½ years; Lecturer, Seva Sadan's College of ation for 20 years; Principal, Shaheed Dunichand T Kalani Memorial s College of Education, Ulhasnagar 1990-2005; Founder Principal: .R Gajwani College of Education, Ghandhidham 2005-06, Dnyan a College of Education, Thane 2008-09, National Education Soc's i Ratan Shah BEd College, Chinchghar 2009-; ex-Examiner for: BEd, Mumbai Univ, MEd rtation, Nagpur Univ, Mphil Examination, Kolhapur Univ; External Referee for PhD s of Kolhapur and Pune Univs; ex-Member, Board of Studies in Education, Mumbai Univ; dent: All India Asscn for Educational Research, Maharashtra Chapter, All India Asscn for ational Techy, and Ulhasnagar Chapter; Vice-President, Maharashtra State Secondary er Educators Asscn; Charter President, Rotary Club of Ulhasnagar Hills 1994-95; Life ber: All India Asscn of Maths Teachers, Indian Soc for Community Education, Council for er Education, Sindhu Youth Circle, Ulhasnagar, Maharashtra Council of Educational & Management; engaged in various social welfare activities; participated and nted papers at various national and state level conferences; publs-A Resume on Some Issues of Teacher Education (1998), Human Rights & Teacher Education Curriculum ); and many articles published in various educational journals; Awards Bharat Gaurav d, Great Achiever of India Award, Excellence Award, Lifetime Achievement Award 2007.

**ess:** 801 Hill Top Apartments, Near Petrol Pump, Hill Area, Section 17,
Ulhasnagar – 421 003, India.

## سمپادڪيم .....

# چيٽي چنڊ ۽ اِنعام

چيٽي چنڊ سنڌين لاءِ مهاپرب جو ڏهاڙو آهي. پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سڌ ـي اَسان اهو ڏينهن ڌام ڌوم سان ملهائڻ جي شروعات ڪئي. اهو پاڻ ۾ گڏجڻ جو ـمثيڪو موقعو آهي. اخبارن ۾ هندستان جي هر شهر مان اهو ڏينهن شاهي پيماني تي ملهائڻ جا احوال ايندا آهن. پرڏيهي - سنڌوڪي بہ ان ۾ پٺتي ڪونہ آهن. پنهنجي اِشٽ ديو جهوليلعل اڳيان، ويڇا وساري - ميل ميلاپ وڌايون، ٻڌيءَ جو ٻج ڇٽيون ۽ پنهنجي ساهت-اَدب ڪلچر جو ورثو ننڍي ٽهيءَ کي ڏيندا هلون - اَهڙو موقعو هٿان وڃائڻ نہ گهرجي. ”خوش دلي ۽ محبت بہ سياڻپ ۽ حڪمت عملي جي ڏهن حصن مان نوَ حصا آهي.“

گذريل ٻن سالن کان اُلهاسنگر - سنڌونگر ۾ چيٽي چنڊ جي ڏڻ تي سنڌين پاران شاهي سرگس ڪڍي ويندي آهي. ياترا ۾ اشٽ ديو جهوليلعل سان گڏ ٻيون بہ ڪيتريون جهانڪيون نڪرنديون آهن. شهر جا مڙئي ساڌو-سنت-مهنت-مهاتمائون عوام سان گڏجي سرگس، جڻ سنڌيت جي مهاڪنڀ ۾ سڪ شرڌا سان ڀاڱو وٺندا آهن. اُلهاسنگر نمبر-١ جي ڀائو پرسرام جهوليلعل مندر وٽان ڀائو ليلارام پرسرام جي سموري ڇيڄ سان سرگس شروع ٿي - سيرو چونڪ - ڪپڙي بزار - نهرو چوڪ - فرنيچر بزار - سواجي چونڪ، ١٧ سيڪشن، هيرا گهاٽ - پوائي چونڪ، پير ڳوٺ پاڙو - ۴ - اوٽي - چوٿون نمبر - وينس - شهيد ڪالاڻي چونڪ - نيتاجي - نج ڌام وٽان ٿي پنجين نمبر چاليهي صاحب - جهوليلعل مندر وٽ پوري ٿيندي آهي. سمورن رستن - چونڪن تي دڪاندارن - پئنچائتن، سنگت وغيره پاران - گلن جي ورکا - سکو سيسا چالو رهندو آهي. آس پاس مان زالون - مرد - ٻار ٻڍا جيڪي سرگس سان گڏ نہ هلي سگهندا آهن، اُهي نظارو ڏسڻ ۽ سواگت لاءِ حاظر رهندا آهن. هن سال ڀائو ليلارام - شهر جو چونڊيل ايم-ايل-اي شري ڪمار آئلاڻي - شري اَنو منواڻي پنهنجن ڪونارڪ جي سيني ساٿين سوڌو، لالي ڳمباڻي - يو.ايس.اي. ڪيبل وارا - شهر جا ميونسپل ميمبر وغيره شريڪ رهيا. شري ڪمار آئلاڻي ۽ انو منواڻيءَ کي شروع کان پڇاڙيءَ تائين سرگس ۽ ڇيڄ ۾ شامل ڏٺو ويو. مرڪ سندن مکڙن تي براجمان رهي. شري ڳمباڻي لالي سموري سرگس جو يو.ايس.اي. ڪيبل معرفت شهرواسين لاءِ سڌو پرسارڻ

## FORM IV

## (See Rule 8)

## KOONJ

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | Place of Publication | : | Mumbai. |
| 2. | Periodicity of Publication | : | Bi-monthly. |
| 3. | Printer's Name | : | Sudha Offset Printers |
| | Nationality | : | Indian |
| | Address | : | 25, Prince Market, Furniture Bazar, Ulhasnagar - 421 003. |
| 4. | Publisher's Name | : | Nand Chhugani |
| | Nationality | : | Indian |
| | Adddress | : | 502, Manwani Mansion, Gol Maidan, Near Tel. Exchange, Ulhasnagar - 421 001. |
| 5. | Editor's Name | : | Nand Chhugani |
| | Nationality | : | Indian |
| | Adddress | : | 502, Manwani Mansion, Gol Maidan, Near Tel. Exchange, Ulhasnagar - 421 001. |
| 6. | Names and addresses of individuals who own the magazine | : | Nand Chhugani (Sole Proprietor) |

I, Nand Chhugani hereby declare that the particulars given above are true to the best of my knowledge and belief.

***Mar-Apr-2010*** ***Nand Chhugani***




پائو ليلارام - چيٽي چنڊ مهاياترا ٢٠١٠ سنڌونگر - اُلهاسنگر

Courtesy: Vinod Dhankani ڪونج

آهي تہ ڪاميٽيءَ جي گهٽائي واري فيصلي طور انهن ميمبرن جو انعام رد ڪيو
جيڪي هن وقت بہ ڪاميٽيءَ ۾ براجمان آهن. شريڪانت ڀاٽيا پنهنجي اخبار
سيني جا باقاعدي نالا وغيره ڏنا آهن. ڪوبہ لڪ لڪاءُ نظر نٿو اچي. اسان جي سمج
موجب هرهند وقت جي گهٽائي جي عزت ڏيڻ گهرجي. گهٽائي واري فيصلي کي عز
وارو اکين تي رکندو. ائين برابر آهي تہ ڏي سگهي ٿو ڪي ڏات ڏٽي انعامن ک
اِئين وانجهجي وڃن جيئن اَسانجا هوندراج دکايل، ڪيئلداس فاني - لعلسنگہ اجواڻ
صاحب وغيره ساهتيہ اڪاديمي جي انعام کان رهجي ويا. انهن منهن مان ٻڙڪ ٻاهر
ڪڍي. شريڪانت جي لکڻ موجب، انعام نہ ملڻ ڪري هاڻ مٿس انهن سڄڻن کڇ
ءُ گپ اُڇلڻ شروع ڪري ڇڏي آهي. اَدا - لالچ بري بلا آهي. اِنسان جي بک تہ له
سگهي ٿي پر هيچ نہ. شريڪانت جي اخبار ۾ جيڪي نالا آهن انهن ۾ پيشي
خوشامدڙيا بہ آهن. اهي انٽليڪچوئل ليول تي ننڍا آهن. سرگواسي موتيلعل ٻٽاڻ
صاحب لکيو آهي تہ ”سيوهاڻي چريو تہ بہ پٿر اُڇلائي پنهنجي گهر ڏي.“ گهر ک
ورسائڻ جا بہ سوءِ نمونا - جي ڪتاب ۾ مون لکيو پر لکڻ لاءِ ڪلڪ تہ منهنجي ڀاءُ جي
آهي - انڪري اُن کي بہ انعام ڏيو. ڪتاب ڇپايو تہ مون پر اُن جي پوش ڪوَر ت
چتر منهنجي ڀائٽي جو - ڏيو ان کي بہ انعام. مٿان اهو چوڻ کان بہ ڪين هٽندا
”مان ڀلي ڪنور رهان پر مون تي رحم ڪئو.“

رڙا ڪين رجهن توڙي ٻلڻ ٻرن بہ ٻڙا

(رڙا - مڱن جي ان ۾ ڪريل داڻو - بہ ٻڙا - ٻيڻو - بہ ڀيرا)

خود غرض اِنسان تمام سهڻي نموني منهن تي نوڙت نياز جي ڇٽ ڇڻيندو آهي
ڪيس اهو بہ هنر هٿ ۾ آهي تہ ”ڇڱي مرحبا ٻليءَ کي بہ نرم ڪيو ڇڏي.“

ڀاٽيا صاحب، اخبار نويسي ڪنهن بہ سڀيہ ديش يا مهذب قوم جو مکيہ ٿنڀو آهي
صحافي جي ٻِٽ سندس اصلي ثمر آهي - سرمايو آهي جنهن کانسواءِ صحافي جالي
نٿو سگهي. سچ جي راه تي آهيو - مرڪ منهن تي قائم رکو. پر اهو بہ نہ وساريو
”ماڻهو ٻنيہ لڇڻو پر موچڙو ڇنيہ لڇڻو.“

نند ڇٻاڻي
١٧ اپريل ٢٠١٠


SHRI KUMAR AILANI
M.L.A.

**CHETI CHAND MAHAYATRA - 2010, SINDHUNAGAR (ULHASNAGAR).**

ڪمار آڏلاڻي، لالي ڳمباڻي، اَنو منواڻي،
راجو جڳياسي ۽ ڪمل پارواڻي

# ساهيوال جيل جي ڊائري

• شيخ اياز

جڏهن منهنجو نظم ’هي سنگرام ساهمون آ نارائڻ شيام‘ ”روح رهاڻ“ ۾
ليو هو، تڏهن منهنجن مخالفن اهو نظم اردو ترجمي سميت آدم قد پوسٽرن
ڇپايو هو، جن ۾ مون تي ڪارروائيءَ جو مطالبو ڪيو هئائون، ۽ پوءِ اهي پوسٽر
جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هنيا ويا هئا. انهن ڏينهن ۾ اولهه پاڪستان جو هڪ ٻيلي
جو وزير سڪر ۾ آيل هئو، جنهن وٽ منهنجا ڪجهه مخالف ميڙاڪو ڪري ويئا
۽ هن کي اهو پوسٽر ڏيکاري چيو هئائون ته هو حڪومت کي مون تي ڪارروائي
ل لاءِ آماده ڪري، مسٽر گل حسن منگي به اتي ويٺو هو، جو ان وقت اولهه
ستان جو ميمبر هو. وزير صاحب هن کي اهو پوسٽر ڏيکاري چيو هو، ”مون کي
ي نه ايندي آهي، توهان ٻڌايو ته انهيءَ سنڌيءَ ۾ نظم جي اها ساڳي معني
، جا اردوءَ ترجمي ۾ ڏني وئي آهي، ان تي منگي صاحب منهنجي بچاءَ ۾
جهه ڳالهايو، معاملو رفع دفع ڪري ڇڏيو هو. مون کي جڏهن اها خبر پئي هئي
ن مان منگي صاحب وٽ ويو هئس ۽ پنهنجي احسان منديءَ جو اظهار ڪيو هو.
تي منگي مون کي هيٺين حقيقت ڪئي هئي:
”ڪجهه غير سنڌي صحافي ۽ اديب وزير صاحب وٽ اهو پوسٽر کڻي آيا
۽ هن کي چيائون ته شيخ اياز، جنگ (١٩٦٥ع واري) جي خلاف نظم لکيو ۽ هو
ستان جو دشمن آهي. اتفاق سان مان اتي ويٺو هوس، وزير صاحب اهو پوسٽر
، مون کي چيو، ”مون کي سنڌي نه ايندي آهي، اوهان پڙهي ٻڌايو، ان نظم
ڪائي اعتراض جوڳي ڳالهه آهي يا نه.“ اياز صاحب! مون اوهان جو نظم ڏاڍي
ن سان پڙهيو ۽ مون کي توهان جي مخالفن تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. مون وزير
ب کي چيو، ”نارائڻ شيام خدا جو هندڪو نالو آهي. شاعر سچ چيو آهي ته مان
ا کي ڳولي ڪيئن هڻان! دراصل هن جي مخالفن کي سنڌي ٻولي نه ٿي اچي،
ئڻ شيام، راڌي شيام، گنگارام، سڀ ڪجهه آهي. ها، باقي مون کي هڪ ڳالهه تي
راض آهي. ڪنهن به مسلمان شاعر کي پاڪستان کانپوءِ اها واڪي ٻولي لکڻ نه
جي. خدا خدا آهي، نارائڻ شيام اسان جو خدا ته نه آهي. شاهه جو رسالو بي
آهي. اهو پاڪستان کان اڳ لکيو ويو آهي.“ منگي صاحب پوءِ مون کي ڏسي محبت ۾
”مون شاهه جو رسالو پڙهيو آهي، مون کي سڀ ڪجهه معلوم آهي، پر اسان مسلمان آهيون،
جو نارائڻ شيام، راڌي شيام، گنگارام سان ڪهڙو ڪم!“
مان هن جي مهرباني مڃي گهر موٽي آيو هوس، نارائڻ شيام، راڌي شيام
هيو پر گنگارام وڏي ڳالهه هئي.

مهورت - ''سنڌو ۲۰۱۰''، سنڌو يوٿ سرڪل، چيٽي چنڊ

ساڄي کان گوبند ايسراڻي، سندر [illegible]، [illegible] چيلاڻي، هري [illegible]، نيوند والواڻي، ڪمل [illegible]،
چندر [illegible]، [illegible]، [illegible]، [illegible]، [illegible]، موهن [illegible]، پرمانند [illegible]

هيان، پر مان تو جيان ٻئي ڪنهن کي دوکو نہ ڏيئي رهيو آهيان. مان .... مان پنهنجو پاڻ کي فريب ڏيئي رهيو آهيان، تون ... ڀڙوا، تون ڪُتو بہ نہ آهين، ڪُتو بہ وفادار هوندو آهي. تو انسان تي ڪري هن جانور کي دوکو ڏنو آهي، ساسيءَ کي دوکو. تو منهنجي راڪيءَ کي جاڻي واڻي هارايو آهي. گهڻا پئسا مليا هوندا توکي، تون انهن پئسن مان سيڪنڊ هئنڊ رونالٽ ڪار بہ نہ وٺي سگهندين ... تون آهي توتي، تون گهٽيا آهين ... گهٽيا ... نيچ. تون ڳالهائين چو نٿو، مون ... مون تنهنجي مُنهن تي نہ .... تي ٿڪيو آهي. تون ڀڙوو بہ نہ آهين، ڀڙوي جو بہ ڪردار هوندو آهي، تنهنجو ڪو ڪردار ئي نہ آهي. لوسي ... وري ڪڏهن بہ مون کي فون ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجان. ڪڏهن بہ نہ ....'' اَنوپ کي وڏي هڏڪي ٿي اَچي، هو ڪاوڙ مان ڪريڊل زور سان فون مٿان ٿو رکي ۽ وڦلي ٿو :

''اُونهن ... دوست اَڄ مون ٺوڪاري ڇڏيو، مان ان نيچ کي پنهنجو دوست سمجهندو هئس، هن منهنجي راڪي کي هارائي ڇڏيو. ايڏي دوکي بازي ...!''

اوچتو انوپ محسوس ڪري ٿو تہ هن کي راڪيءَ جي تانگهہ لڳي آهي. هو ديوار تي لڳل ڪاري تازي گهوڙي جي تصوير ۾ عجيب نظرن سان نهاريندو ٿو رهي. تصوير بار بار سندس اکين آڏو ڏنڊلائجي ٿي وڃي. ڪڏهن صوير ۾ هن کي بہ بہ راڪي نظر اَچن ٿا.

''اوہ راڪي! يلجي ويس تہ مون کي هڪ ٻن ڏينهن ۾ هي فليٽ خالي ڪرڻو آهي.'' هو نشي ۾ ٽيبل تان جُلندڙ پئماني سان اُٿي ٿو. آٿرندي، پئماني ۾ پيل شراب کي بچائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. هڏڪيءَ سان هلڪو ٿيڙ ٿو کائي، ۽ پئماني مان اَڌو اَڌ مَئي ڇُلڪي ٿي پويس. ''اَچا تہ بي مَئي ايندي راڪي. مان ٻڃان ٿو، مان ... مان توکي وساري نہ وڃان، مان ... مان توکي پنهنجي بريف ڪيس ۾ ڪٽي ويندس ... جيڏانهن بہ ويندس، توکي پاڻ سان ڪٽي ويندس.''

انوپ جي هڏڪي وڌندي ٿي وڃي. هو گهوڙي جي تصوير ۾ حيرت مان نهاريندو ٿو رهي.

کهاڻي-

# آپ گهات

• علي ب

اَنوپ کي سائي ٿي ويئي آهي، برقان لڳي ويو آهي، پوءِ بہ
’کيريوز جن‘ پي رهيو آهي. پيالي مٿان پيالو ڏوگهيندو ٿو وڃي. اَندر
چڻ باهہ لهندي ٿي وڃينس. اکين تي مٽي جي مستي چڙهندي ٿ
وڃينس.

”هون ... مان خودڪشي نہ ڪري رهيو آهيان، آپ-گهات؟“ هو پيال
۾ وڌيڪ مَئي اوتيندي سوچي ٿو ۽ سگريٽ مان نئون سگريٽ ڌُکائي ٿ
اوچتو هو محسوس ڪري ٿو تہ هو رمولا سان پيار ڪري ٿو. هن کي رم
جي تانگهہ لڳي آهي، اَجا ٿوري دير پهرين هن رمولا جي فريم ٿيل تصو
ديوار تان لاهي، ٽُڪر ڪري، بيئر جي خالي بوتلن واري ڪريٽ ۾ اُڇلائ
ڇڏي هئي. اوچتو ٽيليفون جي گهنٽي وڃي ٿي. انوپ ڪريڊل کڻڻ ج
ڪوشش ڪري ٿو. هڏکي اچڻ ڪري هن جو هٿ ڪريڊل تي نٿو پوي.
ڪن لاءِ فون ۾ نهاريندو ٿو رهي، پوءِ ڪريڊل کڻي ٿو وٺي.

”هيلو ....“

”ڇا وينو ڪرين؟“

”پيئان وينو.“

”مون کي اَڳوات خبر هئي. انوپ تو لاءِ چڱو نہ آهي.“

”ان لاءِ نہ تہ اَوهان مسلمانن کي مشڪل سان ٿو ملي، ان ڪري
چئين. تون منهنجي پيئڻ تان سڙين ٿو. سَڙ، پَچ، ڪامر .... اجهو ٿوريءَ د
۾ رتنو بيئر جو ڪريٽ کڻي ايندو. سڀ اَڪيلي پي ويندس، وات ٦٩ سار
ڪاڪ ٽيل ري ... پوءِ هڏکي نہ ٿيندي، بند ٿي ويندي هڏکي.“

”تون خودڪشي ڪري رهيو آهين، اَنوپ ...“

”اُونهن. ذليل زاهد! تون مئي ڪشيءَ کي خودڪشي ٿو چئين
خودڪشي! ٿوري دير پهرين مون پاڻ بہ اِئين سوچيو هو، ڳڌهن جيان. اِ
ڪميٽائيپ جهڙي سوچ مون وٽ بہ آئي هئي تہ مان خودڪشي ڪري ره

”سِگار وٺي آيو آهين؟“

”سِگار پلا ڪيئن وساريندس.“

”۽ هِئگ؟“

”وڏي مشڪل سان پنت ڏني اَٿائين.“

”اَڙي واھ رتنا واھ - ڇي ڇي ڇي ... مان اَجايو توکي گاريون ڏيندو هيس، پنهنجي پاپيءَ کي. لعنت آهي مون تي ...“ هو پڇماني کي وڏيءَ ٻيت سان خالي ٿو ڪري. ”جلدي ٻه گلاس ڪاڪ ٽيل ٺاھ ۽ مون سان گڏ پيءُ. هاڻ اَڪيلي نشو ئي نٿي ڪري.“

رتنو ڪريٽ مان ٻه بوتلون ٻيئر ڪڍي، گلاسن ۾ ٿو پري. هِئگ جو ڪاڪ ٽيل ٿو ٺاهي ۽ فرج مان برف جون ڳڙيون ڪڍي، گلاسن ۾ ٿو اوتي. ٻئي گلاس ڀرڻ ٿا لڳن. ٻئي آمهون سامهون ويهي پيئڻ ٿا لڳن. انوپ سِگار ڪائيندي، ڪجھ سوچي ٿو.

”رَتنا!“

”هونءَ ...“

”خبر اَٿئي رتنا! خبر ٿئي ته مون کي تنهنجي ڪهڙي ڳالھ وڻندي هئي؟“

”اَلائي - مون ۾ ته اَهڙي ڪا ڳالھ ئي ڪانهي.“

”نه آهي! آهي، اُها اِها ته تون ناصح نه آهين.“

”مهرباني ...“

”ٻي اِها ته تون چاپلوس نه آهين.“

”سچي ٿو چئين سائين؟“

”ها، ٽين اها ته تون پڙوو نه آهين.“

”پڳوان بچائي پڙوت کان.“

”چوٿين اها ... چوٿين اِها ...“ اَنوپ گلاس مان وڏو ڍُڪ ٿو پري ته

”هون ... ڪنهن ساريو آ مون کي، تو راکي، ها - تو کانسواءِ مون کي
ٻيو ڪير ساريندو. ڪو آهي ئي ڪونه. مان ... مان توکي پاڻ سان گڏ کڻي
ويندس دوست. مان جتي به هوندس، تنهنجي تصوير منهنجي آڏ
هوندي.“

هو ڪجهه سوچي، ٿڙندڙ قدمن سان ميز تي پيمانو رکڻ جي ڪوشش
ڪري ٿو. ميز تي سندس هٿ گسڪي وڃي ٿو. پيمانو ڇلڪي ٿو پوي ۽ مي
تي مَئي وهڻ ٿي لڳي. وري آٿڙندو ديوار ڏانهن وڃي ٿو. سندس هٿ
فريم تائين پهچي وڃن ٿا، پر هو فريم جي ڏوري ڪِليءَ مان نٿو ڇڏائي
سگهي.

”هون ... هي ڪُتيءَ جو ٿُر رتنو اَچا ڪونه آيو، بيئر وٺڻ ويو آهي
جَوءِ ... ويو آهي. هون ... مان ان ڏوريءَ کي بليڊ سان ڪاٽيندس، ن
ڪئنچيءَ سان، هينئر ئي، هن وقت ... اُ ... ون ... هي رَتنو ڪيڏانهن
مري ويو ...“ ٺيڪ ان ويل گهنٽي وڃي ٿي. انوپ ٺهڪ ڏئي ٿو.

”اَچي ويو زال جو پڙوو ...“ هو در کولڻ لاءِ آٿڙندو، ڪرسين جا سهار
وٺندو، وڏي مشڪل سان در ڏانهن وڌي ٿو ۽ ٻنهي هٿن سان در جو سهار
وٺي، پاڻ سنڀاليندي، در کولي ٿو. ڏاڪڻ تان رتنو بيئر جو ڪريٽ کڻي
ڀاري قدمن سان اَندر داخل ٿئي ٿو.

”تون مردار آهين، ايڏي دير؟ مان سڄو وقت توکي گاريون ڏيند
رهيس.“

”ڪُتي تي جهيڙو ٿي پيو هو.“

”تون ڪوڙو آهين، هيري وٽ سلفي لڳائڻ ويهي رهيو هوندين.“

”ها، يلا سلفيءَ کانسواءِ مزو ڪهڙو. سلفيءَ جو ته مزو ئي پنهنجو آهي
راجاڻ.“

”ڏوڙ مزو آهي، سلفيءَ جو پاڻ ڦوڪٽو آهي ... پاڻ ....“

”سائينءَ جو سوڳند! مون کي ته تو واري روميو جوليٽ سِگار کان ب
سلفي وڌيڪ وڻندي آهي.“ رتنو وڏي مشڪل سان ڪريٽ اَندر کڻي اَچي

کرين! ڇا جي ٻاري ڙي، آنڱوٺي جي ٻاري!“

”خوش رهه ڙي رتنا، خوش رَهه.“

”دعا ڪيي تنهنجي. ڪٿا آهيون تہ پنهنجي خفت ۾.“

کن لاءِ ٻئي وري خاموش ٿي ويڇن ٿا ۽ ٻئي هڪ ساهيءَ گلاس ڏوگهيندا ٿا ويڇن. رتني جي اک ۾ مس مس مَئي چُلڻ لڳي آهي. هو وري گلاسن ۾ ھئنگ ۽ بيئر ٿو پري ۽ ڪنهن سوچ ۾ لڙهندو ٿو وڃي.

”انوپ! ويهارو سال ڪن پراڻي ڳالهه آهي، مون ڪي هڪ گهوڙو وٽي ويو هو، سُرخو. ساڳي راڪيءَ واري اَڏاوت. ڊوڙندي ڊوڙندي اوچتو جڻ زمين ڇڏي ڏيندو هو. ريس ڪورس ۾ جهل نہ ڏيندو هو. مون انهيءَ تان هزارين ڪٽيا، لکين اُڏائي ڇڏيا. ٻنيون گروي رکي ڇڏيم. حيدرآباد، ڪراچيءَ وارا بنگلا بہ کپائي ڇڏيم. اَلائي ڪنهن نياڳي جي نظر لڳي ويئي هيس. اَلائي ان ساسيءَ سان ڪهڙي کُپت ٿيڻ لڳي هئي. آخري راند انهيءَ سُرخي تي ڏهين جي نوٽ سان، مان بيٺ تي کيڏيس. مون کي بہ سؤ رپيا مليا. اهي ٻئي سؤ روپيا مون اُلٽا پلٽا فريم ڪرائي، گهر ۾ رکي ڇڏيا. تو تہ اُهي فريم ٿيل نوٽ ڏٺا بہ آهن.“

”پر تو اڳي تہ اِها ڳالهہ مون سان ڪڏهن بہ ڪانہ ڪئي.“

”اِهي ڪي ڪرڻ جون ڳالهيون آهن، اهي تہ دل ۾ سانڍڻ جون ڳالهيون آهن. هر ڪنهن سان ٿورئي سلبيون آهن.“ رتنو وڏو اونهون ساهہ ٿو پري ۽ گلاس ڏانهن هٿ ٿو وڌائي تہ انوپ جو هٿ سندس گلاس مٿان ڇيو وڃي.

”نہ نہ ....“

”ڇو؟ ....“

”رتنا! اَڄ تمام گهڻو پي ويو آهيان، آنڙي آنڙي ٿو وڃان، پهرين تون منهنجو هڪڙو ڪم ڪر.“

”ڪهڙو؟“

”راڪيءَ جي هيءَ تصوير انهيءَ پِٽ تان لاهي، منهنجي سوٽ ڪيس ۾ رک. ڏس مٿان پيچي رکينس.“

”ايڏي تڪڙو ڇو؟“

جڻ سالن جو اُجايل هجي.

”چوٿين اِها ... چوٿين ... چوٿين اِها نه .... چوٿين ... خبر ناه

چوٿين کهڙي ڳالهه آهي تو ۾.“

”چوٿين ...“ ڪن لاءِ انوپ اَلائي کهڙي پنڪ ۾ اَلوپ ٿي وڃي ٿ

الاهي دير لاءِ ٻئي چپ ٿا رهن.

”پڪو فيصل ڪيو اَٿئي ته تون هِتان هليو ويندين؟“

”ها! ڇا رهي ڪندس هتي. ڇا ڪندس؟ هوُن ... ڇا ... پوءِ ماڻهوءَ جي

معنيٰ ڇا! ...“

ٻئي ڪن لاءِ وري چپ ٿي وڃن ٿا، جڻ اَجاتل، وياڪل. هڪ ٻئي جي

سامهون، هڪ ٻئي کان دور.

”سنو ڪيم نه، راڪيءَ کي پنهنجي هٿن سان شڪست نه ڪارايم.“

”سهڻا! اهي ئي ته تنهنجون ڳالهيون اَسانکي قيد ڪيو وينيون آهن

ڪروڙين ٿا انهن ساسين تان ڪمائين، پوءِ به ڏوکو، جانورن سان ڪُپڻ

...“

”رتنا! خبر ٿئي ٿوري دير پهرين ڇا ٿيو؟ ...“

”ڇا ٿيو؟“ رتني تي به بيئر ٻڏاٽي هٽڱ جا خمار چڙهندا ٿا وڃن.

”جڏهن تون بيئر وٺڻ وئين نه ته ڏسان .... ڏسان ته راڪي منهنج

ڪلهي تي منهن رکيو بيٺو آهي!

منهن تي هٿ ڦيرائڻ لڳوسانس ته ڏسان ته منهنجو هٿ منهنج

پنهنجي ڪلهي تي آهي. راڪي آهي ڪونه.“ اها ڳالهه ڪندي انوپ ڏا

ڏکي ٿي وڃي ٿو.

”ها ڇو نه، نيٺ به ته ساهه وارو ساسي آهي، گهوڙو آهي، لوهه ج

مشين ته ڪانهي جو وسري وڃي.“

”خبر ٿئي، توکان پوءِ ڪمال جو فون آيو هو.“

”ڏِنڊ ۾ هٽينس.“

”ڪيڏي نه ياري هئي. هڪ ئي ڏک سان ڏوئي ڇڏيائينس.“

”ڏس انوپ! ان جو نالو هن محفل ۾ نه وٺ. ڇو ٿو مَڏ جو مزو مڪرو

”چو نہ؟ ....“

”ان لاءِ تہ تون پيتل آهين.“

”آئون ڪڏهن پيتل نہ هوندو آهيان ۽ ڪڏهن هوش ۾ نہ هوندو
آهيان؟“

”چيم نہ، تون پيتل آهين، ٻهڪيل آهين.“

”جيئن تون سمجهہ.“

”تون پاڻ چو نٿو سمجهين، اهو مون کي سنو نٿو لڳي.“

”تون مون کي ٿورڙي آسيس ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهين.“

”... ڪهڙي آسيس؟ سماجي ٻنڌڻ بہ تہ ڪا شيءِ آهن. اَسين سماج
جا جڙيل آهيون.“

”تو پوءِ وچ! سماج ۾ وڃي ڳُهہ ڦِر ... مون وٽ چو آئي آهين، چو
ايندي آهين مون وٽ ... چو؟ ....“

”اهو اَجايو ضد آهي.“

”ها! آئون ضدي تہ ازل کان آهيان ...“ انوپ اُٿي وڃڻ ٿو لڳي.

”نہ وڃ انوپ! تون آتڙي رهيو آهين.“

”۽ تون نشي ۾ نہ هوندي بہ ٻهڪيل آهين، تون آهين ٻهڪيل ... تون
...“

”نہ اَنوپ! نہ وڃ، نہ تہ پوءِ مان اهو ئي سمجهنديس تہ تون بہ مون کي
انهن ماڻهن جيان نيپيئر روڊ جي وئشيا ٿو سمجهين. ها نہ ؟ ...“ اها ڳالهہ
ڪندي رمولا روئڻهارڪي ٿي وڃي ٿي. سندس اکين ۾ وڏا وڏا ڳوڙها
ٽمڪن جيان ٻرڻ لڳن ٿا، ۽ هڪ بي وس ۽ لاچار عورت جيان انوپ ۾
نهاريندي ٿي رهي.

”تون ٻين لاءِ ڇا بہ هجين، مون هميشہ توکي رمولا سمجهيو آهي،
رمولا واسواڻي، مون کي تو مان ويدن وارين وينگس نارين جو واس ايندو
آهي.“

”سچ ٿو چئين انوپ؟“

”ها! شيڪسپيئر جو هڪ شعر مون کي وڻندو آهي تہ آئون ڪوڙ ڳالهائڻ

”رتنا! هاڻي هيءَ پرائي پٽ آهي، ڪاڻ تي اَچي. ڪهڙي خبر نش
۾ مون ڪي ڪا سار ئي نہ رهي، مان راڪيءَ جي اها تصوير وساري وڃان.“
رتنو اُٿي ٿو، رتني جو قد ايترو آهي جو ڏوريءَ جا وَٽ ڇڏائي، تصو
کي پٽ کان آزاد ٿو ڪري ۽ سوٽ ڪيس ۾ وجهي ٿو رکي. اهو سڄو وقت
انوپ ڏانهن اکيون ڇنڀڻ ڪانسواءِ نهاري رهيو هو.
”خوش رهہ رتنا، خوش رهہ.“
رتنو پنهنجي ڪرسيءَ تي ايندي ئي باقي اَڌ گلاس مان سِپ ٿو پري
”پر ڪراچي تہ ڪنهن جي بابي جي نہ آهي؟“
”ها! پر رهڻ لاءِ پٽ جي اوٽ تہ گهرجي نہ، رتنا!“
”ڇو ناهي پٽ جي اوٽ، ڇو ناهي، هوُن ... منهنجو اهو فريم هوا
ٽنگيل تہ نہ آهي. سوڙهہ سَگهوڙ ڪيو پيا هونداسين. منهنجي زال چوندي
آهي تہ تنهنجو هڪڙو ئي دوست آهي ۽ اهو آهي، انوپ.“
”نہ رتنا نہ! انهيءَ کوليءَ ۾ تنهنجو ۽ تنهنجي ٻچن جو مشڪل سا
گذارو آهي.“
اَنوپ جي انهيءَ ڳالهہ تي رتنو ڳِيٽ سان سڄو گلاس خالي ڪري، م
تي اونڌو ڪري ٿو ڇڏي ۽ ڪرسيءَ تان اُٿي کڙو ٿئي ٿو ۽ کيسي ۾ هٿ
وجهي، ٽي سؤ سؤ جا ۽ ڪجهہ ڏهين جا نوٽ ڪڍي انوپ ڏانهن وڌائي ٿو.
”هي شراب مان بچيا آهن.“
”اهي تون رک.“
”او ڪي ...“
”باءِ ...“
رتنو هليو ٿو وڃي، در آٽوميٽيڪلي بند ٿي وڃي ٿو. انوپ تنها پيئند
ٿو رهي. انوپ کي وري اِئين ٿو محسوس ٿئي، راڪيءَ سندس ڪلهي تي
منهن رکيو آهي.
پوءِ اوچتو رمولا اُجاگر ٿئي ٿي. رمولا ڳاڙهي ساڙهيءَ ۾ ويڙهيل آهي
نئين ڪنوار جيان.
”نہ ....“

ي هفتي راڪيءَ کي ڪتائيندا سين.“

”اوهان ... اوهان ته اِئين پيا چئو ڄڻ راڪيءَ جي جڳهه تي اوهين ڻ ٻوڙندا. ٽاڪڙ ٽاڪڙ ٽاڪڙ ....“

”چا پيو چئين انوپ. خير، تون نشي ۾ آهين.“

”مان هوش ۾ آهيان سيٺ. مون لاءِ جانور پلاسٽڪ يا ٽين جو رانديڪو آهن، جڏهن مرضي اَچي ڪتائي ڇڏ، جڏهن مرضي اَچي هارائي ڇڏ.“

”او هو انوپ! تون ڳالهه کي سمجهين ڇو نه پيو. هي جُوئا آهي، تمام ي جوئا. ان ۾ ائين ڪرڻو پوندو آهي. It's a technical Gambling.“

”ها سيٺ! مان جُوئا کي نٿو سمجهي سگهان. ان لاءِ ته پهرين مان هسوار، پوءِ ٻيو ڪجهه آهيان. تو وٽ پئسا آهن، مون ڪان وڌيڪ هلڪا ڦلڪا هين جاڳي توکي ملي ويندا. منهنجي وسعت ئي ڪهڙي آهي. مون پڪو بصل ڪيو آهي ته مان هتان هليو ويندس.“ ايترو چئي هو جواب جو نتظار ڪرڻ کانسواءِ فون رکي ڇڏي. گهنٽي بار بار وڄي ٿي، پر هو کريدل نٿو کڻي. گهنٽيءَ جو آواز هٿوڙن جيان سندس ذهن تي لڳندو ٿو هي. هو فون کي پٽي، تار ڊسڪنيڪٽ ڪري ٿو ڇڏي، ۽ آٽڙندو، ٽيبل ان اُلجهندو، وري ڪرسيءَ تي ويهي ٿو ۽ پيئڻ ٿو لڳي.

”هنيومانس جُوتو، بانسري ئي ختم، قصو ئي ختم. سڀ ڪجهه ختم، تم ختم ختم ...“ اهو چوندي هن جي چهري تي وڏي آجڪائي هلجندي ٿي وڃي. جيئن هو ڏاڍو ريليڪس محسوس ڪري رهيو هجي.

(سارنگا - 2009/8-7)

جي جرئت به نٿو ڪري سگهان. I dare not falser سمجهئي ... مون
تائين پنهنجي گهوڙن سان ويساهه گهاتي نه ڪئي آهي. ڪنهن به گهو
ڪي جاٽي واٽي نه هارايو آهي!! جڏهن ته ريس ڪورس ۾ اِئين ٿيندو آه
ان جُوئا ۾ اِئين ڪرٽو پوندو آهي.''

''مون کي خبر آهي انوپ، تڏهن ئي ته تو وٽ پنهنجي ڪار، پنهن
بنگلو نه آهي.'' رمولا وڏي ٻئي ٻانهون انوپ جي ڪلهن تي رکي ڇڏي.

''هڪ ڳالهه وان؟''

''چئه ....''

''شادي ڪندين مون سان؟''

''نه ....'' نوپ نشي ۾ ڏاڍل عجيب نظرن سان رمولا ۾ ٿو نهار
نهاريندو ٿو رهي.

''ڇو؟! ....''

''ان لاءِ ته شاديءَ ۾ منهنجو وشواس نه آهي.''

''اِئين ڇو نٿو چئين ته تون هڪ وئشيا جو ننگو بدن قبول ڪرڻ لاءِ تي
آهين، پر نڪاح نامو نه.''

''چيم ته نه، مان ڪوڙ ڳالهائڻ جي جرئت به نٿو ڪري سگهان. توک
مون تي يقين ڇو نه پيو اَچي ته آئون نڪاح ڪانسواءِ سڄي ڄمار توسان س
رهندس ... نيٺ منهنجي تنهنجي وچ ۾ هو غليظ پنڊت ڇو اَچي، جو مان
ڪائڻ ڪان پوءِ ٻوڙ وارا هٿ پنهنجي ڌوتيءَ سان اگهي ... گڊ باءِ ...'' ۽ پ
رمولا جي روڪڻ جي باوجود به هو آٿڙندو اُتان هليو ويو هو.

مڌ پيئندي، انوپ کي اِئين ٿو ڀاسي ڄڻ هو زهر پي رهيو آه
هڪيءَ تائين ڦُن ۾ آڳ پرجي وئي آهي. فون جي گهنٽي بار بار وڄندي
رهي. هو بي خوديءَ ۾ وينو فون ۾ نهاري رهيو هو. ''شايد رمولا هجي ...
ڪريڊل کڻي ٿو.

''هيلو ...''

''انوپ! تو فون ڇو نه پئي کنيو؟''

انوپ ڪوبه جواب نٿو ڏئي.

''ڏس انوپ! هاٽي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ختم. منهنجو توسان وڇن آهي

سنهيون ڪاٺيون ڏسي الائجي ڪهڙي سرشاريءَ وچان ڪين سڏ ڪري
و، ”هاڻ ڏڪ ٻوڙ ختم، هي ڪاٺيون مائيڪ سمجهو ۽ سامهون وينل انڪل
ي اِنٽرويو ڪريو. ٻالڪ، علي، حسنين ۽ آدريان حڪم جي پوئواري ڪندي
مهون واري دڪيءَ تي وينل پيءُ جي رولاڪ دوست اڳيان صحافين وانگر
ي ويا. علي ۽ آدريان ٿورا وڏڙا باقي حسنين ڪاٺئن ننڍڙو هو.
”توهان جو نالو ڇا آهي ۽ ڇا ڪندا آهيو؟“
”.....“
”توهان کي ٽئنڪ ۽ راڪيٽ لانچر هلائڻ اچي.“ آدريان سوال ڪيو.
”نہ“
”اِنٽرنيٽ چيٽنگ؟“
”نہ“
”اڙي انڪل، توهان کي تہ ڪجهہ نٿو اچي!؟“ آدريان جو لهجو
Cadbu چاڪليٽ جهڙو وٽندڙ هو.
”توهان PSP گيم هلائي ڄاڻو؟“ عليءَ سوال پڇيو.
”نہ.“
علي ۽ آدريان جي معصوم مُکن تي حيرت جا رنگ هئا.
”توهان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڇو ايندا آهيو؟“ عليءَ ساهہ کڻي
ڇيو.
”رُلڻ ۽ وِڪرڻ“ جواب ڏيندي، هُن جي نگاهن ڏٺو، روڊ جي ٻيءَ پر
يم ٻڙ جي وڻن جا پَن ڇڻي، گرلز هاسٽل جي چيڱڙين جي مُکن تان
ڪندا، سندن جاگرز جي لتڙ ۾ پئي آيا.
”توهان ڇو ٿا رُلو؟“ آدريان واري سان پڇيو.
”چُمڻ لاءِ“
”ڇا ٿا چُمو، پير يا هٿ؟!“ آدريان جي ڳلن تي مُرڪ ڇانيل هئي.
هُن ڪجهہ ڪونہ ڪڇيو. چُپ، جهڙو پِٽ!
”چاچا، ڇا ٿا چُمڻ چاهيو؟“ آدريان ايلازُ ڪيو.
هر معصوم ٻار جي ايلاز ۾ پنهنجن معصوم ٻارن جا ايلاز ۽ انگل ياد
دا آهن.

کهاڻي -

# گُلاب هٿن ۾ سُڪيو وڃن

• پير عبيد راشد

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ جڏهن ايوننگ ڪلاس سسپينڊ ٿيندا آهن
ستارا ۽ چنڊ شاگردن جي ياڻن جو ڏيوان ٿي پوندا آهن، تڏهن انهيءَ وق
اسٽاف ڪالونيءَ جا پروفيسر، مئڊمون ۽ گرلس هاسٽل جون ڇوڪريون، وا
ڪرڻ ۽ ڪالونيءَ وارن اسٽورن تان ضرورت جو وکر وٺڻ لاءِ نڪرنديون آه
تڏهن انهيءَ وقت ٽيچرز فليٽ جي اولهندي گيٽ تي ٻه دوست هميش
لاءِ ويٺل هوندا آهن. هڪ کي شارٽس ۽ ٽي شرٽ ۽ ڳچيءَ ۾ ١.٥ جو چش
تعويذ وانگر ٽنگيل هوندو آهي، ٻئي دوست کي گهڻو ڪري شلوار قميص پ
هوندي آهي، ڪڏهن ته ڪيس فل سوٽ ۽ ٽاءِ به پاتل هوندي آهي
ٽوٽي جو ڪيس فل سوٽ سونهندو پيو آهي، پر ڪيس اهو ڳرو محسوس ٿين
آهي. ڪيس ڪراچيءَ جي فضائن ۾ رهندي ٽيهارو سال ٿي ويا هوندا، تڏه
به مٿس ڪراچيءَ جي جُڙتو گدلي فضا جو رنگ چڙهي نه سگهيو آهي.
جي روح تي سرڪار سائين شاهه صدر رحہ لڪيءَ جي پاڪ خاڪ جو خُم
چڙهيل آهي. ڪراچيءَ ۾ پڙهندي ۽ پڙهائيندي ورهيه گذري ويا آٿس
تڏهن به مٿس ڪوڙو شهري ڏيک ويک چڙهي نه سگهيو آهي. هميشه س
چوندو. انهيءَ ڳالهه جي ڪري ڪالهه جا دوست، اڄ جا دشمن ٿي پون
اٿس. دوستن جي بيوفائيءَ تي گهڙيءَ ڪن لاءِ پريشان به ٿيندو، پر پوءِ
فڪريءَ جا ٺهڪ ڏيندو. دوستن مان هڪ رولاڪ، جيڪو سندس جوين ز
جو دوست آهي، سو به ڪڏهن اچي ويهندو آهي. رات جو جنه
وقت هوءَ ٽيچرز فليٽس جي اولهندي گيٽ تي ويهندا آهن، تڏهن سند
بارڙا ڏُڪ ڊوڙ ڪندي، جڻ پوپٽن ۽ گُڙڪيئڙن وانگر اُڏامندي پيا آهن
بارڙن کي هيئج ۽ بي فڪريءَ مان راند ڪندي ڏسي، هنن کي چ
جهوليءَ ۾ ڪرڻ وارو وقت ياد پوندو آهي.

انهيءَ رات جڏهن دوستن گيٽ تي ڪچهري ٻئي ڪئي ۽ بارڙ
راند، تڏهن ان وقت روڊ جي ٻئي پاسي قديم ٻڙ جي وڻن هوائن تي جُهل
ناڙيون ٿي وڃنيون. شارٽس ۽ ٽي شرٽ پهريل دوست، بارڙن جي نازڪ هٿ

# دادوُ

• ڪلا پرڪاش

رتيءَ جي لنچ باڪس جيئن جو تيئن پريل ڏسي، ڏاڏيءَ عجب مان
پڇيو : رتو پٽ! تو اَڄ رسيس ۾ ماني نہ کاڌي آهي، ڇو؟ اَٺن سالن جي
رتي، جيڪا اَڄا هينئر ئي اِسڪول مان موٽي هئي، تنهن اوٻاسي ڏيندي
وراڻيو، ”نہ پيئي وڻي، ماني.“

”ماني نہ پيئي وڻي ... ڇو؟ ٺيڪ تہ آهين نہ؟“

ڏاڏيءَ رتيءَ جي ڳِچيءَ کي هٿ لائي ڏٺو، متان ڪِٿي بخار هجي، پر
رتيءَ جا لڱ ٺيڪ هئا.

رتي، اِسڪول يونيفارم لاهي بيو فراڪ پهرڻ لڳي. بيلٽ، بئج وغيره
لاهي اِسڪول واري ڪتابن جي ٿيلهي ۾ وجهي رهي هئي تہ ڏاڏيس وري
پڇيو، ”مان ماني گرم ڪري ٿي اَچان. هٿ منهن ڌوئي اَچي کاءُ، جيترو
کائيندين.“

رتيءَ کي ڏاڏيءَ جو آواز جڻ ڪنين ئي نہ پيو. هوءَ هٿ منهن ڌوئي
اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهي. هن کي هر هر پنهنجي اِسڪول جي
ساهيڙيءَ نينا جا لفظ ياد اَچي رهيا هئا. هن کان اَڳ نينا ڪڏهن بہ اَهڙي
ڳالهہ نہ ڇيڙي هئي.

اَڄ رسيس مهل رتي لنچ باڪس کولڻ کان اَڳ ئي نينا کي پنهنجي
دادوءَ بابت ڪجهہ ٻڌائڻ شروع ڪيو. چيائينس، ”نينا ... نينا .... توکي
خبر آهي منهنجو دادوُ (ڏاڏو) ايڏو بهادر آهي جو ڪالهہ گهر ۾ هڪ وڏو ڦلهو
ڪوئو آيو تہ هُن پنهنجي بوٽ جي پادر سان، اُن ڪوئي کي ماري ڇڏيو.“

نينا هر روز رتوءَ جي زبان مان سندس دادوءَ بابت ڪجهہ نہ ڪجهہ
ٻڌندي هئي. هوءَ يا تہ ڪو جواب نہ ڏيندي هئي، يا رتوءَ کي پنهنجي پپا
بابت ڪا اَهڙي ڳالهہ ٻڌائيندي هئي، جيڪا ڪجهہ قدر رتوءَ جي ڏاڏي
واري ڳالهہ سان ميل کائيندي هجي.

ٻہ ٽي هفتا اَڳ جي ڳالهہ آهي. ڪلاس ٽيچر ٽِڪي جو ڪوڙو ياد ڪرڻ
لاءِ چيو هو. نينا بہ ڏينهن چڱي ڪوشش ڪئي، پر کيس ڪوڙو پڪو ياد نہ ٿيو

”متي“

”متي!؟“ آدريان ۽ عليءَ جي ٿڪن جي پنيان، حسنين جا ٻـ ٿه
چوڌطرف پڙاڏجي ويا.

علي، ڪجهہ پڇڻ لاءِ چپ چوريا مس، تہ پيءُ ڪيس سڏي ڪنن
ڪجهہ چيو.

”شايد تخليقڪار جي ڇُمي اثرائتي ٿئي ٿي. شايد متي ڇَمڻ سا
ڪجهہ جُڙي پوندو هوندو؟“ عليءَ، پيءُ وٽان بيٺي سوال ڪيو.

”ڪيئي ڪهاڻيون ۽ نظم وجود جي ديوار تي فريم ٿي ويندا آهن.“
آدريان وٽ سوال کُٽي ويا هئا.

پيءُ کي ڏسڻ لڳو. پيءُ سڏي ڪيس سوال سمجهايا.

آدريان ٽَپ ڏيندو ڪاٽي جهلي اَچي وري سوال ڪيس، ”توهان ک
گلاب پٽڻ ايندا آهن؟“

آدريان جي تيز سوال تي هوُ ڇرڪي پيو، لمحي لاءِ ترسي هُن چيو
”هميشهہ گلاب پٽيندو آهيان، پر هٿن ۾ سُڪيو وڃن!“ هُن جواب ڏئي پو
ڪيو تہ ڪيس ڪنگهہ اَچي سوڙهو ڪيو، اَڌ ساهہ اَندر اَڌ ٻاهر، دوڏا نڪري آ
هئس، هوُ ڪنگهندو رهيو.

شارٽس ۽ ٽي شرٽ وارو دوست ٽڪڙو وڃي، پريان بيٺل ڪار مان منر
جي بوتل کڻي هٿن ۾ ڏنس. ٻاٽي ڍُڪ پي سامت ۾ آيو ۽ وري ڪنگهہ ورائي
ويس.

پريان سندس دوستن مان ڪنهن هڪ ٽِلندي چيس، ”اَڄ توکي ٻارن
ڪنگهائي ڇڏيو، اَهڙو تہ ڪميشن جو امتحان ڏيڻ وقت بہ ميمبر ڪون
ڪنگهايو هوندءِ.“

(اَمرتا - جنوري فيبروري 2010

ﮧﮧﮧ

”اِئين ئي ... ياد ڪرڻ بنا!“، نينا روئي چيو، Learn ڪرڻ کان سواءِ
يئڙ؟ تڏهن به ٽيچر توکي نوَ مارڪون ڏنيون ۽ مون ته Learn به ڪيو پوءِ به
ن کي چار مارڪون .....
نينا روئندي روئندي پنهنجن ڪتابن جو ٿيلهو کڻي بينچ تان اُٿڻ
ي. رتيءَ پڇيس، ”ڪٿي ٿي وڃين؟“
نينا چيو، ”مان توسان گڏ نه ويهنديس. مون کي اَلڳ بينچ تي ويهڻو
ي.“
رتيءَ چيو، ”پر ٽيچر کان موڪل ته وٺ.“
نينا پنهنجو ٿيلهو واپس رکيو. هن کي اِها ڳالهه سمجهه ۾ آئي ته
يچر جي موڪل کانسواءِ هوءَ ٻيءَ ڪنهن بينچ تي نه ٿي ويهي سگهي.
رسيس پوري ٿيڻ تي هئي. ڪلاس جا جيڪي شاگرد گهر مان لنچ
ڪس نه کڻي آيا هئا، سي ٻاهر وڃي سئنڊوچ يا ويفرس وغيره کائي، ٿوري
ند ڪري موٽي رهيا هئا. ڪن جي گهر مان ڪوئي آيو هو ته ڪن ڪئنٽين
ان پنهنجي دلپسند شيءِ وٺي کاڌي. هو کلندي خوش ٿيندي ڪلاس ۾
هڙيا ته نينا کي روئندو ڏسي ميڙاڪو ڪري اَچي نينا کان پڇڻ لڳا، ”ڇو
ينا، ڇو ٿي روئين؟“
هنن جي سوال پڇڻ تي نينا وڌيڪ روئڻ لڳي. هوءَ ڪجهه ڳالهائي نه
گهي. ايتري ۾ رسيس پوري ٿيڻ جو گهنڊ وڳو. ايڪڙ ٻيڪڙ شاگرد جيڪي
هر هئا سي به ڪلاس ۾ موٽي آيا.
نينا به رومال سان پنهنجا ڳوڙها اُگهي چپ چاپ بينچ تي سڌي ٿي
ئي.
ڏاڏي مُنجهي پيئي هئي. رتوءَ کي اسڪول مان موٽئي ڪلاڪ مُنو ٿي
و هو ته به هوءَ کائڻ جو نالو نه پيئي وٺي ۽ نه ئي نيم موجب بلڊنگ جي
ڪمپائونڊ ۾ ساهيڙين سان راند ڪرڻ وڃي.
ڏاڏيءَ ننيڙي رتوءَ کي ريجهائڻ جي خيال کان چيو، ”اَڙي رتو!
هڙيال ۾ وقت ڏس گهڻو ٿيو آهي؟“ پوءِ پاڻ ئي چيائين، ”پوڻا ست -
اٽي تنهنجي مميءَ جي اَچڻ ۾ منو ڪلاڪ پيو آهي. پوءِ ته رِتو خوش. پلا
مي جو آفيس مان اَچي ويندي.“

هو. ٽيچر کيس ڪنڊ ۾، پٺ پاسي منهن ڪري بيهڻ جي سزا ڏني هئي.

اُن ڏينهن ٻئي ٻارڙيون رسيس ۾ لنچ باڪس کولڻ تي هيون تہ رتو
چيو، ”نينا! منهنجي دادوءَ مون کي ٽِڪي جو ڪوڙو راند ۾ ياد ڪرايو.“

نينا کي ڪوڙو ياد نہ هئڻ سبب ٽيچر سزا ڏني هئي، اُها ڪا هن ل
وڏي ڳالهہ نہ هئي .... اِئين تہ اَنوءَ کي .... ڪئلاش کي بہ ڪوڙو ياد نہ ڪر
سبب سزا ملي هئي، پر رتوءَ جڏهن نينا کي اِهو ٻڌايو تہ ڏاڏي کيس
ڪيئن ڪوڙو ياد ڪرايو، تڏهن نينا جي هٿن مان ڄڻ ڪجهہ ڪِري پيو هو.

دادوءَ چيو : رتو، تون نوڙيءَ سان ٽپا ڏي. ٽي ٽي ٽپا ڏيڻ ڪانپوءِ ساهي
پٽ - ۽ ڪوڙو چوندي وڃ، مون سان گڏ ....

نينا کي ڪنهن بہ ڪوڙو ياد نہ ڪرايو هو. نہ هوءَ ڪا اَهڙي ڳالهہ دل مار
ٿاهي سگهي جا کيس ٻڌائي سگهي. ٻِڪي جو ڪوڙو هن پاڻيهي ياد ڪيو هو
پر ٽِڪي جو ڪوڙو ياد ئي نہ پيس!

نينا اِن ڳالهہ کي اَجا وساري نہ سگهي هئي تہ وري ٻي ڳالهہ ٿي. ٽيچ
ڪلاس ۾ بہ پئراگراف لکڻ سيکاريا. هڪ ”گارڊن“ ٻيو ”ماءِ پيرينٽس“
هفتي کن اَندر ٽيچر ٽيسٽ ورتي. بورڊ تي لکيائين : گارڊن يا ما
پيرينٽس.

نينا وائڙي ٿي ويئي، جڏهن هن کي خبر پيئي تہ رتيءَ جهڙ
”گارڊن“ تي پئراگراف لکي ورتي. کيس ڏهن مان نوَ مارڪون مليون! نين
”ماءِ گرانڊ پيرينٽس“ تي پئراگراف لکيو تہ کيس ڏهن مان چار مارڪون
مليون. اُن ڏينهن پنهنجون مارڪون رتيءَ جي مارڪن کان هيٺيون گهٽ
ڏسي، نينا جي اَکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. وڏي ڳالهہ تہ نينا کي پڪ هئي ت
رتي ماءِ گرانڊ پيرينٽس تي پئراگراف لکندي. هن گارڊن تي پئراگراف
اَلائي ڇو لکي. نينا جي اَندر ۾ ڏاڍي مونجهہ ٿيڻ لڳي.

رتيءَ نوَ مارڪون کڻڻ جي خوشيءَ ۾ نينا کي ٻڌايو : خبر اَٿيئي داد
مون کي باغ ۾ وٺي هليو. بينچ تي وڃي ويهاسين. دادوءَ چيو، چوڌاري ڏسي
ٻڌاءِ توکي ڇا ڇا ٿو ڏسڻ اَچي. هاڻي، اُهو سڀ ويهي ڪاپيءَ ۾ لک. پو
دادوءُ باغ ۾ پنڌ ڪرڻ لڳو. مان گارڊن تي پئراگراف لکڻ لڳيس. مون تہ ياد
بہ نہ ڪيو هو. ٽيسٽ ۾ اِئين ئي لکيم گارڊن تي پئراگراف.

رتوءَ وراڻيو، ”امّا ... مان روئان پيئي ته مان ڪوڙي نه آهيان. منهنجو
ادوُ سچ پچ بهادر آهي ته وري ڪئلاش آهي نه ڪئلاش ... هو چوڻين بينچ
ي وهندو آهي ’هو چوي پيو ته دادوُ Old Men's Home (ٻڍا گهر) ۾ رهندا
هن. اُهي گهر ۾ نه رهندا آهن - بهادر به نه ٿيندا آهن. رتو ڪوڙ ٿي
الهائي.“

نينا ۽ ڪئلاش نه رڳو رتوءَ کي ڪوڙي سڏيو هو پر مٿس خوب کليو به
و.

ڏاڏي ڳالهه سمجهي، پوٽيءَ کي گوڏي تي وهاري چيو، ”ويچاري نينا
ي ڏاڏو هوندو ئي نه - ۽ ڪئلاش جو ڏاڏو ٻڍا آشرم ۾ رهندو هوندو. هو
ئي ڪيئن سمجهندا ته دادوُ بهادر ٿيندو آهي. ڪوئو ماري سگهندو آهي
..“

پوءِ ڏاڏي پنهنجي ڳالهه سُريلي ٻڌائيندي چيو، ”منهنجي رتو ته
وش نصيب آهي. Lucky girl. توکي دادوُ آهي. توسان هن گهر ۾ رهندو
هي. آهي نه سچي ڳالهه؟ رتو ته سچ ٿي ڳالهائي.“

ڏاڏي ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. رتو به ڏاڏيءَ سان ٽهڪن ۾ شامل ٿي
ئي.

ٿوريءَ دير بعد ڏاڏهنس ٻئي روم مان واپس اَچي ڏٺو ته ميز تي
کيل لنچ باڪس خالي پيو هو ۽ رتو گهر جو دروازو اَڌ ڀيڪڙيل ڇڏي راند
رڻ هلي ويئي هئي.

ماءُ جو ذڪر ٻڌي بہ، رتوءَ جي چهري تي رونق نہ آئي. هونءَ تہ م
جي آفيس مان موٽڻ جي ڳالهہ ڪيس جهومائي ڇڏيندي آهي. ممي ايندي
اَچي ڪيس ڳلي لڳائيندي، شايد رتوءَ لاءِ ايڪليئر يا ڪئڊبري چاڪليٽ
آڻي! هوءَ چاڪليٽ کائيندي، ماءُ جي پنيان پنيان ڦرندي، اَنيڪ ڳالهيو
ڪندي ....

ممي! تون اَڄ سائي رنگ جي ساڙهي پائي ويئينءَ؟

ممي تنهنجي پرس ڪوليان؟

تنهنجو ميرو رومال ڌوئڻ ۾ وجهان؟ وغيره وغيره ....

ڏاڏي ٻانهي ويئي آهي تہ اَڄ سندس پوٽيءَ جو من مُرجهايل آهي.

اِسڪول ۾ ڪا اَڻ وڻندڙ ڳالهہ تي هوندي. رتوءَ جو ڪنهن بہ ڳالهہ
ڏيان نہ آهي. هوءَ رکي رکي اوباسي ڏيئي رهي آهي.

نيٺ ڏاڏيءَ، پوٽيءَ جو هٿ پڪڙي چيو، ”رتو! تنهنجي جنم ڏن تي
مون ڊانس ڪئي نہ توسان ... تنهنجي ساهيڙين وانگر؟“

رتوءَ جي چپن تي هلڪي مُرڪ آئي. چيائين، ”ها، اَما ....“

”تہ مان تنهنجي ساهيڙي ٿيس نہ؟ ساهيڙين کي سڀ ٻڌائبو آهي
ٻڌاءِ اِسڪول ۾ ڇا ٿيو؟ اَڄ ٽيچر توتي غصو ڪيو ڇا؟ يا ڪنهن ساهيڙي
سان جهڳڙو ٿيو اَٿيئي ڇا؟“

رتوءَ ڏاڏيءَ جي هٿ مان هٿ ڇڏائي چيو، ”اِسڪول ۾ جيڪا ني
آهي نہ .....“

ڏاڏيءَ سندس ڪاڏي چُمي چيو، ”اُها ئي نينا نہ جيڪا توسان گ
بينچ تي وهندي آهي؟“

”ها ... اَما، مون نينا کي چيو تہ منهنجو دادوُ بهادر آهي ۽ هُن ڪاله
هڪ وڏو ڪوئو بوٽ جي ٻادر سان ماري ڇڏيو.“

”اِها تہ سچي ڳالهہ آهي،“ ڏاڏيءَ اُتساه مان چيو.

”پر نينا چوي ٿي تہ تون ڪوڙ ٿي ڳالهائين. دادوُ تہ ٻڌو ٿيندو آهي
هو ڪوئي کي ڪيئن ماريندو؟ اَسان جي گهر ۾ ڪوئي کي منهنجي پ
ماريو. پپا بهادر ٿيندا آهن.“

”پوءِ تو ڇا چيس؟“

ند ڏسبي آهي ۽ هن جو عشق! ڇا ڇئجي.
هن جو عشق، علم سان، اَدب سان، عقل سان، ساڃاهه سان، روشنيءَ
ان، روشن خياليءَ سان، روشن ضميريءَ سان. هن جو عشق قلم سان،
عتاب سان، آدرشن سان، خوابن سان ۽ انهن سپني جي محور سنڌ سان.
نڌ! جيڪا هن جي خوابن جي ساڀيان آهي، آزاد خوشحال سنڌ! جنهن
ي آجپي ۽ خوشحاليءَ لاءِ هن پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي،
ن سنڌ جي تصور سان سندس عشق اَڄ به جوان آهي.
ها! هوُ ٻيڍڙو ٿي ويو آهي، پر پنهنجي جوان عشق سان اَڄ به پنهنجي
ستي تي روان آهي. رستو جيڪو روشنيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي. روشني،
جيڪا علم جي روشني آهي، جيڪا ساڃاهه ۽ ڏاهپ جي روشني آهي،
جنهن لاءِ پنهنجو رت، ڏيئن ۾ ٻاري هُن روشني ڪئي هئي ۽ اُن روشنيءَ ۾
ڪيترن ئي نوجوانن پنهنجون منزلون ماڻيون؛ پر هن جي منزل ته اَڃا پري
هي.
هن جي منزل هن جي خوابن جي خوشحال، نئين سنڌ!
هن جو پهريون ۽ آخري عشق!
هن جو عشق جنهن جي ڪرشمي، سنڌي ادبي بورڊ ۾ روشني ڪئي،
سنڌ مدرسي ۾ روشني ڪئي، سنڌي اَدبي سنگت ۾ روشني ڪئي، سنڌي
اديبن جي سهڪاري سنگت ۾ روشني ڪئي، سنڌي لئنگيج اٿارٽيءَ ۾
وشني ڪئي ۽ سنڌ جي انهن سپني رستن تي روشني ڪئي، جتان جتان
ن جي علم ۽ ڏاهپ جو گذر ٿيو. هن سنڌ جي انهن سپني واهڻن ۽ وستين
ي روشن ڪيو، جتي هن جي نوُر ڀري نظر پهتي.
اهو هن جي عشق جو ئي ڪرشمو هئو، جو هن جنهن کي ڇُهيو، اَهو
سونُ ٿي پيو ۽ اَهڙا سياڻا سوَن ورنا شخص، سنڌ جي ڪند ڪڙڇ ۾ اَڻ ڳڻيا
هن؛ جيڪي سندس ٻاريل جوت کي اَڃا جيئاريندا اَچن! اهو هن جي ئي
شق جو ڪرشمو هو، جنهن اياز کان اعجاز منگيءَ تائين سندن دلين ۽
ماغن ۾ هڪ نئون ٻارڻ ٻاريو، جنهن سنڌ ۾ نئين شعور جي لاٽ روشن
ڪئي.
اَڄ جڏهن نظر ڊوڙائجي ٿي، ته ڪراچيءَ کان ڪوهاٽ تائين هن جي

مضمون-

# عشق بُڊو نہ ٿيندو آهي

## (سائين محمد ابراهيم جويي کي ڀيٽا)

• رڪيل مورائ

چوراڻوي سال ٻہ تہ عمر آهي ؛

ها! پر هو هاڻ سچ پچ ٻڍڙو ٿي ويو آهي.

سندس مرڪ، جيڪا هزارين محبوبائن جي مُرڪن کان وڌيڪ موهيندڙ آهي. سندس مرڪ جيڪا معصوم ۽ مقدس آهي، جنهن ۾ بي اِنتها پيار ۽ پنهنجائپ آهي، سندس مرڪ، جنهن ۾ سچائي، سادگي نئهڻ اُس ۾ گهاٽي وڻ جهڙي ڇانوَ آهي. مرڪ - سرمد کي اپيچند جي مرڪ جهڙي محسوس ٿيندڙ مرڪ، آٿت ۽ اتساه ڏيندڙ مرڪ، گهنگهور گهٽائن جيئان آسمان مان ڇڻندڙ ٿڌڙي ڦوهاڙي جهڙي مرڪ - ميران جي پريم ۽ ڪبير جي انسان دوستيءَ جهڙي مرڪ - ماءُ جي مامتا ۽ پيءُ جي پاٻوه جهڙي مرڪ - روپلي جي هڪل جهڙي ارڏي ۽ اڏول مرڪ، ڪارونجهر جي ڪور تي مينهوڳيءَ جي مند ۾ اُڏامندڙ مورن جي پرن جهڙي حسين دلڪش مرڪ، زندگيءَ سان ڀرپور مرڪ، مارئيءَ جي مقدس پٽي جهڙي مرڪ - سسئيءَ جي سوُرهيائيءَ جهڙي مرڪ، سورٺ جي سونهن ۽ مومل جي مجاز جهڙي مرڪ، هن جي سڀاجهڙي چهري تي ان وقت تري ايندي آهي، جنهن وقت هن سان ملبو آهي ۽ جڏهن هن سان هٿ ملائبو آهي؛ ان جي گرمجوشي زندگيءَ ۾ ايمان تازو ڪري ڇڏيندو آهي.

شايد تنوير عباسي صاحب هن شخص لاءِ ئي لکيو هو تہ ؛

"مون جڏهن توکي ڏٺو،

زندگيءَ ۾ ٿي ويو ايمان تازو!

ان شخص جو نالو محمد ابراهيم جويو آهي.

هن سان ملڻ وقت زندگيءَ ۾ ايمان تازو ٿيندو آهي ۽ هن جا ڪتاب پڙهڻ وقت دماغ تازو توانو ٿيندو آهي. هن جي اکين ۾ هڪ ئي وقت عيسيٰ کان وٺي ايم اين راءِ - پائلوفراري کان اسٽيفن زويگ تائين، دنيا جا ڪيئي روشن خيال مفڪر مرڪندي نظر ايندا آهن. هن جي سِٽ سِٽ مان

اَهڙو ٻيڙو، جهڙو مهاتما گانڌي هو،
اَهڙو ٻيڙو، جهڙو سائين جي ايم سيد هو.
اَهڙو ٻيڙو، جهڙو مينهن نہ وسڻ ڪري ٿر ٿيندو آهي ۽ جڏهن برسات وڙڪون ڪري وسندي آهي تہ وري جوان ٿي پوندو آهي.

ها هو سچ پچ هاڻ ٻيڙو ٿي ويو آهي،
پر ياد رکڻ گهرجي تہ
سندس عشق اَڃا ٻيڙو نہ ٿيو آهي،
ڇو تہ اهو عشق، سنڌ سان آهي ۽ سنڌ بہ اَڃا ٻيڙي نہ ٿي آهي ۽ اهو بہ ـہ اهو عشق محمد ابراهيم جويي جو آهي.

(اَمرتا - جولاءِ ٢٠٠٩)

• گارشيا مارڪئز

آئون مترجمن جي عزت ڪندو آهيان. سواءِ انهن مترجمن جي، جيڪي سمجهاڻيءَ لاءِ فوٽ نوٽ هڻندا آهن. اَهڙي قسم جا مترجم پڙهندڙن کي اَهڙيون ڳالهيون سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، جيڪي ليکڪ ڄاڻايون ئي نہ هونديون آهن. ترجمو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هڪ تہ مترجم کي نہ داد ملندو آهي ۽ نہ ئي وري ايترو پئسو. اصل ۾ سٺو ترجمو اهو آهي، جنهن ۾ اصل لکڻيءَ کي ٻيهر تخليق ڪجي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو آئون گرگلويري راباسا جي تمام گهڻي عزت ڪندو آهيان. منهنجا ڪتاب ايڪويهن ٻولين ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن، پر راباسا واحد مترجم آهي، جيڪو پنهنجا فوٽ نوٽ هڻي پڙهندڙن کي نہ سمجهائيندو آهي. منهنجي خيال ۾ انگريزيءَ ۾ منهنجين لکڻين کي ٻيهر تخليق ڪيو ويو آهي. ڪتاب جا ڪيترائي اَهڙا حصا هوندا آهن، جن کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. ماڻهو اِئين سمجهندا آهن تہ مترجم ڪتاب پڙهندو آهي ۽ پوءِ پنهنجي دماغ تي زور ڏيئي ياد ڪري پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ لکندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو آئون مترجمن جي عزت ڪندو آهيان. مترجم دانشور هئڻ جي بدران تخليقڪار هوندا آهن. نہ رڳو پبلشر کين گهٽ پئسا ڏيندا آهن، پر کين تخليقڪار بہ نہ سمجهندا آهن. ڪيترائي اَهڙا ڪتاب آهن، جيڪي آئون پاڻ اسپينش ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ گهران ٿو، پر انهن ۾ ايڏي ئي محنت ڪرڻي پوندي، جيتري پنهنجي ڪتاب لکڻ ۾. ۽ پوءِ ايترا پئسا بہ نہ ملندا، جو آئون پنهنجو پيٽ پري سگهان.

(سارنگا - ٢٠٠٩)

علم ۽ اَدب واري عشق جون ادائون جرڪندي نظر اَچن ٿيون. هُن ج
عشق جي ڪرشمن ئي سنڌ کي ”سيو سنڌ، سيو سب ڪانٽيننٽ“ جه
ڪتاب ڏنو ۽ ۽ اهو سفر ”فلسفي جو ابتدائي ڪورس“ کان ٿيندو، ”س
منهنجي خوابن جي“ تائين پڄي ٿو، وچ ۾ ڪيئي ڪتاب آهن، جيڪ
سنڌ جي املهه ميراث آهن. اَڄ به هن جو عشق ٻڍو نه ٿيو آهي. بلڪ اهو
هر نئين ڏينهن هڪ نئون ڪرشمو ڏيکاري ٿو، سچل سرمست پڪ ه
شخص لاءِ ئي چيو هوندو ته!

سچو عشق ٻڍا نه ٿيوي،
توڙي چٽي هوويس ڏاڙهي.

هن جي ڏاڙهي ته اَڇي ٿي وئي آهي، هن سان عمر به پنهنجي
ادائن ڏيکارڻ واري راند شروع ڪئي آهي، هن جي چهري تي پوڙهائ
جون لڪيرون به ظاهر ٿيئيون آهن. هن جي هلڻ ۾ به هاڻ اها ڦڙتي
رهي آهي ۽ وڏي ڳالهه ته جنهن دل سان هن ڪڏهن به ٻاڙو نه ٻوليو، اها
هاڻ ڪيس اکيون ڏيکارڻ لڳي آهي، پوءِ به هن جو عشق سلامت آهي؛ جنه
جي سلامتيءَ لاءِ هو ڪجهه به ڪري سگهندو آهي.

ڪفر جون فتوائون به ٻڌي سگهندو آهي، ته ملڪ دشمنيءَ جا الزام
سيني سان لڳائي سگهندو آهي ۽ موت ۾ وري به پنهنجي منڙي مرڪ سا
فقط اِئين ئي چوندو آهي ته ؛

عشق ڪرشما ڏيکاريا دل،
ڪفر مٿان ايمان ڪري وئي.
(اَياز)

اَڄ به هن جي عشق جو ’ايمان‘ سلامت آهي، هو شاهه جي روپ ۾
هجي يا ساميءَ جو روپ ۾، سچل جي روپ ۾ هجي يا سيد جي روپ ۾
سويي جي روپ ۾ هجي يا اَياز جي روپ ۾ هجي، هي سڀ روپ هن جي
عشق جا اَلڳ اَلڳ روپ آهن؛ جيڪي سنڌ جي تاريخ جي آسمان ت
ستارن جيان جرڪي رهيا آهن ۽ روشن ڪري رهيا آهن، هن اونداهي ڪن
ڪي!

ها، هو سچ پچ هاڻ ٻڍڙو ٿي ويو آهي،

اني پڙائي ڇڏيندا. ڪنهن ڪاريه شالا (Workshop) ۾ هوندا ته پاڻ کي
ه- ڀاڱين (Participants) ۾ اِئين ٺهڪائي ڇڏيندا، جو ڪين اَحساس ٿي
ونه ٿيندو ته هيءُ ڪو اَسانجو رِسورس پرسن (Resource Person) يا رهبر
(Guid) آهي. ڳالهائيندا بلڪل ڌيري ڌيري پر ڌارا پرواهه. سنڌي ساهتيه
ي هرهڪ ڳالهه ڪين زباني ياد آهي، اُها به اَنگن اَکرن سان ۽ دليلن سان.
ڪتابن جا عنوان اِشاعت جا سال، ليکڪن جا نالا، اُنهن جو ساهتڪ يوگدان
ب ياد. تڏهن ته چوان ٿو ته هيءُ ڀاشا وگياني اَديب دوست سنڌي ساهت
و هڪ گهُمنتو گيان ڪوش ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي سنڌي ساهت جي اُن
ت تي هليا آهن، جيڪا تمام ڪٺن آهي، يعني سنڌي ڀاشا وگيان ۽ اُن
ي وگيانڪ ڍنگ سان ڪم ڪرڻ. وڏاءُ نه ٿيندو جيڪڏهن اِئين چوان ته
نهن واٽ تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي هليا آهن، اها تمام اؤکي واٽ آهي.
ين لفظن ۾ ڪٿي اِئين چوان ته اُن تي وگيانڪ ڍنگ سان ٻين سنڌي
يکڪن لکيو ئي نه آهي.
هاڻي اهي ڳالهيون اُهو ئي ڪري سگهي ٿو، جنهن کي ٻاروتڻ ۾ ئي،
نڌي ساهتيه لاءِ سڪ ۽ چڪ سيکاري ويئي هجي. ١٩٤٧ع ۾ ورهاڱو ٿيو ۽
ين سنڌي پنهنجو اگر تگر سنڌ ۾ ڇڏي آياسين. پر مرليڌر جيڪو اَجان
ترهن سالن جو ڇوڪرو جوان هو، اُهو ڀارت ۾ اچڻ کان پوءِ ڊسمبر ١٩٤٧ ۾
اپس حيدرآباد سنڌ رڳو انهيءَ ڪري ويو، جو هو اتان پنهنجي گهر ۾ ڇڏي
ل سنسڪرت، سنڌي، هندي ۽ اَنگريزيءَ جا درلڀ ڪتاب ڪٺي واپس
ارت اَچي. همت اهو صاف ڪري ڇڏيان ته ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جي
خصي لائبرريءَ ۾ اَڄ به اَڍائي سوءُ سال جهونا ۽ درلڀ سنسڪرت ۽ سنڌيءَ
ا ڪتاب موجود آهن. ڀارت مان جڏهن اڪيلي سر ١٩٤٧ ۾ آبوُ روڊ کان
نڌ ويا ته ١٦ ۽ ١٧ ڊسمبر تي جيڪي حيدرآباد ۾ دنگا ٿيا هئا، اهي
ڪئين ڏٺائون ۽ ٦ جنوري ١٩٤٨ تي ڪراچيءَ ۾ جڏهن دنگا ٿيا، تڏهن
يدرآباد ۾ ئي هئا. جنوري ١٩٤٨ جي ١٣ ۽ ١٤ تاريخ پنهنجي سوٽ
وبند کي ساڻ ڪٺي، ڪتابن جا ڏهه ڪوڪا ڀرائي آبو روڊ پهتا. اِنهيءَ مان
انڪ خود ئي اندازو لڳائي سگهن ٿا ته ڇا ڀارت ۾ ڪين اَهڙو ڪيو ٻيو پريوار
جهي، جنهن پنهنجو سترهن سالن جو نوجوان پٽ سنڌ مان رڳو گهر ۾

# ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

(جنم : ٧ نومبر، ١٩٣٠)

• جهمون ڇڳاڻ

سنڌي ڀاشا وگيان -
سنڌي لوڪ ساهتيہ ۽
سنسڪرتيءَ جو اَديت
موبائيل گيان ڪوش
(Mobile Encyclopaedia)

ورهاڱي بعد جيڪڏهن گهڻي ڀاڱي سنڌي ساهتيڪارن سنڌي ساهت
جي اَلڳ اَلڳ شاخن جهڙوڪ ڪهاڻي، ڪويتا، ناٽڪ، اُپنياس وغيره تي ڪ
ڪيو آهي ۽ پنهنجو وارو وڄايو آهي تہ ٻئي پاسي وري ڪي اَهڙا بہ شخص
آهن، جن ڀاشا وگيان جهڙي خشڪ صنف تي پنهنجو نور نچوئي سنڌي ڀا
جو ڳاٽ نہ رڳو هند ۽ سنڌ جي ساهتيڪ جڳت ۾ اونچو ڪيو آهي، بل
ڀارتيہ ڀاشائن جي ڄاڻن کي بہ اهو ذهن نشين ڪرايو آهي تہ ”هم ڀ
ڪسي سي ڪم نهين“ ۽ آهڙن ڀاشا وگيانين ۾ جنهن سڄڻ جو نالو سنڌ
ڀاشا وگيانين جي صف ۾ عزت ۽ احترام سان ورتو ويندو آهي، اهو آه
آسانجو ڄاتل سڃاتل، سني قد ڪاٺيءَ وارو، مشڪندڙ مکڙي وارو آس
(٨٠) سالن ۾ بہ ١٢ ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت سنڌي ساهت جي اوک ڊو
۾ لڳائيندڙ پنڊت مرليڌر جيٽلي.

ڪنهن سيمينار ۾ ڪو مقالو پڙهندا تہ مقالي کان وڌيڪ ڳالهيون

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ بابت سرحد جي هُن پار سنڌ جا شڪشا شاستري ڏسو ڇا ٿا چون :

(١) اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون (اِشاعت جو سال ١٩٨٦) هند ۾ رهندڙ، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ۽ مُحقق شري مرليڌر جيٽليءَ جي محنت ۽ لگن جو نتيجو آهي. شري مرليڌر جنهن موضوع تي قلم کنيو آهي، اُن جو سنئون سڌو واسطو اَسانجي تاريخ سان آهي. هن اِنهن لوڪ ڪهاڻين ۽ اُن وشيہ سان لاڳاپيل موضوع تي ڪافي بحث مباحثو ڪري، ڪيتريون غلط فهميون نہ رڳو دور ڪيون آهن، پر ڪافي رستا ۽ راهون ڏسيون آهن.

ناز سنائي،

سنڌي تحقيقي بورڊ، حيدر آباد سنڌ.

(٢) ڊاڪٽر مرليڌر ڪشنچند جيٽلي سنڌي ٻوليءَ جو ماهر، اَديب ۽ محقق آهي. سندس ناماچار نہ رڳو هند جي علمي اَدبي دنيا ۾ آهي، پر سنڌ جي علمي اَدبي حلقن ۾ پڻ سندس نالو روشن آهي. موجوده دور ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق ڪندڙ اُنهن چند اسڪالرن مان جيٽلي صاحب هڪ آهي، جن لسانيات جي موضوع ۾ مخصوص تربيت حاصل ڪئي آهي ... اوائلي شايع ٿيل سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ڪتاب جيٽلي صاحب جي بهترين ڪاوش آهي، جنهن مان بخوبي اندازو ٿئي ٿو تہ جيٽلي صاحب هڪ اعليٰ درجي جو مُحققُ، ليکڪ ۽ دانشور آهي ... سندس تحقيق جي معيار کي سنڌ ۾ عالمن پاران قدر جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو.

پروفيسر هدايت پريم

پروفيسر، سنڌي ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽي.

(٣) اَوهان جي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ‘ ڪافي متاثر ڪيو. ان ڪتاب ۾ شامل اسڪرپٽ جا نمونا اَسان اَثارثيءَ جي هال ۾ ڪاشيءَ جي پئنلن تي ٿهرائي هٽايا آهن. ڪڏهن سنڌ اَچڻ ٿئي تہ ڏسي ڪ خوش ٿيندو. (نوٽ : ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي اکل ڀارت سنڌي ساهتيہ ودوت پريشد، ڊي، ١٢٧، وويڪ وهار، دهلي - ١١٠٠٩٥ طرفان جون ١٩٩٩ ۾ پرڪاشت ڪرايو، هن ڪتاب ۾

رهجي ويل ڪتاب ڪٺي اَچڻ لاءِ موڪليو هجي ۽ شايد اهو ئي سبب آهي
اَڄ سڄي ڀارت ۾ سنڌيءَ جا ۽ سنڌيءَ سان واسطو رکندڙ سنسڪر
هندي ۽ انگريزيءَ ۾ جيترا ڪتاب ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جي شخ
لائبرريءَ ۾ آهن، اوترا ٻئي ڪنهن به سنڌي ساهتيڪار وٽ نه هوندا.

اهو چاهه ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ کي پنهنجي پتا پنڊت ڪشنچ
جيٽليءَ کان وراثت ۾ مليو. پنڊت ڪشنچند جيٽلي خود سنڌ
سنسڪرت، هندي ۽ مراٺيءَ جا پرڪانڊ پنڊت هئا. (جنم ۲۱ جولاءِ ۱۹۱۰
سرڳواس ۱۸ جنوري ۱۹۹۵). هنن ۱۳ ڪتاب پرڪاشت ڪرايا جن م
ڏهه ڪتاب ته ۱۹۸۵ کان ۱۹۹۴ واري عرصي ۾ پرڪاشت ٿيا ۽ آخر
سنڌي شبد مهراڻ سندن سرڳواس ٿيڻ کانپوءِ لائق پيءُ جي لائق پ
ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ پرڪاشت ڪرايو.

ننڍي هوندي کان ئي مرليڌر کي هندي، سنڌي، سنسڪرت پڙهڻ
شوق پتا شريءَ مان ئي جاڳيو. اڳتي هلي ڀاشا ۾ ڪوجناتمڪ ڪاريه ۾ رُڇ
رکڻ هنن جي جيون جو مول مقصد بڻجي پيو. سنڌي ڀاشا وگيان، سنڌ
ٻولي، ساهت ۽ سنڌ جي اتهاس جو اَڀياس، سنڌي لوڪ سنسڪرتي ۽ لو
ساهتيه، ڀارتي ڀاشائن ۽ ساهت سان سنڌيءَ جو تُلناتمڪ اَڀياس - اِهي م
ودوان ساهتيڪار جا خاص رُچيءَ وارا وشيه آهن.

هاڻي انهن تي هڪ هڪ پئرا به لکجي ۽ سندن شايع ٿيل ڪتابن تي
به پئراگراف به لکجن ۽ تنهن کانسواءِ ڏيڍ سوءِ کن مضمونن جي ٽوڪي ۾
ذڪر مثال ڏيئي ڪريان ته هيءُ ليک خود هڪ مقالو بڻجي پوندو. تنه
ڪري هن جي فن ۽ شخصيت تي خود ڳالهائڻ بدران هند ۽ سنڌ ج
عالمن ۽ فاضلن جا رايا ڏيئي پاٺڪن کي شيخ اَياز جي لفظن ۾ اهو چ
چاهيندس ته ؛

ڪجهه ڏات ڏسو، پوءِ بات ڪريو،
اينئو نه وري هيءُ وڻجارو.

۽ هن جي ساهتڪ گنج مان ڪجهه خريد ڪري پڙهي ڏسو ته سنڌ
ساهتيڪ جڳت ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جهڙا به ودوان وينا آهن، جن ج
قدرشناسي اها نه ٿي آهي، جنهن جا هو لائق آهن.

کين آرٽ پني تي سپونءَ جي اَپريل-ميءَ-جون ۲۰۰۱ واري اَنڪ ۾
ڪاري ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جي اوک ڊوک جي قدرشناسي ڪئي آهي،
هن لاءِ لاشڪ شري ٺاڪر چاولا ڪيرون لهڻيون.

افسوس رهيو انهيءَ ڳالهہ جو آهي تہ هند ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪن ءَ
نڌي سنستائن پڻ اَدبي رسالن (سپونءَ جي انڪ کي ڇڏي) ڊاڪٽر
رليڌر جيٽليءَ جي اها قدرشناسي نہ ڪئي آهي، جيڪا ڪين ڪرڻ
رجي.

ءَ اَهڙي ودوان کان جڏهن سندن دل جي ڳالهہ ءَ دل جو حال پڇندا تہ
و اهو ئي چوندا تہ ”مون کان پوءِ انهن ڪتاب جو لاڀ منهنجو پٽ بہ نہ
ندو.“ ڊاڪٽر جيٽليءَ جو پٽ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ آهي، تنهنڪري
ندس لائين ئي جدا آهي. اها ئي ڳالهہ ڌيان ۾ رکي ڊاڪٽر جيٽلي جو
رادو آهي تہ هيءَ دنيا ڇڏڻ کان اَڳ (شل ڀڳوان ڪين سالم صحت ءَ وڏي
ورجا بخشي، پر هلڻو تہ هرڪنهن کي آهي) اهي ڪتاب ڪن لئبررين ۾
ائينڪا ڪري ڇڏيندا، جتي ايندڙ پيڙهيون ءَ سنڌيءَ ۾ چاهہ رکندڙ ان
و فائدو وٺي سگهن.

ڊاڪٽر جيٽليءَ جي ڌيءَ پورڻما ٻيلاڻيءَ پنهنجي پتا جن واري لائين
نئي آهي. هن ”سنڌي لفظن جو تاريخي اَڀياس“ وشيہ تي ٿيسز لکي
مبئي يونيورسٽيءَ مان ۲۰۰۳ ۾ ’ڊاڪٽر آف فلاسافي‘ جي ڊگري حاصل
ڪئي آهي. گذريل پنجويهن کن سالن کان وٺي اِنڊين هاءِ اِسڪول، ڊبئيءَ
هندي پاڙهيندي آهي.

## ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جو مختصر پريچيہ

لو : پنڊت (ڊاڪٽر) مرليڌر جيٽلي.

تا : پنڊت ڪشنچند جيٽلي.

نم : ۷ نومبر، ۱۹۳۰.

ستان : مُکي گهٽي، مِيان فقير جي پڙ جي پرسان، حيدرآباد سنڌ.

وجوده سرنامو : ڊي-۱۲۷، وويڪ وهار، دهلي - ۱۱۰۰۹۵

بليفون : ۲۲۱۴۶۱۲۱ (۰۱۱)

عليمي لياقتون : ايم.اي. (هندي - سنسڪرت)، پونا يونيورسٽي، ايم.اي.

لکاوٽ جي نمونن جون ايڪيتاليهہ عڪسي پليٽون ڏيکاريون ويئون آهن
اُنهن کي حيدرآباد جي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري (Sindh
(Sindhi Language Authority, Hyderabad وارن ڪاشيءَ جي پئنلن تي
ٺهرائي هٽايو آهي.

**جناب تاج جويو**

**سيڪريٽري، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ**

١٢ فيبروريءَ کان ٢٥ فيبروري ٢٠٠١ تي هند ۽ سنڌ جي هاڪاري
جُڳل جوڙي ٺاڪر چاولا ۽ پاروُ چاولا سنڌ جي ياترا تي ويا هئا. اتي جڏهن
٢٢-٢-٢٠٠١ تي حيدرآباد سنڌ جي سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سخي قبول
محمد فاروقيءَ سجاده نشين، درگاهہ سچل سرمست (درازا) سان گڏ ڏسڻ ويا تہ اتي ڪين اٿارٽيءَ جو آڊيٽوريم هال گهمايو ويو ۽ هال ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي اوسر وارا پئنل (ڪاشيءَ جا ٺهيل، ديوارن ۾ پڪتي نموني تي لڳل) ڏيکاريا ويا. ان

ڪاٻي کان - (٣) نصير مرزا، مرليڌر جيٽلي، هيرو ٺڪر، تاج جويو، هاليپوٽو ۽ نفيس احمد شيخ. قليچ بيگ جو پوٽو مرزا حبيب شال پهرائيندي.

ڪانسواءِ هال ۽ لئبرريءَ
جي ٻاهرين ديوارن تي موهن جي دڙي جي مُهرن جا پئنل، شاهہ لطيف
جي رسالي (برٽش ميوزيم) ۽ گنج جي پهرين صفحن جي عڪسن جي
مشتمل پئنل، قاضي قادن جي واڻي (ديوناگريءَ ۾ ١٦٣٦ دهليءَ واري
هيري ٺڪر جي کوج ۽ ١٦٩٤ع واري مهامتي پراڻ ناٿ جي سنڌي واڻي
(ٻئراڳڙه ڀوپال جي جهمون ڇڳاڻيءَ جي کوج) ڏسو سپون جو آنڪ ٤٧. انهن
مان ٻارهان پليٽون سپونءَ جي سمپادڪ شري ٺاڪر چاولا تمام دلڪش

۾ ايم. لٽ. جي اُپاڌيءَ لاءِ ٿيسز لکي، جنهن جو وشيہ هو ؛ شاهہ لطيف ۽ جايسيءَ جي ڪاويہ جو تلناتمڪ اڌين.

(٦) دهلي يونيورسٽيءَ جي سنڌي وڀاڳ جي ليڪچرار روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي ڊاڪٽر جيٽليءَ جي مارگ درشن ۾ تحقيقي اَيياس ڪري سال ٢٠٠٣ ۾ پي.ايڇ.ڊي. ڪئي آهي. هن جي ٿيسز جو وشيہ آهي - ”سنڌي پهاڪا ؛ ڀاشا وگيانڪ، ساماجڪ ۽ سانسڪرتڪ اَيياس.“

(٧) ان ڪانسواءِ ٻين وشو وديالين مان جن پي.ايڇ.ڊي. ڪئي آهي، انهن طرفان پيش ڪيل انوسنڌان گرنٿن جا پريڪشڪ بہ رهيا آهن ؛

(١) موتي پرڪاش (ممبئي) (٢) نارايڻ ڀارتي (ممبئي) (٣) منوهر مٽلاڻي جنهن گوبند مالهيءَ تي ٿيسز لکي پي.ايڇ.ڊي. حاصل ڪئي ۽ وندنا موٽواڻي جنهن ساميءَ تي ٿيسز لکي.

سنڌ يونيورسٽي (ڄام شورو سنڌ)، ڪراچي يونيورسٽي ۽ شاهہ لطيف يونيورسٽي، خيرپور-سنڌ جون ڇهہ ڪن پي.ايڇ.ڊي. ٿيسز جاچڻ لاءِ ڊاڪٽر جيٽليءَ کي پريڪشڪ بڻايو ويو هو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر جي پد تي سنڌي وڀاڳ ۾ مقرريءَ لاءِ هنن کان رايو ورتو ويو هو.

## ڀارت سرڪار ۽ ٻين سنستائن طرفان مليل پد :

(١) ڀارت سرڪار جي مانو سنساڌن وڪاس منتراليہ طرفان اسٿاپت ڪيل سنڌي صلاحڪار بورڊ جا لڳاتار ٢٥ سال ١٩٧٠ کان ١٩٩٥ تائين ميمبر رهيا. ڇهہ سال انهيءَ سمتيءَ جا وائيس چيئرمن بہ رهيا.

(٢) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جي ڪوشش سان ٻين ساٿين جي سهڪار سان 'راشٽريہ سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد' جي اسٿاپنا ١٩٩٤ ۾ تنهن وقت جي تعليمي منتريءَ مانيہ اَرجن سنگهہ ڪئي. ان جو ڪم پوءِ ١٩٩٦ کان وڏي ٽرودا (گجرات) ۾ شروع ٿيو.

(٣) سينٽرل ساهت اڪاڊميءَ جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جا ڏهہ سال ١٩٦٦ کان ١٩٧٦ تائين ميمبر رهيا.

(٤) ڀارتيہ گيان پيٺ ۽ ڪي.ڪي. برلا فائونڊيشن ۾ سنڌي ڀاشا سمتيءَ ۾ ميمبر ۽ سنيوجڪ رهي چڪا آهن.

(٥) ڪيندريہ شڪشا منتراليہ جي سنڌي صلاحڪار سمتيءَ طرفان گهڙن ئي ساهتڪ

(ڀاشا وگيان) ١٩٦١، پي.ايڇ.ڊي. (ڀاشا وگيان) ١٩٦٥
انوسنڌان ۽ اڌياپن :
(١) هندي - سنڌي - سنسڪرت اڌياپڪ (١٩٥٠ کان ١٩٦٠ تائين)
نوين هند هاءِ اسڪول، پونا.
(٢) ريسرچ فيلو (١٩٦٠ کان ١٩٦٤ تائين)
ڊيڪن ڪاليج پوسٽ گرئجيوئيٽ ۽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ، پونا.
(هن ڪاليج ۾ ريسرچ فيلو طور رهي، سنڌي ٻوليءَ تي تحقيق
ڪم ۽ ڊاڪٽر لڇمڻ کوٻچنداڻيءَ سان گڏ سنڌي-هندي
انگريزي شبد ڪوش تيار ڪرڻ جي يوجنا شروع ڪيائون.)
(٣) هندي ليڪچرار (١٩٦٤ کان ١٩٦٦ تائين)
آر.ڪي. تلريجا ڪاليج، الهاسنگر-٣.
(۴) ٩ فيبروري ١٩٦٦ کان ٦ نومبر ١٩٩٥ تائين دهلي يونيورسٽيءَ
ڀارتيه ڀاشا وڀاڳ ۾ پهرين ليڪچرار ۽ ١٩٨٣ کان ريڊر جي پد
ڪاريه ڪندي نومبر ١٩٩٥ تي رٽائر ٿيا. دهلي يونيورسٽيءَ ج
انهيءَ وڀاڳ ۾ مکيه ڪم هئا سنڌي پاڙهڻ جو ڪم. ڀارتي ڀاشا
۽ ساهتيه جو تلناتمڪ اڀياس. (M. Lit. in Comparative Literature)
لاءِ شاگردن کي مارگ ڏرشن ڏيڻ. پي.ايڇ.ڊي. وديارٿين
مارگ درشن ۽ ريسرچ جي نگراني.
ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي مارگ درشن ۾ هيٺين وديارٿين ريس
ڪئي ۽ پي.ايڇ.ڊي. جي اعليٰ اُپاڌي حاصل ڪئي :
(١) موتي لال جوتواڻي (Shah Abdul Latif - His Life And Poetry (1973
(٢) موهن لال شرما - سنڌي ڪويتا ۾ صوفي مت (١٩٧٣)
(٣) سنتداس جهانگياڻي - (Shah Abdul Latif And His Times (1976
(۴) راجستان وشو ودياليه مان گورنمينٽ ڪاليج، اجمير جي سنڌي
جي ليڪچرار سشيلا موٽواڻيءَ ”جايسي جي پدماوت ۽ شاهه ج
رالي ۾ پريم تتو جي ڀاونا“ تي هنديءَ ۾ مقالو لک
پي.ايڇ.ڊي. جي ڊگري حاصل ڪئي.
(۵) سدا حيات شاعر نارائڻ شيام جي ننهن رڪمڻي ناگواڻيءَ هندي

زبون حالت ڏسي چا ڊاڪٽر جيٽلي پنهنجين اکڙين جي برسات
ڪي سگهيا هوندا؟ سندن گهر جي پرسان ٻائي ديالداس جو ٽڪاڻو بہ هو.
هاڻي اجمير جي ڊگهي بازار مان ورهاڱي وقت لڏي آيل مهاجرن جا
ڪن گهر پريوار رهندا آهن. حالت انهن جي بہ بک بيروزگاريءَ ۽
بيءَ ڪري قياس جوڳي هئي.

هرهڪ انسان کي

ڪابي کان - شرنگي، قيمت هريسنگهاڻي، نارايڻ ڀارتي، شيخ
اياز، مرليڌر جيٽلي، گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي ۽ وينا شرنگي

نهنجيءَ اسڪولي جيون
ي ياد اچڻ لازمي آهي.
١٩٨ ۾ ڊاڪٽر مرليڌر
يٽلي حيدرآباد ويا تہ
نهنجي گهر سان گڏوگڏ
نهنجو اسڪول نولراءِ
يرانند اڪادمي بہ ڏسڻ
. ١٩٨٦ ۾ انهيءَ جو
لو ڦيرائي گورنمينٽ
ڊل اسڪول رکيو ويو هو.
رنسيپال کي ٻڌايائون تہ
١٩٢ ۾ هو بہ هن اڪادمي (هاڻي گورنمينٽ ماڊل اسڪول) جا شاگرد هئا ۽ ورهاڱي
ٽ پناهہ گير اچي هتي روُمن ۾ رهيا هئا ۽ ڪلاس رومن مان فرنيچر ڪڍي انهيءَ
ي پڇي ڪاٺين جي روپ ۾ استعمال ڪري ڪاٺو رڌيندا هئا.

ساڌو هيرانند جي ڀاءُ تاراچند شوقيرام جي شخصي لئبرري اڄان (١٩٨٦ تائين)
ڳيءَ حالت ۾ ڪبٽن ۾ سلامت هئي. انهن ڪبٽن مٿان تاراچند جي نالي جون
يون لڳل هيون. اها لئبرري هال جي انهيءَ ساڄي ڪمري ۾ هئي، جيئن ڊاڪٽر
يٽليءَ جي ڏينهن ۾ ١٩٣٦ ۾ هئي.

١٩٣٧ جي ورهاڱي بعد انتر راشٽريہ سطح تي سنڌ ۾ ٿيل سنڌي ڪانفرنس ۾
يڪ ٿيڻ، مقالا پيش ڪرڻ جو سڀ کان وڏيڪ شرف جي ڪنهن ڀارتيہ سنڌي ودوان
ي مليو آهي تہ اهو آهي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي.

سيمينارن، سميلنن ۽ ڪاريه شالائن جي سنيوجڪ جي روپ ۾ ڪم ڪيل.
(٦) ۱۹۹۴ جولاءِ ۾ دهلي سنڌي اَڪادميءَ جي استاپنا ۽ ۱۹۹۴ ڪان ۱۹۹٦ تائين اُن جا پهريان سيڪريٽري.
(٧) آڪٽوبر ٢٠٠٦ ڪان وٺي اَڄ تائين سنڌي اَڪادمي دهليءَ جا وائيس چيئرمن. اِن عهدي تي رهي، هنن گهڻيئي نيون يوجنائون شروع ڪيون آهن. اَڪادميءَ جي اَدبي رسالي ''سنڌو جوت'' جا مکيه سمپادڪ بہ آهن.

## هاءِ هاءِ پڪا پراڻا - هاءِ هاءِ وطن اَباڻا

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۱۹۴۷ جي ورهاڱي ڪانپوءِ هند ۾ اَچي رهڻ بعد ۱۹۴۷ ئي هڪوار وري سنڌ رهيو انهيءَ ڪم لاءِ ويا تہ گهر ۾ جيڪي ڪتاب ڇڏي آيا هئا، اهي ڪٺي اچجن. تنهن وقت هنن اهو ڪڏهن سوچيو بہ نہ هوندو تہ اڳتي هلي ٣٨ سالن ڪانپوءِ ۱۹۸٦ ۾ شاهہ لطيف عالمي ڪانفرنس ۾ ڪين امر شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي جنم استان سکر ۾ گهرايو ويندو.



سکر روهڙي پل - ڊاڪٽر هرولعل سدارنگاڻي - مرليڌر جيٽلي ۽ عابد لغاري (سنڌي ڊائجيسٽ)

انهيءَ ڪانفرنس جي بهاني حيدرآباد سنڌ ۾ پنهنجو گهر ڪن دوستن سان گڏجي ڏسڻ ويا. سندن جڳهہ ڊٺل حالت ۾ هئي. فقط هڪ ڪمرو (رسوئي گهر) سلامت هئو. انهيءَ ۾ اجمير مان لڏي آيل هڪ غريب مسلمان پريوار رهندو هو. اٺهين سالن ڪانپوءِ بہ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پنهنجو ڊٺل گهر سڃاڻي ورتو. دوستن کي جدا جدا گهٽين مان گهمائيند ڊاڪٽر جيٽلي کين پنهنجي گهر وٺي ويا. ياد رهي تہ ڊاڪٽر جيٽلي ج پشتئني مڪان حيدرآباد سنڌ جي مُکي گهٽيءَ ۾ هو. مُکي گهٽي شاهي بازار ۾ مِيان فقير جي پڙُ جي ويجهو آهي. ان جي پنيان نهائين ج پڙُ آهي ۽ ٻئي طرف جمن شاهہ جو پڙُ بہ ويجهو اَٿس. پنهنجي اَباڻي گه

صاحب حيدرآباد (سنڌ) ۾ آيرويد ودياليہ جا پرنسيپال هئا. سنڌيءَ ۾ شارنگ ڌر سمهتا ۽ طِب جا ٻيا ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيائون.

ڊاڪٽر مرليڌر جا پتا شري ۽ سندس ڀائر بہ طِب ۽ براهمڻ ورتيءَ ۾ هئا. پر پنڊت ڪشنچند جيٽلي (ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جا پتا شري) جو لاڙو سنڌ جي تاريخ جي کوجنا، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ طرف گهڻو هو. هن ودوان موهن جي دڙي جي لپيءَ تي گهڻي تحقيق ڪري، اُنهن جون پڙهڻيون تيار ڪيون آهن، جيڪي هٿ لکيل صورت ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي وٽ آهن. اِنهيءَ کي

شريمتي رهٽاري، سنڌو ڀاڳيا - مکيہ منتري شيلا دکشت ۽
ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي - جهرمر جو مهورت (۲۰۰۹)

پستڪ روپ ۾ جلد ئي ڊاڪٽر مرليڌر شايع ڪرائڻ وارا آهن.

## ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جي پرڪاشت مکيہ ساهتڪ پونجي :

(الف) سنڌي، هندي ۽ اَنگريزيءَ ۾ لڳ ڀڳ ۱۵۵ مضمون

(ب) ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل رچنائون ؛

(۱) سنڌي ڀاشا ڪا سنڪشپت وياڪرڻ (۱۹۵۷)

سنڌي ڀاشا ڪا سنگشپت پريچيہ (ڪرشن چندر جيٽلي) ۾ هڪ چئپٽر

(۲) ميگهدوت (ڪاليداس) سنڌي وياکيا (۱۹۸۱)

(۳) سنڌي ساهت جو اِتهاس (۱۹۷۲) ٻيون وڌايل ايڊيشن (۲۰۰٦)

(۴) هوتچند مولچند گربخشاڻي (سيمينار پيپر) (۱۹۸۳)

موتي لال جوتواڻيءَ سان گڏ سمپادن.

(۵) لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي (جيون ۽ رچنائون) (۱۹۸۵)

(٦) اوائلي شايع ٿيل سنڌي ڪهاڻيون (۱۹۸٦). اهو ڪتاب سنڌ ۾ بہ ٻيهر ڇپيو آهي.

(۱) شاهہ لطيف عالمي سيمينار، سکر، ۱۹۸٦.
(۲) سچل عالمي ڪانفرنس، ڪراچي، ۱۹۸۹.
(۳) ڪلهوڙا عالمي ڪانفرنس، ڪراچي، ۱۹۹٦.

سنڌي اَڪادمي دهليءَ جي اَدبي رسالي ”سنڌو جوت“ جي سنڌ ي
خاص اَنڪ (۲۰۰۷) ۽ ”يادگيريون“ خاص اَنڪ (۲۰۰۹-۲۰۱۰) ۾ ڊاڪ
مرليڌر جيٽلي پنهنجي سنڌ جي ياترائن ۽ نِنڍپڻ جي يادگيرين جو ور
نهايت ئي دلچسپ نموني ڪيو آهي. اِهي اَنڪ سنڌي اَڪادمي، دهل
مان مفت ۾ گهرائي پڙهي سگهو ٿا.

## جيٽلي آکهہ جو اِتهاس

جيٽلي آکهہ وارا سڀ سارسوت براهمڻ آهن. اوپر پنجاب ۾ سرسوتي ند
جي ڪناري تي ويدن، رامايڻ، مهاڀارت ۽ پُراڻن واري زماني ۾ رهندا هئا. پوءِ ي
جي ٻين حصن ۽ ڏکڻ ڀارت ۾ بہ ڦهليا. ڏکڻ ڀارت ۾ ڪرناٽڪ ۽ ڪونڪڻ
سارسوت براهمڻ جيون جي
هر کيتر ۾ تمام گهڻي ترقي
ڪئي.



سکر ساڌ ٻيلو - ڊاڪٽر سدارنگاڻي ۽ مرليڌر جيٽ

سنڌ ۾ جيٽلي پريوار
وارن جا ڪُل پندرهن ڪن
گهر هئا. اِهي گجرات
راجسٿان ۽ پنجاب کان سنڌ
۾ مغلن جي ايامڪاريءَ ۾
اَچي رهيا.

جيٽلي آکهہ وارن
جا وڏا اصل ۾ ٽي سؤ ڪن
سال ڦڪن (ضلع دادو - سنڌ) جي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. پوءِ ميان غلام ش
جڏهن حيدرآباد جو قلعو اَڏائي اهو شهر آباد ڪيو تڏهن جيٽلي پريوار
بہ اَچي حيدرآباد ۾ رهيا. سندن مکيہ ڪم هو جوتش، طب (آيروي
براهمڻ ورتي (پوڄا-پاٺ). ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جا ڏاڏا صاحب پن
ٽوپڻداس مشهور وئديہ هئا. هنن سنڌ ۾ آيرويد جو گهڻو پرچار ڪيو.

(1993-1987) Encyclopaedea of Indian Literature (۱

Published by Sahitya Akademi New Delhi

اِنهيءَ جا پنج ڀاڱا آهن جنهن ۾ سنڌي ليکڪن، سنڌي ڪتابن ۽ Literary Trends تي لڳ ڀڳ هڪ سو داخلائون ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جون آهن.

Comarative Indian Literature (2 volumes) 1984-85 (۱۹

اِنهيءَ ۾ Sindhi Folk Literature and Children Literature وارا چئپٽر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ لکيا آهن.

۲۰) هندي-سنڌي شبد ڪوش ۽ هندي سنڌي انگريزي شبد ڪوش (ڪيندريہ هندي نديشاليہ دهليءَ طرفان پرڪاشت)

انهن ٻنهي ڪوشن ۾ سنڌي لفظ عربي سنڌي ديوناگريءَ سنڌيءَ ۾ ڏنل آهن. سنڌي لفظ ڳولهي ميسر ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر جيٽليءَ ستيش روهڙا سان گڏجي ڪم ڪيو آهي.

۲۱) سنڌي ڀاشا، وياڪرڻ ايوم پريوگ (هنديءَ ۾) (۱۹۹۷)

۲۲) سنڌي ڀڳت (هنديءَ ۾) (۱۹۹۹)

اُتر پرديش سنڌي اڪادمي لکنوءَ جو پرڪاشن.

۲۳) سنڌي ساهتيہ کي وِوِڌ آيام (۲۰۰۲)

(هنديءَ ۾ سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ تي مضمون)

۲۴) لالچند اَمرڏنومل جڳتياڻي (۲۰۰۸)

(جيون چرتر ۽ چونڊ رچنائون)

نمبر ۱۷ کان ۱۹ تائين ذڪر ڪيل ڪتابن کي اِنٽرنئشنل ليول جي رفرنس ڪتابن ۾ شماري سگهجي ٿو.)

هن کانسواءِ انگريزي ڪتابن ۽ رسالن ۾ پڻ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جا انگريزيءَ ۾ لکيل تحقيقي مقالا شايع ٿيل آهن.

## سنمان ۽ اِنعام

سرڪاري ۽ غير-سرڪاري اَدبي سنستائن، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جو وقت بہ وقت سنمان پئي ڪيو آهي ۽ ڪيس اِنعام بہ عطا ڪيا آهن. اِنهيءَ

(٧) سنڌوءَ جون لهرون (١٩٨٩)
بولچند راجپال جي پراڻن انگن مان تحقيقي ليکن جو مجموعو.
(٨) چينمل پرسرام گلراجاڻي (جيون ۽ رچنائون) (١٩٩٠)
(شاهه جون آکاڻيون ڪتاب ۾) - اُسات ساهت مالا.
(٩) شاهه جو رسالو - هڪ اڀياس (١٩٩٢)
(١٠) سنڌي ڀاشا ۽ مُحاورا (هڪ اڀياس) (١٩٩٣)
(اهو ڪتاب سنڌ ۾ به ٻيهر ڇپيو آهي.)
(١١) سنڌي ڀاشا ۽ مُحاورا ڪوش سمپادڪ
(سنگرهه ڪيل سنتداس ڪشناڻيءَ سان گڏ) سنڌي ڀاشا ۽ اصطلاحن
جو هيل تائين ڀارت ۽ سنڌ ۾ ڇپيل وڏي ۾ وڏو سنگرهه آهي. هن ۾
ٻارهن هزار کان به وڌيڪ ڀاشا ۽ مُحاورا آهن. اهو ڪتاب پي.وي
ڪشناڻي ٽرسٽ پوني وارن شايع ڪرايو.
(١٢) ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ (سنڌي ٻوليءَ جون لپيون) (١٩٩٩)
(١٣) سنڌي شبد مهراڻ (سمپادن) ڪوش (١٩٩٩)
رچيتا پنڊت ڪشنچند جيٽلي
(پرڪاشڪ اکل ڀارت سنڌي ساهت ودوت پريشد دهلي.)
(١٤) سنڌي ساهت جي جهلڪ (٢٠٠٠)
(ڊاڪٽر جيٽليءَ جي چونڊ مضمونن جو سنگرهه)
(١٥) سنڌي ڌوني وگيان (Sindhi Phonology) (٢٠٠٠)
ڀارت ۾ هن وشيه تي سنڌيءَ ۾ هيءُ پهريون ڪتاب آهي.
(١٦) ڀارتيه ساهت ڪوش (هنديءَ ۾) (١٩٨١)
سمپادڪ ڊاڪٽر نگيندر - هيءُ ڪوش هنديءَ ۾ آهي
انهيءَ ۾ سنڌي ليکڪن ۽ ڪتابن بابت اٽڪل هڪ سو کن داخلائون
ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ جون لکيل آهن.
(١٧) ڀارتيه ڪهاوت ڪوش - ٽي ڀاڱا (١٩٧٨-٨٣)
سمپادڪ وشوناٿ دنڪر نروڻي.
هن ڪوش ۾ اٽڪل ١٢٠٠ سنڌي ڀاشا هنديءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو
ڪري ڊاڪٽر جيٽليءَ ڏنا آهن.

(١٠) رام پنجواڻي ٽرسٽ، ممبئي، طرفان سنمان ۽ اِنعام (٢٠١٠)

اِنهيءَ کانسواءِ اُتر پرديش سنڌي اَکادمي، مڌيہ پرديش سنڌي اکادمي ۽ ممبئي يونيورسٽي (سنڌي وڀاڳ) طرفان بہ ڊاڪٽر جيٽليءَ جو سنمان ڪيو ويو آهي.

## هلندڙ تحقيقي يوجنائون

هن وقت ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ٻن اَهم تحقيقي يوجنائن تي ڪم ڪري رهيا آهن. اِهي آهن :

(١) سنڌي ويتپتي ڪوش (Etymological Dictionary of Sindhi)

هن ڪوش ۾ ٽيهہ هزار کن سنڌي لفظن جو بڻ-بنياد ۽ وڪاس ڄاڻايو ويندو. اِنهيءَ کان سواءِ هرهڪ لفظ جي ٻين ڀارتي ٻولين جي ساڳئي بنياد واري لفظ سان ڀيٽ بہ ڪئي ويندي. هِن ڏس ۾ پنج هزار کن سنڌي لفظن جي داخلائن جا ڪارڊ تيار ڪيا ويا آهن.

(٢) سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ جو آلوچناتمڪ اِتهاس

هن گرنٿ ۾ سنڌي ڀاشا ۽ ساهت جو وڪاس وستار سان سمجهايو ويو آهي. اِن کانسواءِ وڪاس جي هرهڪ دؤر ۾ ٻين ٻولين جي ساهتيہ سان بہ سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ جي ڀيٽ ڪيل آهي.

اَسان جي پرماتما جي در تي اِها ئي پرارٿنا آهي تہ شال ڊاڪٽر مرليڌر جيٽليءَ کي وڏي عمر ۽ صحت حاصل ٿيندي رهي، جيئن هو سنڌي ساهت جا گهڙا ڀريندا رهن.

(نوٽ : شري جهمون ڇڳاڻيءَ هيءُ مضمون ''ڏات ڏٺي (دهليءَ جا ساهتڪار)'' ڪتاب ۾ لکيو آهي، جيڪو سال ٢٠٠٣ ۾ شايع ٿيل آهي. اُن ۾ گهربل معلومات جو واڌارو ڪري، هن 'ڪونج' ۾ شايع ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي. سمپادڪ، 'ڪونج' اَدبي رسالو)

باري ۾ جڏهن مون کانئن پڇيو ته هنن وراڻيو ته اِنهن جي لسٽ ڇ
وڏي آهي، جنهن جا تفصيل هن وٽ پڻ درج ٿيل نه آهن. جيئن ته
ڪيندريه پارت سرڪار طرفان، سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ ۾ مقرر ڪ
سنڌي صلاحڪار ڪاميٽيءَ جا ميمبر هئا ۽ ڇهه سال کن اُن جا وائي
چيئرمئن به هئا، اِن ڪري اِنهن پنجويهن کن سالن جي عرصي ۾ اُصو
طور هنن پاڻ کي سنمانن وغيره کان دور رکيو. اُن بعد جڏهن هو آهڙ
سنسٿائن جا ميمبر نه رهيا، تڏهن سنڌن ساهتيڪ رچنائن جي قدرشناس
ڪندي، هنن جو سنمان ڪيو ويو. هتي مکيه سنمانن ۽ اِنعام جو ذ
ڪرڻ ضروري آهي :

پروفيسر ڏاسواڻي، انند کيماڻي، منسٽر ڪرڻ واليا ۽ ڊاڪٽر
جيٽلي، انند کيماڻيءَ کي انعام ڏيندي.

(۱) سنڌي آڪاڊمي دهليءَ طرفان سنمان ۽ اِنعام (۱۹۹۷)
(۲) راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد طرفان سنمان ۽ ”ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ“ ڪتاب تي اِنعام (۱۹۹۹)
(۳) اُتر پرديش هندي سنسٿا لکنؤ طرفان سنمان ”سوهارد پرسڪار“ (۱۹۹۹)
(۴) ڀارتيه ساهتيه پريشد طرفان ”سنڌي ڌوني وگيان“ ڪتاب تي سنما
(۲۰۰۱)
(۵) اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان سنمان ۽ اِنعام (۲۰۰۴)
(٦) رام ۽ وينا بخشاڻي فائونڊيشن طرفان سنمان ۽ اِنعام (۲۰۰۷)
(۷) سهيوگ فائونڊيشن طرفان سنمان (۲۰۰۷)
(۸) راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس پريشد، ڪيندر سرڪار طرفان سنمان
اِنعام (۲۰۰۹)
(۹) سنگيت آچاريه ماسٽر چندر آڪاڊميءَ طرفان سنمان (۲۰۰۹)

ريءَ جو هئو ۽ ان قسم جي ياري چوريءَ کان بہ عظيم گناھ هو.

گيسٽ هائوس جو حساب چڪتو ڪري ديرہ دون جي بس اَڏي تي
ڪ ڍابي تان ماني کائي، لڪندا ڇپندا اَسين ميرٺ واريءَ بس ۾ اَچي
ناسين. دهليءَ جي آخري بس نڪري چڪي هئي. ميرٺ جي بس اَڏي
ي مسافرخاني ۾ صبا زنانخاني ۾ وڃي ويٺي ۽ مان مردانخاني جي هڪ
ڪنڊ ۾ سڄي رات ڏپ وچان ڪروٽڙو ٿي ويٺيو رهيس. ان وقت منهنجن
لائڪن بہ نٿي ڄاتو تہ هڪ ڏينهن هن ئي شهر جي پسگردائيءَ ۾ مان هڪ
هليل فارم هائوس جو مالڪ هوندس. چوڌاري انبن جا وڻ هوندا. ڪاٽيج
ي بار (Bar) ۾ قسمين قسمين مشروب ۽ جام سڄايل هوندا - ميرٺ،
ظفرنگر ۽ سهارنپور جون سهٽيون ۽ سريليون مجري واريون هتي مون لاءِ
اتين جون رنگين محفلون سڄائينديون.

دهليءَ جي ڪشمير گيٽ جي بس اَڏي کان ٻاهر نڪرندي ئي هڪ
سيع ڪامپليڪس وارو حاطو هئو. هن وقت اتي دهليءَ جي صوبائي
رڪار طرفان قائم ڪيل اردو اڪيڊمي - سنڌي اڪيڊميءَ جون آفيسون
هن. حاطي جي ٻئي طرف مقامي ڪورٽون ۽ وڪيلن جون ڳتيل ڪئبن نما
فيسون هيون، جتي وڪيلن جا منشي، آس پاس جي ڳوٺن جا اصيل ۽ نيم
خوانده انگريزي ۽ اردو ٽائيپسٽ پنهنجن ٽائيپ رائيٽرن تي ٽڪ ٽڪ سان
ڪ شورغل وارو ماحول پئدا ڪري رهيا هئا. هندي اَڃا عدالتن جي
رڪاري زبان تسليم ٿيل نہ هئي. ٽاٽيدار ڌوهن جا ايف آءِ آر بہ اردوءَ ۾
ڪندا هئا. سنيمائن جا پوسٽر ۽ اِنٽرول ۾ وڪامجندڙ فلمي گانن جون
چونپڙيون پڻ اردوءَ ۾ هونديون هيون. ڪورٽن ٻاهران سرٽين جيان گوٻن
ي لامارا ڏيندڙ وڪيلن جا دلال (ٽائوٽس) بہ شگفتہ رامپوري ۽ لکنوي اردوءَ
ر زبانداني (ڪٽي ڪٽي زبان درازي) ڪندا هئا. بي ڏوهي اصيلن کي بہ
ڪنهن اَڻ ڪيل گناھ جو خوف ڏياري ڪين ڏوهاري هئڻ جو احساس
ڏياريندا هئا.

اڪيڊمين جي موجودہ آفيسن سامهون ميوا هوٽل هئي، جتي وڃڻ لاءِ
ڪورٽن جي حاطي مان لنگهڻو پوندو هو. مئي مهيني جي گرميءَ جي تکي
س جڻ نيزي جي نوڪ تي نئون سج اُڀاري رهي هئي. مان ۽ صبا بس

# وهي ڪاتي جو ڇائيتاليهون پنو

• لڇمڻ ڪو

عينيءَ (قرت العين حيدر) جي آباڻي شهر جي آبرودار نوابي خاند
جي نوابزادي صبا مون کان هر دک سک ۾ ساٿس ساٿ نباهڻ جو وعد
وچن وٺي پاڻ کي منهنجين مظبوط ٻانهن ۾ محفوظ ۽ مطمئن محسو
ڪري رهي هئي. هن مون لاءِ سڀيون سڀيون راتيون جاڳي پنهنجا س
سپنا قربان ڪيا هئا. صبا جي بي خوابي هر رات منهنجي نيم خوابي
سان هم آهنگ ٿي بيحد اطمينان سان منهنجي سيني تي پنهنجو
رکي، اکيون ٻوٽي هڪ نئون آشيانو اڏڻ جي تصور ۽ تخيل سان واسج
ويندي هئي ۽ مان هن جي ريشمي وارن کي هٿن سان لساريندو، اَڌ ڪل
اکين سان آئيندي جي اوني ۽ حال جي فڪرمنديءَ ۾ مبتلا ٿي ويندو هوس
مون کي لڳندو هو تہ صبا پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڇاتيءَ تي نہ، پر ڪن
اڏيءَ تي رکي رهي آهي. ان کان اَڳ جو مان هن کي نشانيءَ طور
سندس ڳچيءَ ۾ ٻانهن جي هار سان گڏ سون جو پاڻي چڙهيل پتل جو
ڪو زيور پارايان، هن پنهنجن سونن زيورن جي سڄي صندوق ئي منهنج
اڳيان اَچي رکي. غيرت، خودداري ۽ خودبيني جي احساس سان گڏ خو
۽ خطرن سان ويڙهجي مان سڄي سڄي رات صبا جي ڀرپور ڀاڪر ۾
اوجاڳا ڪندو رهيس.

ڊالن والا جي گيسٽ هائوس ۾ هفتي کان وڌيڪ رهڻ جي اجازت
هئي. اَئين ڏينهن ڪمرو خالي ڪرڻ مهل منهنجي کيسي ۾ پويان پن
روپيا ۽ صبا جي پرس ۾ ڏهہ روپيا هئا. پنجاهہ روپا مهمان خاني جو
بقايا هو. نہ ڏيڻ جي حالت ۾ آسان ٻنهي کي بورچيخاني ۾ هفتو ڏ
ڏينهن جوٺا باسڻ ملڻا پون ها. صبا ٿيلهي مان ٻن تولن جي وزن جو جڙا
ڪنگڻ ڪڍي منهنجي هٿ ۾ ڏيائيندي چيو - ”وڃ، وڃي وڪڻي اَچ -
ويندين تہ مان پاڻ هلي ويندس!“

ديرادون جي صرافا بزار ۾ صبا جو ٻن تولن جو ميناڪاري ڪيل ڪنگ
ڏيڍ سو روپين ۾ وڪڻي مون هڪ وڏو جوکم کنيو هو. زيور چوريءَ جو نہ

کشميري گيٽ جي پرندڙ پٽين کان ٻاهر نڪرڻ سان سِول لائينس
ارو خوبصورت علائقو شروع ٿئي ٿو. انگريزن جي دؤر ۾ هي سڄو علائقو
ندوستانين لاءِ ممنوع قرار ڏنل هئو. انگريزن جون پنهنجيون گئريسن،
ڪلبون، ٽينس ڪورٽون ۽ ميريڊين (Meridien) ۽ سِوِس (Swiss) جهڙيون
اليشان پنج سِتاري هوٽلون ۽ ريڊيو اسٽيشن وغيره اتي قائم ڪيل هيون.
گو اتي ڪم ڪندڙ هندوستاني ملازمن کي شناختي ڪارڊ ڏنا ويندا هئا.
اليهن ڏاري جڏهن هڪ سنڌي حيدرآبادي عامل مسٽر آڏواڻي دهليءَ
جي ريڊيو اسٽيشن جو پهريون هندوستاني اسٽيشن ڊائريڪٽر ٿي آيو ته هن
نگريز گورنر سان ٽڪر کائي ريڊيو جي ملازمن لاءِ اَهڙو پرمٽ سسٽم ختم
ڪرايو. اَهڙي سهوليت ڊائريڪٽر جنرل بخاري صاحب به ڏياري نه سگهيو
هو. اَنگريزي، اردو ۽ هنديءَ جا برک اَديب سعادت حسن منٽو، ڪرشن
چندر، راجيندر سنگهه بيدي، اپيندر ناٿ اشڪ ۽ نذر محمد راشد (ن-م-
راشد) ان وقت آڏواڻيءَ جا ماتحت ريڊيو ملازم هئا. انگريزيءَ جو وڏو
يڪ پراد چوڌري، جيڪو اَڳتي هلي ڪئمبرج ۾ اَنگريز شاگردن کي
نگريزي پاڙهيندو هئو، پڻ آڏواڻيءَ جو زيردست رهي چڪو هئو.

ساڙ سڙيو اپيندرناٿ اشڪ جڏهن منٽو خلاف آڏواڻيءَ جي ڪمري ۾
جي هن جا ڪن ڀرڻ جي ڪوشش ڪندو هئو ته آڏواڻي پهرين چغلي ٻڌڻ
سان ئي منٽو کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏائي هن لاءِ چانهه بسڪوٽن جو آرڊر
يندو هئو ۽ اشڪ ٻچڙو منهن ڪري ڪمري مان هليو ويندو هئو. آڏواڻيءَ
کانپوءِ راشد صاحب اسٽيشن ڊائريڪٽر جو عهدو سنڀاليو ۽ ورهاڱي وقت
بخاري صاحب سان گڏ پاڪستان هليو ويو. گهڻا سال پوءِ مون اپيندر ناٿ
اشڪ کي هتي گل موهر پارڪ ٻاهران گاڏيءَ تي ٽماٽا وڪڻندو ڏٺو آهي.

سِول لائين وارو علائقو ختم ٿيندي ئي دهلي يونيورسٽيءَ جي ايراضي
ٿي، جنهن ۾ آرٽس ۽ سائنس فئڪلٽين کان سواءِ تيرهن ڪاليج هئا،
جن ۾ به ڪاليج مرندا هائوس ۽ اندرپرست گرلس ڪاليج هئا ۽ ٻيا گڏيل
تعليم وارا هئا. پاڪستان جي موجوده صدر پرويز مشرف جي والده شايد
پهرين مسلمان شاگرداڻي هئي، جنهن مرندا هائوس مان انگريزي اَدب ۾
ايم-اي ڪئي هئي. ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ جا وڏگهراڻا فارورڊ قسم جا

اَڏي تان منجهند جو نٽهڻ ۾ هٿ ۾ ننڍي بئگ ۽ قيمتي زيورن سان پرب
ٽيلهو ڪٽي ڪورٽ ڪامپليڪس وارو حاطو لتاڙيندا سامهون قدسيه باغ جي
هڪ بينچ تي اَچي ويهي رهياسين. قدسيه باغ ڏانهن ايندي، رنز سني
وٽان لنگهندي مون ميوا هوٽل وارو بورڊ پڙهي ورتو هئو. اس تکي ٽيڻ لڳ
هئي. وڻن جي ڇانوَ هيٺان پڻ ڪوسي هوا ٽانڊا وسائي رهي هئي. باغ
قبرستان جهڙي خاموشي هئي ۽ پکي پرندا پڻ پنهنجن پنهنجن آکيرن
آرامي هئا. اوچتو مون ڏٺو ته باغ جي گيٽ ٻاهران ڪو اَجنبي شخص اَسا
ڏانهن تڪي رهيو هئو. هن کي ميرسرو اَڇو ڪرتو پائجامو پيل هئو ۽ منه
تي ماتا جا داغ هئا. مون صبا کان پڇيو، ”هن ماڻهوءَ کي شڪاٽين ٽين
ڪٿي تنهنجي شهر جو ته ناهي؟“ صبا چيو مون ته هن کي ڪٿي به نه ڏ
آهي. باغ ۾ وڌيڪ ويهڻ مناسب نه سمجهي اَسين ميوا هوٽل جي ڪائونٽ
واري هال ۾ هليا آياسين.

هوٽل جي گرائونڊ فلور تي ننڍا ننڍا ڳتيل ڪبوترخانن جهڙا ڪم
هئا، جن مان ڪي اَٺن روپين ۽ ڪي ٻارهن روپين جي مسواڙ وارا هئ
ٻارهن روپين واري ڪمري ۾ لڳل غسلخانو هئو - ڪنڊ وارو اَهڙو ڪمر
وٺي اَندر اَچي مون گهٻراهٽ ۾ ڪمري جو در بند ڪري ڪڙو چاڙه
چڙهيو. ڪمري ۾ هڪ پلنگ، ٻه ڪرسيون، هڪ ننڍي ٽپائي رکيل هئي
جنهن تي پاڻيءَ جي جڳ رکيل هئي. ٻه گلاس پاڻيءَ جا پي مان ڪرسي
تي آهلي پيس ۽ صبا الماڙيءَ ۾ سامان ٽائينڪو ڪرڻ لڳي. اَسان وٽ ٽ
سوا سؤ روپيا نقد ۽ هزارين روپين جي قيمت وارا مڻيا هئا.

ميوا هوٽل جو ماحول مشڪوڪ هئو - هڪ پاسي ڪورٽن جي قطارن
ٻاهران وڪيلن جي ڪئبنن جو وڏو چار ڦهليل هئو، جن جي ٻاهران وڏا و
ڏوهاري، ڪانڪو، لچ لوفر، شنوانين تي ايندڙ ملزم ۽ سزا يافته مجرم
طرفان ضمانتن جون درخواستون پيش ڪندڙ وڪيل ۽ سندن منشي، عدالت
جي ٻنيي ٻاهران سندن دلالن جون عقابن جهڙيون تجربيڪار نظرو
اصيلن جي تاڪ ۾ جهوتون هڻنديون وتنديون هيون ۽ اِئين ڪيترا اَبوجه
سندن چرب زبانيءَ جي جار ۾ ڦاسي پوندا هئا. مان ۽ صبا اهو حاطو پا
ڪرڻ وقت الائي ڪهڙن ڪهڙن تکيندڙن جي اک ۾ هئاسين.

ميوا هوٽل جي ڪمري ۾ مانجهادو ڪري، صبا کي ڊائنيڪو ڪندي
اري ڏيئي اندران در بند ڪري ويهڻ جي سخت تاڪيد ڪندي مان
يڻ شيام سان ملڻ هن جي آفيس ڏانهن پنڌ پيس، جيڪا اتان ڏهن
ن جي مفاصلي تي هئي. هوٽل جي گيٽ سامهون اهو ئي ميرن ڪپڙن
و مشڪوڪ ماڻهو بيٺو هئو، جنهن اَسان جو قدسيه باغ تائين پيڇو ڪيو
و. مان هن کي ڏسي ٿورو چرڪي ويس، پر جلد ئي پاڻ سنڀالي هن کي
ائي سِوِل لائينس طرف وڌي ويس. هو ڪجهه قدمن تائين ڪِڍ لڳو پر
د ئي موٽي ويو. مون کي اهو اطمينان اوَس هئو ته ڪنهن لوٺئي کي غني
ن جي هوٽل ۾ گهڙڻ جي جريت نه ٿيندي.

اونهاري جي ٽپهريءَ ۾ مون کي اِئين اوچتو آيل ڏسي شيام پهرين ته
ڙو ٿي ويو پر پوءِ ڀاڪر پائي مليو. پڇيائين، ”ايترا ڏينهن ڪٿي
ئين؟“ چيومانس، ”ناناڻن ۾ نجيب آباد ويو هوس.“ پڇيائين، ”ڪا
ڪري چاڪري ملي اٿيئي؟“ چيومانس، ”مامي يوپيءَ جي ڪنهن شهر ۾
سپيڪٽري وٺي ٿي ڏني پر مون کي سرڪاري ملازمت ڪرڻي ناهي، پر
ن وقت مان توسان هڪ بيحد ضروري ۽ مخفي ڳالهه ڪرڻ آيو آهيان.
يائين، بي ڌڙڪ چئه. چيومانس، هتي آفيس ۾ نه، ڪٿي ٻاهر هل.
سان اَڪيلو دل جو حال اورڻو آهي.

ان وقت نماشام جا چار ڪن ٿيا هئا. آفيسون بند ٿيڻ ۾ ڪلاڪ کن اَجا
ئو. چيومانس ۽ شيام، آفيس مان جلدي نڪري سگهين ته ڪٿي ٻاهر
ون. هو ان وقت پنهنجو ڪو نئون غزل نوٽبڪ ۾ اتاري رهيو هئو. نوٽبڪ
د ڪري، ڪبٽ جي خاني ۾ رکي، چيائين ۽ ”هل ته هلون.“ وٽن جي
انوَ واري ”ٺنڍي سڙڪ“ تان خئبر پاس تائين پنڌ ڪندي اَسين جمنا
ڪناري مجنونءَ جي ٽِلي تي اَچي ويناسين.

وڻڪار سان پريل دهليءَ جي سِوِل لائينس واري شاهراه جي موڙ ۽ مال
ڊ کان مڙندڙ يونيورسٽي حاطي وچ ۾ جمنا جي ڪناري ايڪڙن ۾ ڦهليل
يئي ٽيلا (دڙا)( آهن، جن ۾ ’مجنون ڪا ٽيلا‘ وڏي ۾ وڏو دڙو آهي.
هڙيءَ جي درويش سائين وسڻ شاهه، جنهن کي ’وسڻ گهوٽ‘ به سڏيندا
ن ۽ سائين پارو شاهه ۽ ان ئي سلسلي جي درويش بابا نيپراج جهنڊي

چوڪرا ڇوڪريون ٻن ٽن ڪلاڪن لاءِ ميوا هوٽل جا ڪمرا مسواڙ تي وٺن
هئا. ان ڪري اها هوٽل هڪ عياشيءَ جي اَڏي طور خاصي ناوَن چڙهي
هئي. هوٽل جو مالڪ علائقي جو مشهور دادا غني خان هئو، جيڪو پيش
طور ماهر ٽيلر ماسٽر هئو ۽ رڳو وڏن ماڻهن جون شيرواڻيون پاڻ سبندو هئو.

چون ٿا تہ منٽوءَ کي 'هتڪ' ڪهاڻي لکڻ تي سندس سوٽ جي سلائي
جا پئسا معاف ڪري ڇڏيا هئا ورنہ هو ڪنهنکي بہ ڳڙ کان جهلي پئ
وصول ڪري سگهندو هئو.

غني خان پنهنجيءَ هوٽل ۾ ٻيءَ هر قسم جي عياشيءَ تي اکيون
ڪندو هئو، پر ڪڏهن شراب پيئڻ جي اجازت نہ ڏيندو هئو. هوٽل ج
مئنيجر ۽ ويٽرن کي هن جون اهڙيون سخت هدايتون هيون - دارون پ
دنگو ڪرڻ وارن کان غنيءَ کي سخت نفرت هئي.

ڪشميري گيٽ جي چوڌاري رنگ روڊ جي ٻئي پاسي جمنا نديءَ ت
جوڙايل ڪيئي گهاٽ هئا، جن تي ڏرم ڪرم ڪرڻ وارا ڪيئي مرد عورتو
صبوح جو سنان ڪندي سورج نمسڪار ڪندا هئا ۽ پنڊت کان پاٺ پوڄائو
ڪرائيندا هئا. صبح لٿي ڪانپوءِ جمنا جي ڪناري انهن ئي گهاٽن تي ل
لوفر ۽ دارون باز اَچي ديرو ڄمائيندا هئا. ڏرمي آستان هئڻ ڪري پوليس
بہ اتي اچڻ کان ڪيٻائيندي هئي.

جمنا سان گڏوگڏ تعمير ٿيل سِول لائينس ۾ پراڻي سيڪريٽريٽ
وسيع حاطو هئو، جنهن ۾ دهلي سرڪار جا سڀ دفتر، آفيسون ۽ ٻيا انتظام
ادارا هئا. نارايڻ شيام جي آڊٽ آفيس بہ اتي هئي. هن جي ڪمر
سامهون سرڪاري اردو رسالي 'آج ڪل' جي آفيس هئي، جنهن ج
سينگاريل ڪمري ۾ ايڊيٽر جوش مليح آباد ويهندو هئو ۽ پاسي وار
ڪمري ۾ هن جا اسسٽنٽ ايڊيٽر جگن ناٿ آزاد ۽ عرش ملسياني ويهن
هئا. جوش جي ڪمري ۾ سڄو ڏينهن اردو شاعرن جو ميڙو متو پيو هون
هئو. جوش مليح آبادي شاعر طور وڏو زباندان هو پر ذاتي طور وڏو زبا
دراز هئو. هو چوندو ههئو تہ پنجابي زباندان ڪري ٿو سڪان جو مون ک
اها دوزخ ۾ ڪبر ايندي. هو نهروءَ کي ناراض ڪري پاڪستان هليو آيو ۽ ا
فيصلي لاءِ سڄي عمر پاڻ مٿان ملامتون وجهندو رهيو.

سوتا هٹندو ٻڪون پائيندو هلندو هئو ۽ پڱت وقت رات جون ننڊ ڪندڙن
ڪي لتون هٹندو هئو.

اڳتي هلي درويشن جي ان آستان تي سياست پنهنجو مڪروهه منهن
اچي ڪڍيو - ڪروڙن جي جائداد، ان جي آمدني ۽ اقتدار ۾ بابا جي ڪن
مريدن جون اکيون اچي اٽڪيون. نتيجي طور ڏينهون ڏينهن صادقن جو
صدق گهٽجڻ لڳو - ميلا ته لڳندا رهيا پر اها موج نه رهي - پراڻا پيشيور
ڀڳت ۽ فنڪار هڪ هڪ ٿي راهه عدم وٺندا رهيا. انهن پنهنجي پويان
پنهنجن پيروڪارن جو نئون نسل تيار نه ڪيو.

... ۽ هڪ ڏينهن اوچتو خبر ملي ته گذريل رات مجنونءَ جي ٽيلي جي
درويش آستان جي متولي بابا گوپالداس طالب جي ڪفنيءَ کي سندس
ٻرندڙ بيڙيءَ مان اوچتو باهه اچي لڳي ۽ بابا طالب ان باهه جو بک ٿي ويو.
اڳتي هلي اهي افواهه ڦهليا ته اها باهه لڳي نه، پر لڳائي ويئي هئي. (سچ
ڪوڙ خدا جي ڪاتي ۾ آهي.)

هن وقت درويشن جي ان آستان جي مجاور ۽ مرشد لاڙڪاڻي جي
ديوانن جي هڪ درويشياڻي 'ڪملا امان' آهي. هيءَ پڙهيل ڳڙهيل محترمه
ڪن ڏينهن دهليءَ جي مرڪزي حڪومت ۾ ڪنهن چڱي عهدي تي هئي ۽
هاڻي ويراڳ وٺي درويشي در تي سجده گوءُ ٿي آهي. هن درويشياڻيءَ جي
مريدن ۽ مريدياڻين جو اَڄ به چڱو چوکو تعداد آهي، جيڪي ڪڏهن به هن
جي در جو پيرو نه ڇڏيندا آهن. دهليءَ جي فروٽ منڊيءَ جا امير ترين
سنڌي واپاري هر موسم جي ميون جا ٽوڪرا درويشي آستان تي برابر
پهچائيندا رهندا آهن، جيڪي پرساد (تبرڪ) طور مرادوندن ۾ ورهايا ويندا
آهن.

ڪرشن ڀڳوان گيتا جو گيان ڏيندي چيو آهي ”ڪرم ڪريو ۽ ڦل جي
آچا نه رکو“ ڪرشن مهاراج دورانديش هو. هن کي ڄاڻ هئي ته هڪ ڏينهن
هندوستان ۾ ڦل (ميوو) ڏاڍو مهانگو ٿي ويندو. هن جي اڳڪٿي صحيح
ثابت ٿي آهي ۽ سندس ڏنل هدايتن هيٺ اَسان ڦل جي اِڇا ڇڏي ڏني
آهي، جو اَڄ صوف سو روپئي ڪلو ۽ سنگترا پنجاه روپئي ٻزن ٿي ويا آهن.
شهنشاه بابا جهنڊي واري جي درويش آستان مجنونءَ جي ٽيلي تي

واري جي هڪ وڏي عقيدتمند بابا گوپالداس 'طالب' ان مجنونءَ جي ٽيا
جي هڪ غفا ۾ اَچي پنهنجو عبادتگاهه قائم ڪيو. ڏسندي ڏسندي
عبادت گاهه جي چوڌاري دهليءَ جي سنڌين، خاص طور سکر، روهڙي
گهوٽڪي ۽ پني عاقل جي سنڌين جا ميڙا مچڻ لڳا. مرشد بابا گوپالدا
طالب هڪ سنت فقير ۽ ڪاني ڪرامتن جو مالڪ هئو. هن جي قائم ڪ
جمنا جي ان ٽيلي تي سڄ اُڀرڻ ئي مرادوندن ۽ عقيدت مندن جا انبوهه
ٿيڻ لڳا. خاص طور آرتوار يا ٻئي ڪنهن ڏڻ وار واري ڏينهن سنڌي ديوا
سرڪاري ملازم، واپاري، فنڪار، ڳائڻا، ڀڳت، ڀهراڻن وارا، چيچ
وجهندڙ ناچو - مرد عورتون، ٻار ٻڍا - هڪ هجوم ٻڻجي اتي پهچڻ لڳ
سنڌي دانويرن بابا گوپالداس طالب اَڳيان پنهنجن ڏرمائون ڪاتن ج
ميڙي چونديءَ جون تجوڙيون کولي ڇڏيون - ڪجهه ئي عرصي ۾ سڄ
هندوستان جي سنڌين وٽان پئسو پهچڻ لڳو ۽ اَڳتي هلي سينگاپور - هانگ
ڪانگ، جاوا ۽ سوماترا، آمريڪا ۽ اِنگلنڊ جا سينيون ناٽي جون ٿيلهيون پر
اتي اچي ميلا مچائڻ لڳا.

هاڻي هر سال روهڙيءَ جي بابا نيپراج جي ورسي ملهائڻ لاءِ مئي جي
مهيني ۾ سڄو هفتو سڄي سڄي رات سنڌي ثقافت ۽ عبادت کي عروج ڏي
لاءِ هند-سنڌ جا ڀڳت اچي اتي ڀڳتيون وجهڻ لڳا. مجنونءَ جي ٽيلي ت
رهائشي ڪمرا تعمير ٿيڻ لڳا. ورسيءَ وارن ڏينهن ۾ ٽيلي جي چوڌار
ننڍا-وڏا خيما کورجي ويا. بورچي خانا ۽ ڀنڊارا کلي ويا، جتي هر قس
جي اناج ۽ چانورن جي اُچين جنسن جون ڳوڻيون ٻاچڪا ۽ داڱينا، پاجيو
پتيون، گيهه جا دٻا، مصالحن جا مرتبان ۽ ڪاٺ خوراڪ جو ٻيو سامان گا
پرجي اچڻ لڳو.

ستن ڏينهن جي ورسيءَ واري ميلي ۾ ڪيترائي ڪٽنب پنهنجا ٻئگو
بسترا ٻڌي مجنونءَ جي ٽيلي تي اَچي ڪمرا ۽ تنبو والاريندا هئا. ڪوٺڙي
جي هڪ قطار ٻاهران آيل ڀڳتن، سندن سازندن ۽ ٻولڙين لاءِ مخصوص ٿي
هئي. مون موٺڻ ڀڳت، نارو ڀڳت، ڏيپي ڀڳت، رانجهي ڀڳت ۽ شمن گڏي
کي ڀهريون پيرو اتي ئي محفلون مچائيندي ڏٺو هئو. ماسٽر چندر ۽ چم
وڌيل ماسٽر مکڻ جون چونکيون ڏنيون. بابا گوپالداس ٻن جي ٻيڙيءَ

نا جي پاڻيءَ تي لهندڙ سج جا پويان پاڇا پئجي رهيا هئا. مان نارايڻ
م کي هوٽل جي ڪمري ۾ وٺي آيس ۽ هن کي صبا سان ملايم. صبا
م کي اَدب سان اُٿي سلام ڪيو ۽ شيام پنهنجيءَ مخصوص مرڪ سان
 جي مٿي تي پنهنجيءَ آسيس وارو هٿ رکيو. شيام ڪلاڪ کن ويٺو
يو. صبا شربت جو گلاس ٺاهي هن کي ڏنو. شيام جي نگاهن ۾ صبا لاءِ
ٽ سنيهه ۽ دعا جا نقش نمايان هئا.

باهر اَچي شيام مون کي چيو ، جيترو جلد ٿي سگهيئي ڇوڪريءَ کي
ٽن وٽ موٽائي وٺي وڃ. چيومانس ، شيام، وٺي ته وڃان پر هو هن کي
ري ڇڏيندا ۽ گڏوگڏ مون کي به قتل ڪرائي ڇڏيندا. مان پاڻ مرڻ لاءِ
ر آهيان، پر هن معصوم کي ڪئن مارايان؟ اَسين بيئي شادي
نداسين ته پوءِ ڪير به اَسان کي ڪجهه نه ڪري سگهندو. ”شادي ڪئن
ري سگهندا. تنهنجي چوڻ موجب ڇوڪري اَڃا نابالغ آهي - سال ڏيڊ
ئين ڪٿي لڪندا وتندا؟“

”ملڪ کان ڪٿي باهر هليا ويندا سين.“

ذريل رات جڏهن صبا گهريءَ ننڊ ۾ هئي ته مان رٿائون جوڙي رهيو
س. هڪ ته بيو زيور وڪڻي ڏکڻ هندوستان جي راميشور شهر پهچي
ڙيءَ رستي سِلون هليا ويندا سين. (ان وقت تائين سلون اَڃا سري لنڪا نه
 هئي ۽ هندوستانين جي اتي اچ وڃ تي ڪا به پابندي نه هئي.)

اتي سنڌورڪين جا ڪيترا وڏا دوڪان ۽ بيا ڌنڌا ڌاڙيون آهن. مون کي
ي ڪا نه ڪا ملازمت سولائيءَ سان ملي سگهندي. اَسين ان ڪُنڊائتي ۽
ستي ملڪ ۾ خوشحال ۽ محفوظ زندگي گذاري سگهنداسين.) مان جاڳ ۾
ي سپنا سرجي رهيو هوس. شايد صبا به ڪي سپنا ڏسي رهي هئي.

ڪشميري گيٽ جي بس اسٽاپ تي بس ۾ چڙهڻ کان اَڳ شيام مون
 هدايت ڪئي ته جلد ئي هن بوسائيندڙ ماحول مان باهر نڪرو. سياڻي
وح ساڻ ئي ڇوڪريءَ کي پنهنجي گهر وٺي وڃ ۽ پنهنجي مامي کي
ي گهرائي صبا جي ٻانهن هن کي سونپي ڏي. مان سياڻي آفيس کان پوءِ
وان صاحب (دادا) سان ملڻ ايندس. ڏٺي ڪندو سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.
 ميوا هوٽل جي غليظ ماحول مان نڪري وڃڻ جو پڪو فيصلو ته ڪري

جمنا ڪناري هڪ وڏي پٽر تي نارايڻ شيام ۽ مان اَچي ويناسين. تہ
ڏينهن کان پوءِ ميلو شروع ٿيڻ وارو هئو، ان ڪري شيواڌارين جي اچ-و
جاري هئي. ڀڳتن جي رهائش واري وسيع حاطي ۾ پکالي پاڻيءَ ج
ڇڻڪار ڪري رهيا هئا. ٿهليا زائرين جا ڪمرا ڌوئي صاف ڪري رهيا ه
- زالون چوڪريون رنڌڻا ۽ پنڌارا پيري رهيون هيون. هريجن غسل خانن
بيت ال خلائون ۾ ٻهارا گهمائي رهيا هئا. گلن غاليچن، ڪناتن، استي
جي باسڻن، ديگين ديگڙن، ٽامي ۽ جست جي ٿالهن، پتل جي لوٽن
ڏنڊڻ جي ڳوٽين جون ٽرڪون ۽ اناج دالين ۽ ڀاڄين جون گاڏيون پرجي
اچي وچي رهيون هيون. بابا گوپالداس طالب پاڻ تيز رفتاريءَ سان هلند
هر انتظام مٿان نظر رکي رهيو هئو تہ هن جا مريد هڪ ٻئي مان ٻيڙيون
دڪائيندا مرشد کي ڏيندا ٿي ويا.

هن قسط لکڻ جي ڏهن ڏينهن کانپوءِ (٢٢ مئي کان ٢٦ مئي تائين
روهڙيءَ جي شهنشاه بابا نيپراج صاحب (جهنڊي واري) جي اُٺهنين (٥٩
ورسيءَ وارو ميلو آهي. جنهن ۾ ڀڳتن ۽ بابا طالب جي روحاني ڪلام کانپو
ڀهراڻا ۽ پوئين ڏينهن هن جي گادي نشين اَمان ڪملا پلئہ پارائيندي.

ڌرمي يا مذهبي مقصدن کان درڪنار ۽ عقيدن جي برطرف اَسان جي
سنڌ جي درويشن، پيرن فقيرن، سنتن ساڌن، ٻاون ٻانيٽن ۽ ڪاني ڪرامتن
جي مالڪن نہ رڳو هند-سنڌ ۾ سنڌي قوم کي يڪجاءِ ڪيو آهي پر هند
سنڌ جي سنڌي عوام کي پڻ روحاني طور هڪ ٻئي سان هم آهنگ ڪي
آهي. سچل سرمست جا مڃوتي ۽ مريد جيترا هند ۾ آهن، ايترا شايد سنڌ
۾ بہ نہ آهن. انهن درويشن ڏکئي وقت اَسان کي پاڻ وٽ پناهہ بہ ڏني آهي
تہ انهن مان ڪن پنهنجن ڪرمن ڪري پنهنجن مريدن ۽ پوئلڳن کا
وقتي پناهہ گُهري پڻ آهي.

مجنونءَ جي ٽيلي جي پٽر تي ويهي مون نارايڻ شيام کي صبا جي
سچي ڪهاڻي ۽ پنهنجي عشق جو داستان ٻڌايو. هن کي هتي تائين وٽي
اچڻ واريءَ واردات جا تفصيل پنهنجي فرد جرم جو اعتراف ڪيو. شيام
پنهنجي سانتيڪي سڀاءَ سان سيڪجهہ خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو. هن مون
کان ڪوبہ سوال نہ ڪيو. رڳو وچ وچ ۾ ڪا سوالي نگاهہ مون تي وجهندو رهيو

آئيئي - مون کي ڪٿي منهن ڏيکارڻ جهڙو نہ رکيو آئيئي - ٻڌاءِ ڇوڪري ڪٿي آهي؟" هو مون تي پستول تاڻي بيهي رهيو.

پريل پستول ڏسي منهنجو پيءُ بہ هراسجي ويو ۽ هن مامي کي پوليس گهرائڻ جي ڌمڪي ڏني. دادا مامي کي چيو، "تون ٿوري دير ٻاهر وڃ. مان سڀ ڄاڻڻ کان پوءِ توکي سڏ ٿو ڪريان ۽ نوابن کي چئہ تہ چپ چاپ ٻاهر پارڪ ۾ وڃي ويهن. پگهر ۾ شل ٿيل مامو ٻاهر اچي ٿڌي بيئر جي بوتل وات تي لڳائي ٻٽ ٻٽ ڪري پيئڻ لڳو.

ڪمري جو در بند ڪري منهنجي نياءَ ڪاري پيءُ مون کي شيشي ۾ لاهڻ شروع ڪيو. هن مون مٿان پنهنجو هر حربو استعمال ڪيو. هڪ تجربيڪار قانون دان جيان پهرين هن هڪ مهربان پيءُ وارو شفقت ۽ رتائين رشتي جو واسطو وڌو، ڪٽنب جي عزت ۽ ناموس جو احساس ڏياريو، پيار سان پرچايو ۽ سمجهايو ۽ آخر ۾ لت ڇَٽ لب لالچ وارو طور طريقو استعمال ڪيو. پنهنجي خانداني رتبي، ڀائرن ڀينرن جي مستقبل ۽ مِٽين مائٽن بابت اون ۽ انديشن ۽ خوف خطرن کان مون کي آگاهہ ڪيو. نصيحت ۾ پوشيده ڌمڪيون ڏنيون - پر مان آلين اکين سان پاڻ تي پورو صبط رکي پنهنجي ان فيصلي تي محڪم رهيس تہ مون کي صبا سان ئي سڄي عمر رهڻو آهي. "مان هن کي ڇڏي نہ سگهندس." - مون دادا کي پختگيءَ سان چيو.

"پر هوءَ اَڃا بالغ ناهي، ان ڪري ساڻس شاديءَ جو سوال ئي نٿو اُٿي." دادا قانوني نقطو اُٿاريندي چيو.

"مان سال سوا ترسندس."

"تيسين هوءَ ڪٿي رهندي؟"

"هتي ئي - اَسان جي گهر ۾."

"بنا ڪنهن قانوني ۽ اخلاقي رشتي جي اَسان جي گهر ۾ ڪهڙيءَ حيثيت ۾ رهندي؟"

"دادا، توهان قابل قانون دان ٿي رهيا آهيو. توهان ئي ڪو قانوني نقطو يا ان جو حل ڳولهي سگهندا."

"قانوني مسئلي کي تہ مان منهن ڏيئي ويندس پر جي نتيجي طور ڪو

ورتو پر صبا کي پنهنجي گهر وٺي وڃڻ کان ڪيٻائي رهيو هوس. شيام
پنهنجائي هوندي بہ ساڻس هڪ لحاظ وارو ادبائٽو رشتو هئو. هن
احترام هوندي بہ ڪانئس ڪنهن وقت خوف ڪائيندو هوس. منهنجن
عمر گهرن دوستن مان هريڪانت اجمير مان اچي پنهنجي وڏي ڀاءُ
ڪنهن مسواڙي ڪمري ۾ رهندو هئو. جيون ڪلڪتي ۾ بروڪ
ڪمپنيءَ ۾ سيلسمئن هئو. هيم نوڪريءَ جي لاش ۾ بمبئيءَ ۾
رهيو هئو. سترام همدرد پنهنجن ٻارن ٻچن سان روشن آرا روڊ
جهوپڙپٽيءَ ۾ رهندو هئو. ٻين اَدبي دوستن سان رڳو اَدبي ڪلاس وا
دعا سلام هئي. تيرٿ وسنت اڪيلو لوڌي روڊ جي ڪوارٽرز جي برساتي
رهندو هئو پر صبا کي هن وٽ وٺي وڃان ها تہ هو لعنتون هڻي ذليل ڪ
ٻاهر ڪڍي ها. ٻي ڪا جوءِ نظر نٿي آئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو مان زيورن جو ٿيلهو کڻي سترام همدرد
چاندني چوڪ سينٽرل بئنڪ ويس - هن کي سڀڪجهہ ٻڌائي ڪيس ز
بئنڪ جي لاڪر ۾ رکڻ لاءِ چيم. هن بہ صاف انڪار ڪندي اهو مشورو
تہ چوڪريءَ کي زيورن سميت مائٽن تائين پهچائي اَچ - همدرد سوَ
نوٽ منهنجي کيسي ۾ کسڪائي ڇڏيو. ڏپ ۽ نراسائيءَ ۾ مان هوٽل بد
ڪرول باغ پنهنجي گهر هليو آيس.

سڄي گهر ۾ ڪهرام مچل هئو. منهنجو مامو اَڌ رات جو صبا جي چا
نواب ۽ هن جي هڪ قوي هيڪل مائٽ سان اَسان جي گهر پهچي ويو ه
نواب منهنجي رت جو پياسو هئو. منهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ روئي رهي
هيون ۽ منهنجو پيءُ مامي کي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويها
هن کي ٺارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئو. نواب ۽ هن جو مائٽ خوفن
چيتن جيان ٻاهرئين اڱڻ ۾ اَچ وڃ ڪري رهيا هئا ۽ مون طرف خونخ
نظرن سان نهاري رهيا هئا.

منهنجي گهر ۾ گهڙڻ سان ئي مامي مون کي بہ چار چماٽون وها
ڪڍيون. ڀاڀي وچ ۾ اَچي ڀاءُ سان اَٽڪي پيئي - "خبردار ٿجو -
منهنجي پٽ کي هٿ لڳايو اٿيئي. مامو نہ مڙيو - هن اَڳئين کيسي م
پستول ڪڍيو ۽ "نالائق - بي حيا - سڄي ضلعي ۾ منهنجي پٽ وڃا

ون ڏانهن اکيون ڦوٽاري ڏٺو ۽ چيو : ”بيئي قتل ٿي ويندءُ. هي ماڻهو
نهنجي ڇوڪريءَ کي کڻن به وٺي ئي ويندا. اڄ هليا ويا ته سڀاڻي
نهنجي شهر جا سَو ماڻهو وٺي ايند - دنگا فساد ڪرائيندا. تون صغير
وڪريءَ جي اغوا جي ڏوهه ۾ گرفتار ٿي ويندين. ڪو جج ضامن ئي نه
ٽنداءِ. توسان گڏ پٺهين ماڻهين به پڇايل ڇوڪريءَ کي پناهه ڏيڻ جي
وهه ۾ قانون جي گرفت ۾ اَچي ويندا.“ مامو گستاخيءَ تي لهي آيو. ’مان
ه بجنور مان پنهنجي بدلي ڪرائي ٻئي ضلعي ۾ هليو ويندس پر هي
وکي جيئرو نه ڇڏيندا. ماڻ ميٽ ۾ ڇوڪريءَ کي پنهنجن مائٽن سان
يڄڻ ڏي.“ مامي ڌمڪي جاري رکندي چيو.

صبا ڊنل هرڻيءَ جيان ڏڪي رهي هئي، پر پوءِ به پنهنجي اک آلي
يڻ نه ڏني.

مون حسرت وچان پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو. دادا چيو : ”پٽ، هن
وقت ڇوڪريءَ کي وڃڻ ڏي. مان قانوني ۽ سماجي طور توهان ٻنهي کي
ڪ ٻئي سان ملائيندس.“

مون صبا ڏانهن ڏٺو - هن جي اکين ۾ التجا هئي - جڻ هوءَ مون کان
جيئدان گهري رهي هجي.

دادا زيورن جو ٿيلهو هنن ڏانهن وڌائيندي چيو : ”نواب صاحب، پنهنجيون
يئي امانتون وٺي وڃو - اِهي جيڪي هنن جي نصيب ۾ هوندو.“

نواب صبا کي رهڙ ڏيندي چيو : ”چلو - “

صبا ڪنڌ مٿي ڪري مون ڏانهن ڏٺو. چيائين : ”چا مان وڃان؟“

چيومانس : ”ها - في الحال وڃ - منهنجي والد مون سان ... مان ٻِت
ت ڪرڻ لڳس.

هڪ ڦهري نگاهه مون مٿان وجهي صبا پنهنجي چاچي جو زور سان
ت جهلي هن کي چيو : ”چچا جان - چليئي -“

ويندي ويندي هن هيڪر به مون ڏانهن مُڙي نه نهاريو - پر مان هن
ي اَندر مان اُٿندڙ آها ’آهه‘ اَوس ٻڌي رهيو هوس.

”وڃ دوزخي! مون توکي تنهنجيون سڀ بي وفايون معاف ڪري ڇڏيون.“

فرقيوارانہ فتنو فساد ٿي پيو تہ ان کي ڪير منهن ڏيندو؟ ڄاڻين ٿو تہ هي رامپوري چاڪُن سان رانديون ڪندڙ نوابي خاندان جا ماڻهو ڪيترا نہ سنگدل ۽ رسوخ وارا آهن.“

”اَسان بيئي هي ملڪ ڇڏي ٻئي ڪنهن هنڌ هليا ويندا سين.“

منهنجي پيءُ جون تجربيڪار نگاهون سڀ جاچي رهيون هيون. هن مون کي چيو، ”وڃ، ڇوڪريءَ کي هتي گهر وٺي اَچ. ان وچ ۾ مان کو حل ڳولهي وٺندس.“ مون پيءُ کي چيو ”دادا، وچن ڏيو تہ اَسان کي اَلڳ ٿيڻ نہ ڏيندا.“ دادا ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.

زيورن جي صندوق گهر رکي، مان ۽ مامو ٽئڪسي ڪري هوٽل آياسين. صبا سنان ڪري واسينگن جهڙا وار سڪائي رهي هئي. مامي هن جي معصوم ڇهري ڏانهن ڦهري نگاهن سان نهاريو. سڄو سامان ويڙهي، هوٽل جو بل چڪائي اَسين ٽيئي ان ئي ٽئڪسيءَ ۾ گهر آياسين.

گهر جي پهچڻ لڳهہ وٽ ٽئڪسي بيهاري مان صبا کي پوئين در کان اندر وٺي آيس. مامو ٽئڪسيءَ واري سردار سان ڀاڙي تي ريڙهہ پيڙهہ ڪري رهيو هئو. صبا جي سونهن ڏسي پاپي ۽ پينر دنگ رهجي ويون. مان صبا کي سڌو دادا جي ڪمري ۾ وٺي آيس. هوءَ دادا کي (جئن مون هن کي سمجهايو هو) هٿ جوڙي نمستي ڪري چپ چاپ بيني رهي. دادا هن کي دعائون ڪندي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. مون صبا کي ڇوڙڻ شروع ڪيو، ”منهنجي والد صاحب مون سان وعدو ڪيو آهي تہ هو اَسان کي ڪڏهن بہ جدا ٿيڻ .... مون اَڃا سٽ پوري ئي نہ ڪئي تہ نواب چاچو واڇوڙي جيان ڪمري ۾ ڳهري آيو - ايندي ئي هن صبا جي ڪليل وارن ۾ هٿ وڌو ۽ منهن تي ٻہ چار زوردار ڌڪ وهائي ڪڍيا. دادا اُٿي بيٺو. مامو ٽئڪسيءَ واري کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو اَندر آيو تہ ڪمري ۾ نواب جو آواز ٻڌي ڀڄندو آيو. هن هڪ هٿ نواب جي ٻانهن ۾ وڌو ۽ ٻيو هٿ پنهنجي چيلهہ سان ٻڌل پستول ڏانهن وڌايو. مامي نواب ۽ هن جي ناسن قاتل مائٽ کي پوليس گهرائڻ جي ڌمڪي ڏني. منهنجي ماءُ ۽ پينر رئڻ لڳيون. صبا چپ چاپ چوٽ کائي بيني رهي. هن جي هرڻيءَ جهڙين اکين ۾ ڪو ڳوڙهو نہ هو.

مون مامي کي چيو : ”مان صبا کي ڪيڏانهن وڃڻ نہ ڏيندس. هيءَ هاڻي هتي ئي رهندي. ايندڙ سال ڏيڍ ۾ اَسين شادي ڪنداسين.“ مامي

ڊاڪٽر چوئٿرام مون کان عمر ۾ ننڍو آهي، پر سڌي راجنيتيءَ ۾ مون
ان اڳ گهڙيو. هو ڄائو ئي ان ڪاٽر هو.

اِهو سمو ١٩٠٦ وارو، دادا ڀائي نوروجيءَ وارو هئو، جنهن ’سوَراج‘ شبد
چاريو.

پنج ست سال گذري ويا. تنهن سمي ۾ مون بہ ماستريءَ جو تجربو
رتو، پڙهيو لکيو. پر راجنيتڪ پٽڪ جا منهنجي ڪرمن ۾ لکيل هئي، سو
ون ماتا وارن ٽڪن جي سوال تي وٺي ڪيو جهيڙو. مقدمو هليو. برنارڊ شا
جي ”ٽڪن واريءَ خلاف سيا“ لنڊن ۾ سوال وڌا پارليامينٽ ۾. گانڌي
هاراج اُهي پڙهيا آفريڪا ۾، منهنجو نينهن جو ناتو ساڻس ١٩١٢ کان
هي. قصو ڪوتاهہ. ماستريءَ جي مائيٽن جزن جي بدران، منهنجي مٽي
ر سياست ۾ جا گهڻا پئدا ٿيڻ لڳا.

١٩١٣ ۾ ڪانگريس جي سنڌ ۾ پهرين بينڪ ڪراچيءَ ۾ ٿي. رئيس
لام محمد ڀرڳڙي ۽ سيٺ هرچندراءِ ڪانگريس جا سنڌ ۾ باني ٿيا. اَسين
ڙيئي وڃي لشڪر ۾ داخل ٿياسين. رئيس ڀرڳڙي حيدرآباد ۾ مکيہ مرڪز
ئدا ڪيو. هندو - مسلمان، ديوان - پائيبند، مُکي-پئنچ، ڀائيڻ - ڀروچ،
ڪيل وَرا اَچي شامل ٿيا؛ وڏي پئنچات ٿي ويئي. مڙني جو مُکي ڀرڳڙي
نهنجي ناقص عقل ۾ غلام محمد ڀرڳڙي سنڌ جو پهريون قومي اَڳوان
مجهڻ گهرجي. ڪانگريس جو جائنٽ سيڪريٽري هو. جي سويل ئي
وت جو جهاتو نہ جهٽي وڃيس ها، تہ ضرور ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ٿئي
ا. اُهو سمو لوڪ مانيہ تِلڪ وارو هو، جنهن نعرو هنيو ”سوَراج منهنجي جنم
جو حق آهي ۽ وٺندس.“. حيدرآباد ۾ مون کي لوڪ مانيہ تلڪ هينئيون منتر
کي ڏنو ۽ مام اَنُسمرَ يُڌيَسوَ. (موُنکي ياد ڪر ۽ وڙهہ - گيتا). بس، اَسان
جوانن جي رڳن ۾ جنسي بجليءَ واسو اَچي ڪيو.

”وڃون وسڻ آيون، ڪري لعل لبيس.“ (شاهہ)

١٩١٤ واري جنگ بہ اَچي مَتي. جڳت جي ساگر ۾ ولوڙو شروع ٿي
يو. هوڏانهن اَنگريز مورک جا اَهڙا حال، جو ائني بيسنٽ کي ڪٽي باند
ڪيائون! لارڊ پينٽلنڊ، مدراس وارو گورنر چوڻ لڳو تہ هيءَ ڪيرَ جو ”سيلف
ورنمينٽ“ (خود حڪومت) جو ٿي آواز ڪڙو ڪري. مون کي يادگيري آهي

# هندستان جو وچتر ناٽڪ

• چيتنمل پرسرام گلراجاڻ

ڪانگريس ۱۸۸۵ ۾ جائي ۽ منهنجو اِهو نشچو آهي تہ انهيءَ کي جـ
ڏيندڙ، جڳت جا رکيڪ، رشي سنگهہ وارا آهن، جن کي تِرڪال درسي
چئجي. هن جڳت جي حڪومت جا ڪاروباري رڳي ٻاهريان راجائون
رهبر ڪين آهن، پر جڳت جي اَندرين ڪاروائي روحي طاقتن ۽ سگهن جـ
هٿ ۾ آهي، جي سمي انوسار ديسن ۾ جاڳ سُجاڳ پيا پئدا ڪن. پار
جي راجنيتڪ مُڪتيءَ ڪاتر ڪانگريس پيدا ٿي؛ ۽ انهيءَ ڪم ڪـ
ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪهڙا نہ عجيب پُرش ۽ ناريون نڪري نِروار ٿيا آهن!

چئجي ڪٿي تہ ۱۸۸۵ کان هڪ مها وچتر ناٽڪ شروع ٿيو آهي. ناٽ
ڪڏهن ٿو پورو ٿئي، تنهنجي مونکي پروڙ ڪانهي، ڪي پيا چون تہ هي
پويون پردو آهي. اِئين هجي. پر هن جڳت جو کيل بي اَنت آهي. متا
پوئين پردي ڪانپوءِ وري ڪنهن نئين ناٽڪ جو اوائلي پردو کڄڻ وا
هجي!

مون بہ انهيءَ ناٽڪ جا ٻہ چار ڇهڇٽا ڏٺا آهن، تن جي ٿوري ڪٿا
ڪريان. منهنجو جنم بہ ۱۸۸۵ ۾ ٿيو. تنهن ڪري آءٌ سمجهندو آهيان
آءٌ بہ ڪانگريس جي لشڪر ۾ پيدا ٿيو آهيان. البت نہ وڏن سالارن جـ
قطار ۾، پر هڪ خاڪسار سپاهيءَ جي حيثيت ۾ ضرور.

تنهن کي چاليهہ سال ٿيا. حيدرآباد جي شهر ۾ پوهومل ڪياڻيءَ جـ
نالي نيون جايون ٺهيون هيون. تِن مان هڪڙيءَ ۾ اَسانجي ڪمار منڊلـ
هئي، جا هڪ سهڻي ننڍڙي اَڱڻ واڌومل ۽ ڪاڪي منگهارام ٽاهي هئي
آءٌ اُنهيءَ منڊليءَ ۾ گرو گوبند سنگهہ جي بهادر ويرن سِنگهن ۽ سِنگهڻيـ
بابت مشهور گرنٿن، سندري ۽ بجئسنگهہ مان جوانن کي خوب وندرائيند
هوس. انهيءَ ڪوٺيءَ سان ٻنهہ گڏ پت وچ ۾، وري هڪ ٻي جوانن جـ
ٽوليءَ جا ميڙ ٿيندا هئا. هنن جا راجنيتي واڄٽ ۽ آواز اَسان جي ڪنن
سوسرات ڪندا هئا. جيوت ڪرپالاڻي (هاڻي آچاريہ صاحب) ۽ چوئٿ
گدواڻي (هاڻي ڊاڪٽر صاحب) اِنهيءَ گجندڙ ٽوليءَ ۾ بہ ڀرڪ هئا.

سندن جتيون چنبيندڙن جون بہ کلون لھنديون هيون، جنھن لاءِ آءٌ سندن
حن وٽ هينئر معافي طلب آهيان. مان پانيان ٿو تہ اهو پاڪيءَ وارو هنر
نڪان تہ هينئر بہ وسري ڪونہ ويو آهي. پر مون ازخود انهيءَ راند جو دائرو
د ڪري ڇڏيو آهي.

قطع تعلقات جو سمو اَجا ڪونہ آيو هو. پر گانڌي مهاراج آفريڪا مان
جي ويو هئو، سو بہ ائني بيسنت وانگر چوي تہ گهڙو جنگ ۾، ڏيو انگريز
ي لشڪري مدد. ڪراچيءَ ويندي اَسان سان خوب ڳالهيون ڪيائين.
يائين تہ آءٌ پيو پانيان تہ آءٌ پاڻ جنگ ۾ گهڙي پوان. مون چيُس، قبلا!
هين هنسا کان اَلڳ رهو. باقي جوانن کي جوش ڏياريو. ڪراچيءَ جي
رسي ٿيئيٽر ۾ کانئس اِن وشيہ تي ڀِهريون وياکياڻ مون ڏياريو، جنھن جو
رون دور پهچي ويئون.

انگريز مورک کي عقل ڪونہ آيو يا تہ چئجي تہ نصيب ٺيڪ ڪونہ
وس. افعال گورن گورنرن جا اَهڙا، جهڙا سنڌ ۾ هينئر بہ. سو نيٺ گانڌي
هاراج کي چيڙائي رکيائون. جنگ ۾ تہ ڪونہ گهڙياسين، پر گورن سان
وب ڪشمڪش شروع ٿي ويئي.

اَسانجي سڄي ٽوليءَ تي وارنٽ پرگري سوُدا. شيخ عبدالمجيد،
نهنجي حريف ۽ منصوبي دماغ جي مس ٿورن کي سُڌ هئي؛ سو بہ اَچي
ليءَ ۾ شامل ٿيو. انهيءَ سمي حيدرآباد شهر ۾ جيڪي گورن سان
کريون لڳيون، سي جي اَنگريز جي دفتر تي نہ، تہ چترگپت وٽ اَجا بہ
خل هونديون. مون کان اُهو سمو وسرڻو ئي ناهي!

ائني بيسنت جو قانوني جهنڊو اَجا جاري هو. پر گانڌي مهاراج جي
نسا ۽ ستيا روپي گئو ماتا جا سِڱ، انهيءَ جهنڊي جي پاڙ اُکوڙڻ کي لڳي
ا هئا. ائني بيسنت کي آءٌ پنهنجو گرو سمجهندو آهيان. پر گرو مهاراج
ي بہ مون کين ڇڏو. گانڌي مهاراج جي سَرن وٽي سِڌو وياسين يرودي جي
نرا تي. هندواسي اخبار هاڻ جئرام، گهنشيام ۽ چوئٿرام جي قلم جو
بدان ٿي. هنن کي پرماتما اها ''ترمورتي'' جي اَٽل ٽوپي ڪانہ بخشي
ٿي. اِها هنن کي پوءِ عطا ٿي. خوب جنگ جوٽيائون. سرڪار هندواسيءَ
ي نِهوڙڻ واري هئي. سو يارن کي نالو (هندواسي) ڦيرائي ''پارت واسي''

تہ اَسان جي نگرواسي سڀا ۾ هڪ نرم خيال دوست درستي آندي تہ مقص
مان اِهو شبد بنهہ ڪڍيو وڃي، متان جيل موڪليا وڃون! سنڌ ۾ سياس
گهمسان ۽ ڏوڙيو پئدا ٿيو. مائي بيسنت هڪ طرف گوکلي (گوپال ڪرشڻ)
لوڪمانيہ کي مِلائي هڪ ڪيو، ٻئي طرف ڪانگريس ۽ ليگ کي يڪمش
ڪيو هو. انگريز کي ڪنڌ مڙيوئي نِوائڻو پيو. اُن سمي مائي بيسنت ج
باند ٿيڻ تي يورپ ۽ آمريڪا ۾ هندستان پاران اَنگريز خلاف تحرڪ هلي
ايتري جو مائي بيسنت کي آزاد ڪيو ويو ۽ هوءَ ڪانگريس جو پريزيڊنٽ ٿي
۽ چوڻ لڳي تہ ڪانگريس رڳو ٽي ڏينهن هلائبي آ، پر سڄو سال ڪم ڪب
اُهو سمو ائني بيسنت ۽ هوم روُل وارو چئبو. هوءَ گوري چمڙيءَ واري هئي
ٻولي هن جي ديسي نہ هئي. پر هرڪو ٿو قبول ڪري تہ پڙهيلن
راجنيتي سُجاڳي ائني بيسنت آندي.
اَسانجي سنڌڙي بہ پنتي ڪانہ پيئي! تقريرون، تحريرون، ليڪ
چاپا زور ٿيندا رهيا. ”سنڌواسي“ روزاني ۽ هفتيوار انگريزي ”سن
آبزروَر“ اخبارون پئدا ٿيون. هيون چڱيون، پر نرم. هوڏانهن جوانن جو
دليون گرماگرم. اُن وقت روزاني ”هندواسي“ نڪتي. (1917 ۾
منهنجي جاءِ هيڊ مهراج لوڪرام (وشنو شرما جي وڏي ڀاءُ) جي پريس
هئي، جنهنجا چيڪرات پيو ٻڌندو هوس. هڪ ڏينهن هيڊ لهي مو
چيومانس : مهراج، اِها پريس مون کي ڏيندين؟ چيائين ڪڻ. هئي مون و
ڪوڏي ڪانہ. پئسا پندرهن سؤ رپيا چڱي مڙس کي ملي ويا، پر تاهو
ڪانہ ڪيائين. تِن ڏينهن ۾ هڪ نوجوان ڪاليجي، تنهن کي پڙهيو
ڪئن هڪ موٽائي پيو ٿو قلم جا چيچاٽ ڪري، سو مون وٽ لنگهي آيو. را
ست ڪري مونکي ڪٽي ٽن هزارن رپين جو چيڪ ڏنائين. وري رسيد
ڪانہ گهريائين! انهيءَ جوان جو نالو هو جئرام. مون بہ انهيءَ ڏينهن ڪٽي
پريس ۽ اخبار سندس هٿن ۾ ڏني. اُنهيءَ وقت واري جيوت لکڻ لاءِ و
باب گهرجي.
اُهو سمو خوب سِمريندو آهيان. پوءِ تہ سڄي پرڳري واري ٻار
”هندواسيءَ“ ۾ لنگهي آئي. هندواسي جي ليکن ۾ مون کي هرويرو چ
ڪم ڪونہ ڪيا. رڳو هندواسيءَ ۾ گورن جي حجامت ڪانہ ٿيندي هئي

اَجا مون کي پروڙ نہ آهي تہ هيءُ ڪيل خواب آهي يا جاڳ آهي!
پر ڏسان پيو تہ اَڄ منهنجا پراڻا دوست بہ پيا چوَن تہ ڇا ٿيو، هي ڇا
ٿيو!

سارو مُلڪ هن وقت نئي چڪر جي جاندھہ ۾ پيسجي، ڦرمونٽيءَ وانگر
ڦري رهيو آهي.

انگريز تي مون کي اَجا اَهڙو اعتبار ڪونهي. هاڻ سنڌ ۾ تہ گورنري
ٽڪيٽ ۾ اَچي ڦاٿا آهيون. پر مون سان وٺل اِهو آهي تہ مون کي پنهنجن مان
بہ گهڻو اعتبار نڪري ويو آهي. اَڳي غلام هواسين گورن جا، هاڻي سنڌ ۾
تہ غلام ٿيا آهيون. غلامن جي جنسي غلامن جا. نااُميد اَجا بہ ڪين آهيان.
پرھہ ڦٽيءَ کان اڳ۾ ڪارهن ڪاري هوندي آهي.

سورج مهاراج پنهنجو درسن ڪرائيندو؟

ڪا نئين روشني نڪرڻ واري آهي. ڪانگريس ۾ منهنجو اعتبار گهڻن
سالن کان پوءِ وري ڪجهہ جاڳڻ لڳو آهي. گانڌي، جواهر ۽ آزاد کي آءٌ
وڌيڪ پيار ڪرڻ لڳو آهيان. نوَن نوَن ۽ روز نوَن نڪرندڙن اَڳوانن ۽
اڳوانٽين ۾ مون کي اعتبار گهٽ آهي.

انهن جي اَڳوانيءَ کان وري بہ جهونن آزمايل جوڳين جي رهبري بهتر
آهي. سمو اَجا وڄ جو آهي. سنڌ ۾ تہ اَسان مڙني کي يڪمشت ٿي منهن
ڏيڻ کپي.

سنڌ پنتي تڏهن پئي آهي، جو سنڌ ۾ ڪانگريس جي اصلوڪي
صورت گهٽ آهي. علاج آهي تہ اَصلوڪي ۽ اُصولئي کي جاڳائجي.

(’هندستان‘ مهورتي پرچو، ۱ آگسٽ، ۱۹۴۶ع)
(سنڌو جوت - 2009)

رڪڻو پيو.

مون اَکَئي چيو آهي تہ هيءَ ڪٿا نهايت وڏي چوڙي آهي، هِت ها
توري ۾ ختم ڪرڻي آهي. يرودي جيل جي ياترا ڪري آياسين. انگريز
ڪجهہ عقل اَچي ويو هو. جنگ بہ پوري ٿي هئي. ١٩١٩ وارا سُڌ
ڪانگريس ليگ ڪي مليا، پر سَمو نئي سِر ڦري رهيو هئو. مونکي چ
سِمرتي آهي. آءُ ترنگ جي تيرت کان پوءِ بنهہ ڪماليت جي چوٽيءَ
پهچي ويو هوس. ڪوئن سڏاوي ”وطن دوست“! آءُ پيو پاڻ کان پُڇان،
هيءُ ٿيو ڇا آهي. هندن جون گَرانڙيون ۽ مسلمانن جون نِراڙ تي مِنيون ۽
ياڪُر. مسجدن مندرن ۾ دماڌم. خلافت خلافت جا خوب آواز. ن
اڪبري. پهرين تہ مونکي سمڪ ڪانہ پيئي. نيٺ عبدالمجيد کان پڇيم
هيءَ خلافت ڇا آهي؟ تن ڏينهن ۾ شيخ صاحب جي دل تي جوش جا م
متا پيا هئا. سو مون کي ڪٿان ٿو سبق پڙهائي. پر مون پاڻهي اَيياز
ڪيو. ڏٺم تہ ”خلافت“ معنيٰ مذهب شاهي. ڇي تيرهن سوَن ورهين ک
پوءِ نبي ڪريمَ جو جهنڊو جُهليندڙ آهي ترڪيءَ جو بادشاهہ، جنهن ک
”يورپ جو بيمار“ بہ سڏبو هئو. ڏٺم تہ، هيءَ خلافت شوڪت علي ۽ محم
عليءَ واري ”اوليا ڪرسي“ باواشاهي آهي. ڇيُم تہ جيسين اِها ويئي
آهي، تيسين ”ڊيماڪرسي“ لوڪشاهي اَول ايندي ڪيئن؟

پوءِ تہ منهنجو قلم ۽ ڪلام، ٻئي ڪيڪرات ڪرڻ لڳا تہ خلافت معن
آفت! منهنجي ڪماليت هاڻ زواليت جو درسن ڪرڻ لڳي! وري هوُ ج
١٩١٩ وارا سُڌارا آيا، تن تي قطع تعلقات جي ڪاتي وهڻ لڳي. هاڻ بن
قوُت جو زمانو اَچي ويو هو. اَسانجي ”هندواسي“ وارن جي گهر ۾ گهوٽ
پيو. جيڪا اخباري عمارت ٺاهي هئيسين، تنهنجا روز بہ روز ننڊا و
چاپوڙا ڪِرڻ لڳا. ’پارتواسي‘، جا هزارن جي تعداد ۾ هلندي هئي، سا
هندن کي پسند نہ مسلمانن کي. ويئي نِگهوسار ٿي. پوءِ تہ آءُ تنهن سم
کان ڪافري طبقي ۾ آهيان. وري وچي ”سنڌي جدائي“ ۾ اَنڪيت
تنهن تي آقي باقي جهوري وڌو. وري جو ”هاري حقدار“ ڪڙو ٿيو، تنه
ڪيوسون ٽِہ-مُهين ٻلا. ”مِيان-ديوان-سينيون“ آٽي مٿان وڌا. مڙ ڳوئ
جُهڳو جهڻ.

ـجي. گذريل ٽيهن سالن جي عرصي ۾ مون پاڻ کي انهن ڪرڻن جي ـرمائش جي اَثر هيٺ محسوس ڪيو آهي؛ بلڪ مون کي انهن ۾ هميشه ـڪ قسم جي پدرانه شفقت ۽ اڻ-تڻ جو احساس ٿيو آهي. اَهڙيءَ طرح ـون محسوس ڪيو آهي ته شروع ڏينهن کان وٺي، جڏهن پهريون دفعو مون ـي ساڻن ملاقات جو شرف حاصل ٿيو، انهيءَ عزت ۽ محبتا ۾ روز بروز اضافو ـيو آهي، جيڪا منهنجي روح جي گهراين ۾ گهر ڪري ويئي آهي. ـنهنڪري مون لاءِ هڪ لحاظ کان اهو ناممڪن آهي ته آءٌ لفظن ۾ انهيءَ ـهري عقيدت ۽ سنبنڌ جي اپٽار ڪري سگهان، جيڪا انهيءَ گذريل عرصي ـ ان عظيم الشان هستيءَ جي روح لاءِ مون ۾ موجود رهي آهي."

ـاي. ڪي. بروهي.)

## حوالا

(١) هربرٽ اسپينسر (Herbert Spencer 1820 - 1903)

اُڻويهين صديءَ جي اتهاس ۾ ارتقائي نقطهٔ نظر ڪندڙ انگريز فيلسوف ـسپينسر تمام اهم جڳهه والاري ٿو. سندس ڪتاب ''ابتدائي اصول'' (First - Principles) جنهن ۾ ارتقا جي نظريي کي تفصيل سان بيان ڪيو ـيو آهي سنه ١٨٦٢ع ۾ يعني ڊارون جي معروف تصنيف ''اصل الانواع'' (Origin of Species) کان فقط ٽي سال پوءِ شايع ٿيو هو. اسپينسر جي نظرين ـو ڊارون جي سوچ سان ڪو واسطو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اَچي، ڇاڪاڻ ته ـسپينسر جو نظريهٔ ارتقا پوري ڪائنات تي محيط آهي. بلڪ هن جو نظريو ـڪري لحاظ کان وڌيڪ پختو ۽ جامع آهي، ڇو ته هن ڊارون وانگر محض ـوٽن ۽ جانورن جي بڻ بڻياد کي ويهي ڪونه جانچيو آهي. اسپينسر جو ـظريو جامعيت جي لحاظ کان ايران جي عظيم شاعر مولانا روميءَ سان ملي ـو. هو بئي پوري ڪائنات ۾ همه گير ارتقائي عمل کي ڏسن ٿا. اسپينسر ـي نظر ۾ اهو عمل ٽن جزن تي مشتمل آهي : مادو، حرڪت ۽ قوت، ـيڪي پاڻ بذات خود ڪا حقيقت ناهن، البت اَسان جي ڄاڻ جي آخري ـد کي ظاهر ڪن ٿا. هو انهن کي اَڄاتل شيءِ سمجهي ڄاڻڻ جو هڪ

# صوفي لا ڪوفي

• عبدالغفار سومرو

صوفي لا ڪوفي (غلام آءِ آءِ قاضيءَ جون تحريرون ۽ تقريرون - ترجمو ۽ تشريحي حوالا - عبدالغفار سومرو - ڇپائيندڙ سنڌي اَدبي بورڊ، ڄامشورو - سنڌ - ١٩٩٥ع، ڊيمي سائيز، صفحا ٣٠٤، قيمت سؤ رپيہ.)

تازو پٽي (پونو) شهر ۾ وڃڻ ٿيو. اُتي ڪاڪا هري مونواڻي - ۽ ڪونج سان گڏوگڏ - سنڌ وارن جو بہ مربي ارجن مونواڻي - ايئر اِنڊيا جو اَڳوڻو مئنيجر گڏيو. جنهن بہ ڪتاب صوفي لا ڪوفي ۽ (٢) موضوع وار شاهہ جو رسالو - ايڇ. آءِ. سدارنگاڻي - گل محمد تنيو ڏيندي چيو، هي عزيز لئبرريءَ ۾ رکي ڇڏجو. ان ڪان اَڳ منهنجا اِهي ٻئي ڪتاب ڏٺل بہ ڪون هئا. پڙهي ٻنهي عبدالغفار سومرو ۽ گل محمد تنيو جي محنت کي سلام Hats off Salute ڪريان ٿو. عبدالغفار سومرو جي ترجمي - قاضي صاحب جي لکڻي ۽ مٿان تشريحي حوالن ڪتاب جي هرهڪ پيج ۾ جان پري ڇڏي آهي. ترجمان - سنڌيڪار دل وَ جان سان پيار جو پورهيو ڪري ڪتاب پڙهندڙن کي ڏنو آهي، ان جو جيترو قدر ڪجي اهو ٿورو آهي.

گل محمد تنيو جنهن محنت ڪري شاهہ جو رسالو موضوع وارو ڇپايو آهي، اُن ڊاڪٽر سدارنگاڻيءَ پاران ڪتاب ”شاهہ جو چونڊ شعر“ کي بلڪل نئون رنگ روپ ڏنو آهي ۽ اها هن جي نهٺائي ۽ نماڻائي آهي جو ڊاڪٽر سدارنگاڻيءَ جو نالو ڏيئي پنهنجو اخلاقي فرض پاليو اَٿائين. نہ تہ هوند سندس محنت جو پلڙو گهڻو ڀاري آهي. اَسان جا کيس سؤ سؤ سلام.

هت اَسان فقط سومرو پاران ڏنل فقط هڪ چئپٽر جا حوالا هند جي پاٺڪن جي ڄاڻ لاءِ ڏيون ٿا. جنهن مان سندس اَڀياس جي ڄاڻ پوي ٿي. اَسين شري اَرجن مونواڻيءَ جا عزيز لئبرري، سيڪشن-٢٢، اُلهاسنگر-٤٢١٠٠٣ پاران نهايت ٿورائتا آهيون. (سمپادڪ)

”مون پنهنجي زندگيءَ ۾ علامہ صاحب جهڙي ٻي ڪا اَثر انگيز شخصيت نہ ڏٺي، جنهن جي روشنيءَ جي ڪرڻن مون تي ايڏو اَثر ڪيو

البت جيستائين افلاطون جي پنهنجي فڪر جو تعلق آهي تہ ان تي
سندس پيش رو فلسفين جهڙوڪ : پئٿاگورس، پارمينائڊس، هيرا قليطس ۽
سقراط جا واضح اثرات نظر اَچن ٿا. پئٿاگورس، وٽان هن مذهبي رجحان
خاص ڪري لافانيت ۽ ٻي دنيا جا تصور ورتا. اَهڙيءَ طرح حقيقت ڪي
ابدي ۽ وقت ڪان مٿي ڄاڻڻ جو نظريو هن پارمينائڊس ڪان پرايو. هيرا
قليطس جي وري ان نظريي جو مٿس وڏو اَثر ٿيو، جنهن مطابق حسياتي
دنيا ۾ ڪابہ شيءِ مستقل ۽ دائمي نہ هئي. سقراط ڪان هن اخلاقيت جو
اعليٰ درس پرايو ۽ ان کي ئي پيش ڪيائين.

افلاطون جي ”نظريہ اعيان“ موجب هيءَ دنيا ٻي اصلي دنيا جو نقل يا
نظير آهي. هر شيءِ جو عين مطلق عالم بالا يا عالم مثال ۾ موجود آهي
جيڪو غير متبدل ۽ غير فاني آهي. هن دنيا ۾ انهن شين جا صرف عڪس
يا اولڙا آهن. ان جو مثال ڏيندي چوي ٿو تہ اَسان جيڪا ڪاٺ جي ميز
ڏسون ٿا، ان ۾ هڪڙي تہ اها ڪاٺ واري ٺهيل ميز آهي، پر ان جي پٺيان
ميز جو هڪ اَهڙو آفاقي تصور (Universal Idea) آهي جنهن سان اها ڪاٺيءَ
واري ميز مطابتق رکي ٿي. هن جو چوڻ آهي تہ اهو تصور ئي دراصل
لافاني آهي. باقي ڪاٺ واري ميز تہ فاني آهي.

اَهڙيءَ ريت افلاطون جو نظام فلسفي جي دنيا ۾ پهريون جامع عينيت
پسند ۽ تصوراتي يا آدرشي فڪر (Idealism) آهي. هن جي خيال ۾ هن دنيا
جون طبعي شيون غير حقيقي يا نقل آهن ۽ ان جي مقابلي ۾ اعيان دائمي
۽ آدرشي آهن. انهيءَ لحاظ سان ميز جو عمومي تصور دائمي آهي. بلڪ
شين جو وجود انهن بنيادي عمومي تصورات جي ڪارڻ آهي. خدا ۽ خير جو
تصور بين سڀني تصورات جو جڙ تہ نقطئہ ڪمال آهي.

بهرحال افلاطون فلسفي جي دنيا ۾ ماديت پسند (Materialism) فلسفي
جي مقابلي ۾ آدرشيت يا عينيت (Idealism) جو وڏي ۾ وڏو نمائندو آهي.
افلاطون جي مستقل تصنيف سندس مڪالمات (Dialogues) آهن جيڪي
ڪيترن عنوانن تي مشتمل آهن.

پيچرو يا راه تسليم ڪري ٿو. پوري ڪائنات انهن ٽنهي جزن مان جڙ
راس ٿئي ٿي. اسپينسر جي خيال ۾ فلسفي جو اهو ڪم آهي تہ انهي
طريقي جي وضاحت ڪري، جنهن سان هيءَ ڪائنات انهن ٽنهي جزن م
تيار ٿئي ٿي.

اُڻويهين صديءَ ۾ اسپينسر جو هيءُ نظريو ڪافي مقبول ۽ اثر اند
ٿيو ۽ ان ۾ سندس پنهنجي شخصيت جو گهڻو دخل هو. اهو هيئن
اسپينسر پنهنجو اهو نظريو علم جي ٻين شاخن ۾ بہ ڪٽي ويو. خاص ڪر
هن مذهب، اخلاقيات، نفسيات ۽ تعليم ۾ پڻ ان نظريي ڪي پوريءَ ري
استعمال ڪيو. اسپينسر فلسفي جي وصف هن ريت ڪئي آهي :

فلسفو نهايت جامع ۽ مربوط علم آهي. فلسفي جي ذريعي ئي اَه
عمومي نظريا ۽ خيال پيدا ڪري سگهن ٿا؛ جيڪي سائنس جي سويع
نظرين ڪي يڪجا ۽ هم آهنگ ڪري سگهجن ٿا. اهو ئي سبب هو جو ه
پاڻ سائنسي علوم مان حاصل ڪيل نتيجن ۾ مفاهمت پيدا ڪرڻ جي وڏ
وڏ ڪوشش ڪئي. مطلب تہ سندس نظر ۾ فلسفو دراصل ٻين علمن م
اخذ ڪيل نتيجن جي ترتيب ۽ امتزاج جو نالو آهي.

هتي هيءَ ڳالهہ دلچسپيءَ کان خالي ناهي، تہ فلسفي جي درس
ڪتابن ۾ هربرٽ اسپينسر جو ذڪر خير ڪو ملي ٿو. ايتري قدر
برٽراندرسل جي مشهور تصنيف ”مغربي فلسفي جي تاريخ“ ۾ ان جو نا
بہ ڪونہ ٿو ملي. البت ول ڊيورانٽ جي ڪتاب ”فلسفي جي ڪهاڻي“
پورا ٻنيهہ صفحا اسپينسر لاءِ مخصوص آهن.

**(٢) افلاطون (Plato 428 - 377 BC)**

فلسفي جي دنيا ۾ افلاطون انتهائي همہ گير شخصيت جو مالڪ آهي
هو يونان جو عظيم استاد ۽ انسان سقراط جو شاگرد هو. فلسفي جي تاريخ
افلاطون پنهنجي نظريہ اعيان (Theory of Ideas) جي ڪري مشهور آهي
ان ڪانسواءِ روح جي لافاني هجڻ، تخليق ڪائنات جي مخصوص نظريي
علم يا ڄاڻ بحيثيت يادگيري وغيره. سندس اَهڙا نظريا آهن جيڪي ڪيس
هميشہ لاءِ فلسفي ۾ زنده رکندا اَچن ٿا.

ممڪن آهي.

اخلاقيات جي مفڪر جي حيثيت ۾ ڪانٽ فرض جو تصور ڏنو آهي. هو چوي ٿو ته اسان جو هر عمل اهڙو هجڻ کپي، جنهن ۾ آفاقيت هجي يعني توهان اُهو چاهيو جيڪو ٻيا به ڪن، اخلاقي عمل جو جواز هو سماج جي بهتريءَ کي قرار ڏئي ٿو ”عملي عقل تي تنقيد“ (critique of practical reason) ۾ هن آزادي، اخلاقي چڱائي ۽ ذات جي لافاني هجڻ جي باري ۾ نهايت پراثر دليل ڏنا آهن.

بهرحال فلسفي جي دنيا ۾ ڪانٽ کي افلاطون کانپوءِ آدرشيت جو ٻيو عظيم نمائندو قرار ڏنو ويو آهي. اِن هوندي به سندس فلسفو انتهاپسند آدرشيت کان ان ڪري بهتر آهي جو هو محض ذهن کي حقيقي قرار نٿو ڏئي بلڪ هو ان کان اڳتي پڻ وڃي ٿو.

**(۴) ارسطو (قبل مسيح 322-384 Aristotle)**

ارسطو مقدونيه جي شهر سٽاگرا ۾ پيدا ٿيو. هن جو پيءُ طبيب هو، ارڙهن سالن جي عمر ۾ هو اٿينس آيو. ويهن سالن تائين افلاطون جي صحبت ۾ رهيو ۽ کانئس گهڻو ڪجهه پرايائين.

ارسطو جي جامع شخصيت اَدب، فنون لطيفه، سائنس، منطق ۽ فلسفي تي نهايت دور رس اثرات مرتب ڪيا آهن. هو فلسفي جي عظيم استاد افلاطون جو بيشڪ عظيم شاگرد هو، اهڙيءَ طرح ڪيس وري فاتح عالم سڪندر اعظم جي استاد هئڻ جو شرف پڻ حاصل آهي.

هو پنهنجي فلسفي جو آغاز افلاطون جي نظرين تي تنقيد سان ڪري ٿو. ارسطو هن ڪائنات کي ازلي ۽ ابدي تسليم ڪري ٿو. ڪيس هن ڪائنات ۾ عظيم مقصد ڪارفرما نظر اچي ٿو. ساڳئي وقت هو ڪائنات جي ازلي محرڪ آخري حقيقت خير يعني نيڪي آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ ضروري آهي. هو روح کي پڻ حقيقت قرار ڏئي ٿو. ليڪن هو ان کي جسم لاءِ هيئت (Form) جو درجو ڏئي ٿو ۽ ان کي جسم لاءِ مقصد ۽ تڪميل جو ڪارڻ سمجهي ٿو، جسم سان روح جو تعلق اهڙو آهي، جڻ نظر جو اک سان! هتي اهو ٻڌائڻ مناسب آهي ته ارسطو سيني فاني شين جا به

## Kant (1724 - 1804) كانٽ (٣)

جرمنيءَ جو هيءُ عظيم فيلسوف كانسبرگ يونيورسٽيءَ ۾ استاد هو
هن سڄي عمر پڙهڻ پڙهائڻ ۾ صرف ڪئي، ايتري قدر جو شادي به ن
ڪيائين. آخرڪار ستونجاهه سالن جي عمر ۾ پندرهن سالن جي
سخت محنت کان پوءِ ١٧٨١ع ۾ ”خالص عقل جي ڇنڊ-ڇاڻ“
(cnitiqne of prue reason) لکي وڏي شهرت حاصل ڪيائين، هن ڪتاب ۾
هن چٽي ريت عقل جي اصل اهميت ۽ ڪردار کي کولي بيان ڪيو. هن
انهيءَ بنيادي سوال کي کنيو، تہ انسان جو عقل ڇا ڄاڻي سگهي ٿو. اهڙي
طرح اسان کي جيڪو علم حاصل ٿئي ٿو، ان جي نوعيت ڇا آهي، هن جو
چوڻ آهي تہ اسان جو ذهن محض خالي ڦرهي (Tabula rasa) ناهي ۽ نه
وري احساسات ، پنهنجو پاڻ علم جي صورت اختيار ڪن ٿا؛ بلڪ انهن کي
علم ۾ بدلائڻ جو ڪم انسان جو ذهن سرانجام ڏئي ٿو. البت اسان جو
ذهن ڪن حدبندين تحت ڪم ڪري ٿو، جنهنڪري اسان جي ڄاڻ به هڪ
خاص قسم جي آهي، هن واضح ڪيو تہ اسان جي ڄاڻ شيءِ جي ظاهري
پهلو يعني مظهر تائين محدود آهي ۽ ان جي اصليت تائين رسائي
ناممڪن آهي، هڪ لحاظ کان اهو ئي سبب آهي جو ڪانٽ جي فلسفي
کي مظهريت ڪوٺيو وڃي ٿو.

ڪانٽ جو اصل ڪارنامو هيءُ آهي تہ هن پاڻ کان اڳ وارن
فيلسوفن، خاص ڪري انگريز فيلسوفن لاڪ ۽ هيوم، جن حواسن يا تجربي
کي علم جو واحد ماخذ ۽ ذريعو قرار ڏنيئي، هڪ تمام وڏو مونجهارو پيدا
ڪري ڇڏيو هو، تنهن کي اچي حل ڪيو وچ تي هڪ ترڪيبي نظريو ڏنو.
جو تہ پهرئين نظريي مطابق حقيقت محض حسيات يعني حواسن ذريعي
معلوم ڪري سگهجي ٿي. هوڏانهن عقليت جي روءِ سان حواس لازمي طور
صحيح ڄاڻ نٿا ڏين. ظاهر آهي تہ اهي ٻئي نظريا انتهاپسند لڳن ٿا.
ڪانٽ انهن ٻنهي کي ملائي وچون رستو اختيار ڪيو، جنهن مطابق ذهن،
حواسن ذريعي مليل مواد کي علم جي صورت ڏئي ٿو.

انهيءَ هوندي بہ علم ظاهري دنيا (Phenomenal world) تائين محدود
ٿئي ٿو ۽ شين جي حقيقي دنيا (Naumenal world) تائين ان جي رسائي

# چيٽ جي سُرهي شام

• وينا شرنگي

٣٠ مارچ ٢٠٠٦ع خميس جو ڏهاڙو چيٽي چنڊ جو شُڀ ڏينهن، بارڪن ڏيڻ وٺڻ سان شروعات ٿي. اِئين تہ هر سال چيٽي چنڊ جو مُبارڪ ڏڻ ايندو آهي. ديش وديش ۾ ميلن جي ڌوم ثقافتي نماءُ ڪلچرل روگرام ۽ جلسن جلوسن جو سلسلو، اُن ڏينهن تي جڏهن ديش جي سربراهہ طرفان قوم کي ڏکڻ ڀارت ۽ مهاراشٽر جي نئين سال جي آغاز سان گڏ چيٽي چنڊ ۽ اِنهن ڏڻن جون واڌايون ڏنيون وينديون آهن تہ خوشيءَ ۾ ضافو ٿي ويندو آهي، تہ اَسان جي ڏڻ کي بہ ياد ڪيو پيو وڃي. پر اَڄ جو ڏينهن مون لاءِ اِنهن خوشين سان گڏ حيراني ۽ فخر جهڙو احساس بہ کڻي يو. ڪڏهن ڪڏهن ڪي اَڻڄاڻ مُلاقاتون جاڻ سُڃاڻ ۾ تبديل ٿي وڃن، راوا پنهنجا بڻجي وڃن.

چيٽ چنيا چٽ چوڏاري
جيڏان ڪيڏان جلوا جاري.
ماڻ تہ ماڻيون موسم پياري!　　(استاد بخاري)

اَڄ جڏهن سوٽ چيو تہ تنهنجو فون آهي، ڪير تو سان ڳالهائڻ چاهي و، مون فون جو رسيور کڻندي جڏهن هلو! ڪيو تہ ٻئي طرف کان هڪ مڌر واز واري خاتون چيو - مان ڊاڪٽر مارگريٽ ٿي ڳالهيان، تو مونکي ڃاتو؟ تون ۽ مان جڏهن ٻئي جئپور وڃي رهيا هئاسين تہ بس ۾ واقفيت ي هئي. مونکي خوشي بہ ٿي تہ حيراني بہ لڳي. مون چيو اِٽس گُڊ رپرائيز، نائيس ٽو هيئر يوُ، منهنجي اکين آڏو جئپور طرف ويندڙ اُن سفر جو نظارو تري آيو.

مان جئپور آل اِنڊيا ڪلچرل سوسائٽي جي پيٽرن ۽ سنڌي ڪائونسل ف اِنڊيا جي نائب صدر جسٽس ايسراڻي جي سنسٿا جي سڏ تي اُن روگرام جي ڪئمپرنگ ڪرڻ لاءِ وڃي رهي هيس. جيڪو سنڌ جي

اجزا ڄاڻائي ٿو. اول مادو ۽ ٻيو صورت يا قبول ڪرڻ جي صلاحيت آهي
صورت جي ڪري ئي اَسين ان شيءِ کي ڪنهن قسم يا نوع (Genus) سا
منسوب ڪندا آهيون، ارسطوءَ جي ان تعريف مطابق اسانکي مادو ڪڏه
بہ ملي نہ سگهندو، ڇو تہ صورت کانسواءِ اهو لا شيءِ ٿي پوندو. ان لحاظ کا
هو خدا کي محض صورت (Form) ڪوٺي ٿو ۽ مادي کان پاڪ سمجهي ٿو.

اهو ارسطو ئي هو جنهن فلسفي جي دنيا ۾ مابعدالطبعيا
(Metaphysics) جو اصطلاح وضع ڪيو ۽ جنهن مان هن جي مطلب هو تہ اه
مضمون يا ڳالهيون طبعيات جي دائري کان ٻاهر آهن، جهڙوڪ: ذهن
نفس، روح، خدا وغيره، ان کان سواءِ اَهڙا سوال تہ مادي ۽ ذهن ۾ ڪه
تعلق آهي؟ ڇا انسان آزاد ۽ خودمختيار آهي؟ ڇا خدا جو وجود آهي وغير
انهن کي ارسطو ئي پهريون دفعو مابعدالطبعيات جي عنوان هيٺ بحث
هيٺ آندو.

ارسطوءَ عليت (Casualty) جي تصور تي بہ نهايت تفصيلي غور فڪ
ڪيو ۽ هن علت جا چار قسم ڄاڻايا:-

(۱) علت مادي (Material Cause)

(۲) علت فاعلي (Efficient Cause)

(۳) علت صوري (Formal Cause)

(۴) علت غائي (Final Cause)

خدا کي هو علت غائي سمجهي ٿو.

ڏٺو وڃي تہ وچين دؤر (middle age) ۾ ارسطوءَ جي منطق ۽ فڪ
مسلمان مفڪرن جهڙوڪ: ابن سينا ۽ ابن رشد وغيره کي ڪافي متاثر ڪيو
پر هنن ارسطوءَ جي فڪر ۾ گهڻا سڌارا ۽ واڌارا پڻ ڪيا.

ارسطوءَ کي مستقل تصنيفات ۾ شعريات (poetics)، سياست (Politics
۽ اخلاقيات (Ethics) خاص ڪري ذڪر قابل آهن. ان کانسواءِ طبعيات
حياتيات، مابعدالعبيات، منطق تقرير تي سندس مختصر رسالا موجو
آهن. (هلندڙ.....)

ڪ ڪم ڪر، جئپور ۾ جنهن فنڪشن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ مان وڃي رهي
هيان، تون اُن ۾ شريڪ ٿي. هن چيو مونکي انويٽيشن ئي ڪانہ آهي. مون
ڇيو تون، ڪنهن کي بہ اُتي ڇڏجانءِ تہ مون توکي نيند ڏني آهي، ڪوبہ
توکي منع نہ ڪندو. هن بہ پنهنجي ديش آسٽريا جي پنهنجي دوستن جون
پنهنجي پروجيڪٽ جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻ ڏني. اَسان جو پنڄن
ڪلاڪن جو سفر تمام خوشگوار رهيو. هيٺ لهڻ تي سندس دوست جيڪو
ن کي وٺڻ آيو هو تنهن سان واقفيت ڪرائي هڪ ٻئي سان گُڏ باءِ ڪندي
وڪلائيوسين.

ان ملاقات کي ڇئن مهينن جي عرصي کان مٿي وقت ٿي ويو. اَڄ
جڏهن (٣٠) ٽيهين مارچ ٢٠٠٦ع خميس تي هن جو جئپور کان فون آيو تہ
مونکي سچ خوشيءَ گاڏڙ حيراني ٿي. اڪثر سفر دوران ڪيترا سفر ساٿي
ٽبا آهن جي وقت ۽ منزل تي پهچڻ کانپوءِ صرف يادين جو سرمايو ساڻ
ٽي رمندا رهندا آهن. ۽ اُهو بہ ڪجهہ عرصي کانپوءِ ماضيءَ ۾ دفن ٿي
يندو آهي. دل جي ڪنهن گوشي ۾ ... ڪٿ ۾ ضرورت نہ پوندڙ ڪنهن
ند ڪتاب جيان دز ۾ لٽيل وقت جي اُڏهيءَ جي ور چڙهي ويندو آهي. پر
ارگريٽ سان تہ قريب ماضيءَ جي مُلاقات هئي سندس چمڪندڙ اکيون ۽
رڪندڙ چهرو ڪين وسريو هو، جڏهن هن چيو تہ مونکي سنڌي ڪتاب ڪپن
ان خريد ڪندس. مون چيو، توکي جي مقالي تيار ڪرڻ لاءِ حوالي طور
ڪپن تہ منهنجي شخصي لئبرريءَ ۾ جيڪي ڪتاب آهن، اُهي ڏسي
ڪري تون پنهنجي آرٽيڪل وغيره تيار ڪري سگهين ٿي، هن چيو نہ
مونکي سنڌي ڪتاب خريد ڪرڻا آهن، مونکي سندس لفظن تي اعتبار ئي
ہ پيو اَچي، سنڌي ڪتاب! خود سنڌين طرفان پڙهڻ تہ پري رهيو ۽ اُهو بہ
خريد ڪرڻ ... هن مونکي عرض ڪندي چيو مهرباني ڪري منهنجو اهو
ڪم ضرور ڪر. جيڪو سنڌي ڪتنب آهي، اُن جي بزرگ امڙ کي سندس
سالگره تي مان سنڌي ڪتاب طحفي طور ڏيڻ چاهيان ٿي. مان جمع تي
هليءَ پهچي توکي فون ڪندس، ڇنڇر تي هر حالت ۾ مونکي ڪتاب

فنڪارن ۽ اَديبن جي وفد جي ماڻ ۾ پروگرام رکيل هو، سفر دوران اَگر ڪ
سُنو ساٿي ملي وڃي تہ سفر خوشگوار بڻجي پوي، اِن سفر دوران جڏهن هڪ
وديشي ڇوڪري بس ۾ چڙهي ۽ منهنجي سيٽ جي اَڳيان پهتي تنهن
مُسڪرائي ڪري پياري انداز ۾ چيو هلو! مون هلو! چئي سندس آجيان جي
موٽ ڏني. اِن ڇوڪريءَ جي اکين ۾ چمڪ، قد ڪاٺ تمام سُنو رنگ ت
هونءَ بہ وِلائت ۾ رهندڙن جو اَڇو هوندو آهي پر سندس ڪيڪارڻ جو انداز
اَڇي اُجري رنگ کان ڪجهہ وڌيڪ ئي بيان ڪري رهيو هو، مختصر
عرصي ۾ بنهي وچ ۾ رسمي ڳالهہ ٻولهہ کانپوءِ گفتگوءَ جو سلسلو اَڳتي وڌ
لڳو. پنجن ڪلاڪن جو سفر ڪُن پنهنجي واقفيت ڏني تہ هوءَ پارت ۾
ڪنهن پروجيڪٽ جي حوالي سان آيل آهي ۽ تاريخدان آهي. مون ڪيس
پنهنجي واقفيت ڏيندي چيو، منهنجو ريڊيو سان واسطو آهي، مان سنڌيءَ
۾ لکندي آهيان. سنڌي اَکر ٻڌنڌي هن چيو تہ منهنجي دهليءَ ۾ هڪ
سنڌي ڪتنب سان سُٺي واقفيت آهي، اُنهن جي هڪ بزرگ عورت
ٻڌائيندي آهي تہ اَسان ورهاڱي دوران سڀ ڪجهہ ڇڏي هتي لڏي آيا
آهيون، باقي اُنهن جي نئين نسل کي ڄاڻ ڪانہ آهي، مون ڪيس چيو
تاريخدان هئڻ جي ناتي توکي ان باري ۾ سُٺي ڄاڻ رکڻ کپي. هن چيو
ها! تون بلڪل درست ٿي فرمائين. مان ڪيس پنهنجي ٻوليءَ جي چاهہ،
لطيف، سچل سائين، تهذيب تمدن لباس ۽ گهر جي ماحول، ماءُ پيءُ جي
سماجي خدمتن خاص طور تي پنهنجي اَمڙ جي قداور شخصيت ۽ منهنجي
پريٽا جي روپ ۾ ڄاڻ ڏيڻ شروع ڪئي، پنهنجي محدود ڄاڻ جي دائري
مان سنڌ سنڌين جي تهذيب تمدن ريتن رسمن ورهاڱي ۽ اَڄ تائين سرحد
جي هن ۽ ڪُن پار ورهايل ڪن ڪتنبن جي باري ۾ ٻڌائڻ شروع ڪيو،
سندس اکين ۾ چمڪ ۽ وڌيڪ ٻُڌڻ جي دلچسپي نظر آئي. هن
چيو، مونکي تہ سنڌين جي باري ۾ ايتري ڄاڻ ئي ڪانہ هئي، نہ ئي
پنهنجي واقفڪار ڪتنب مان ايتري ڄاڻ پيئي، صرف اُنهن جي وڏي امڙ
اِهو ٻڌائيندي آهي تہ اَسين اُتان لڏي آيا آهيون، مون ڪيس چيو تہ تون

لکي ڏنو، جڏهن هن اهو ٻڌايو تہ جئپور ۾ مان ڪلچرل پروگرام جي شام ۾ پنهنجي دوست سان گڏ آئي هيس، توکي اسٽيج تي ڏسي خوشي ٿي. مونکي حيراني لڳي. مون ڪائونس پڇيو پلا تو اُتي مون سان ملاقات ڇو نہ ڪئي؟، هن وراڻيو، مان توکي ڊسٽرب نہ ٿي ڪرڻ چاهيو. منهنجو دوست جيڪو خود جئپور جو آهي تنهن کي جاڻ ڪانہ هئي، مون اُها رنگارنگي سنڌيت جي شام خوب ماڻي. توسان ملڻ بعد مونکي سنڌي ٻولي سنڌين جي باري ۾ جيڪا جاڻ ملي آهي، اُن من ۾ وڌيڪ جاڻڻ جو اشتياق پيدا ڪيو آهي.

مارگريٽ سان محدود وقت ۾ جا روح رهاڻ ٿي تنهن جو بيان ڪرڻ مُشڪل آهي بقول بخاري - وقت رسالو، ماڻهو وايوُن، ڪاڪا مصرع هانو ڀري. هن واعدو ڪيو تہ ٻيهر ملنداسين.

چيٽي چنڊ جي موقعي تي سنڌي تهذيب تمدن ۽ تاريخ واري اُن شام کي سنڌيت جي خوشگوار ھٻاءَ سان ھن معطر ڪري ڇڏيو، آسٽريا جي هن سُڄاڻ تاريخدان مس مارگريٽ ويندي ويندي مونکي بہ سنڌيت جي سُرهي شام جو يادگار تحفو ڏيندي وئي.

محفل مچندي ماڻهن مان - ساحل لهندو سيرن مان،
منزل ملندي مارڳ تي - وڏ اُڀتي او وڏ اُڀتي! (استاد بخاري)

~~~
~~~

کپن. هن مونکان واعدو ورتو، سندس فون رکڻ بعد مان سوچ ۾ پئجي وي
تہ هن ڇوڪريءَ جنهن جذبي تحت ان طحفي جي چونڊ ڪئي آه
اَسان کي اهو ويچار ڇو نہ ايندو آهي؟ من ۾ ڪئي ردي عمل رهيا. م
ڪجھ ڪتابن جي چونڊ ڪئي. ڪيس ايڏي تہ چنتا هئي جو هن بس ما
دهلي پهچڻ شرط مونکي وري فون تي ياد ڏياريو، چيائين، منهنجي چن
تي صبح جو اپائنٽمينٽ آهي ۽ شام جو سالگره جي پارٽيءَ ۾ شرڪ
ڪندس. توکي ڪهڙو ٽائيم سوٽ ڪندو. سندس جذبي کي ڏسي مون ج
تون پنهنجو ٽائيم ٻڌاءِ. هن چيو، ڇئين بجي. مون چيو، ٺيڪ آهي، ي
پريس ڪلب ۾ ملون يا وري پيڻ وٽ ڪرزن روڊ تي ملون. مون پيڻ
ٽيليفون نمبر ۽ ڪيس ائڊريس ڏني.

چنڇر ڏينهن ٺيڪ ڇئين بجي سندس فون آيو. چيائين تہ م
ٽئڪسيءَ ۾ تو وٽ پهچي رهي آهيان. جيئن ئي گهر اَندر داخل ٿي اچ
شرط منهنجي وڏي پيڻ کي نمستي ڪندي مون سان مُسڪرائي ملي س
پڇ مونکي يقين ئي نہ پيو اَچي تہ ڪيس ان طحفي ڏيڻ جو ايترو انتظا
خوشي هئي، پيڻ کي مون چيو هو تہ، هن بس ۾ پاڻ سان صرف فروٽ ڪ
هو، اُهو ئي ڪاڏو هو، تون بہ صرف چانھ يا ٿڌو جيڪو هن کي وڻي ۽ ڪج
فروٽ رکي ڇڏجانءِ. جڏهن ڪيس ڪائڻ لاءِ چيم تہ چيائين، مان نوراترن
جيڪو ڪاڏو ڪائبو آهي، اُهو ڪائي آئي آهيان، منهنجي پيڻ مون طر
نهاريو ۽ هن خود بہ ورت رکيو هو، تنهن يڪدم نوراترن وارو ڪاڏو ۽ چا
آڻي رکي.

ماگريٽ چيو، تو جڏهن مونکي سنڌي نئين سال جي باري ۾ فون ت
ٻڌايو تہ مون نئين سال جي سلسلي ۾ ٽائيمس آف اِنڊيا ۾ هڪ آرٽيڪ
پڙهي جنهن ۾ سنڌي نئين سال جي باري ۾ هڪ پئرا ۾ ذڪر هو. مون
پئرا کي اَنڊر-لائين ڪيو، هن چيو مان ان طحفي تي نئين سال جون
واڌايون لکندس. ڊائريءَ تي مونکي لکڻ لاءِ چيو. مون ڪيس چيٽي چند
سائين اُڏيري لال جي جنم جي ڏينهن ۽ پئدائش جي باري ۾ ٻن سٽن

# ڪافي ۽ ڏوهيڙا

• دولت راهي

وهيڙو - سنڌي آهيان سنڌي ٻوليان،
سنڌي آهي زبان منهنجي،
سنڌي جيجل مٺي منهنجي،
سنڌي آ دل ۽ جان منهنجي!

ستائي- ادل آئون وساريان، ڪيئن سنڌي سونهاري؟
سچل شاهه ساميءَ، سنڌي ٻولي پياري ...

وهيڙو- روحاني رس ڀريل آهي
سنڌي بيتن ڪلمن ۾
سُريلو سُرسٽائي تي
سنڌي واڻي اَجا منهنجي!

نترو(١)- ڏني ماءُ لولي، سا وسري نه ٻولي،
گُهران خير تنهن لاءِ، جهلي آئون جهولي،
مِٺيءَ ماءُ جي ٻولي، اَجا مون نه وساري،
ادل آئون وساريان، ڪيئن سنڌي سونهاري؟

وهيڙو- سمايل ساهه سنڌيءَ ۾
سچن سنتن ۽ صوفين جو
هميشه ڪان اَمر آهي
اَمر رهندي اَمان منهنجي!

انترو(٢)- سچن سنتن صوفين، جنهنکي آ پاليو،
شاعرن سونهارن، سڪ سان سنڀاليو،
سنتوَ جي ڪناري، رشيُن مُنيُن اُچاري
اَدل آئون وساريان ڪيئن سنڌي سونهاري؟

ڏوهيڙو- اَديبو ۽ ڪلاڪارو!
سنڀاليو پنهنجو هي ورثو،
نه جي سانڍي سگهيا سنڌي
رهي سگهندي ڪٿان منهنجي؟

انترو(٢)- وڏڙن جو ورثو، آ ميراث منهنجي،
ڏسان سنڌي اوچ تي، اِها آس منهنجي
ٻولي پنهنجي هوندي، وٺون چو اُڌاري؟
اَدل آئون وساريان، ڪيئن سنڌي سونهاري؟

ڏوهيڙو- سنڌي ٻوليءَ سنئو گلشن
سدا ٽِڙندو رهي ٽِڙندو
سدا سرسبز ٻاجهاري
سنڌي هردم ڏسان منهنجي!

انترو(٤)- سِنڌ ويئي هٿن مان، سنڌي نه وڃڙي
وڃي ساهه ليڪن، ٻولي نه وسري
عالمن اَديبن، سڪ سان سنواري
اَدل آئون وساريان، ڪيئن سنڌي سونهاري؟

# غزل (۱)

• اَرجن حاسد

هرڪو واقف هئو، ڪنهن نہ ڪنهن درد کان،
جنهن بہ اک ۾ ڏسان ٿو، مُنجهي ٿو پوان.

سچ ٿي سچ ۾، جڏهن ڏٺل گهر هجي،
مان بہ اَهڙو ٿي هڪ ڪنڌهر ٿو لڳان.

ڳوٺ جو دڳ اِهو، اَڳ ڏٺل ٿو لڳي،
اَڳيرو پيچرو ٿو مُڙي وڻ وڻان.

باغ ۾ گل پٽڻ لاءِ ايندي هئي،
ڳالهہ ننڍڙي هئي، ياد تازي اَچا.

اڪ الائي ڪٿي آهي انڪي پيئي
پيرُ ڪڏهن ٿي ڪٿي، لوڏ ويلو ڏسان.

وقت اَڄ ٿو سچو ڏوهہ مون کي ڏئي،
ايڏو الزام ڪڏهن پاڻ تي مان ڪٽان.

مونکي مٽي نہ حاسد وساري سگهي
برپٽن جي اُسن ۾ اَچا ٿو رُلان.

# غزل (۲)

اَهڙي کهڙي پياس اکين ۾،
يگ يگ جا اُپواس اکين ۾.

آڳر ۾ گُلَ بوٽا خوشبوءِ،
ڪي جهيٽا احساس اکين ۾.

جُهڙ جُهڙالا، بوند بہ وسندي،
ڪڪرن جا آڀاس اکين ۾.

اَچٽو آهي، اَڄ ايندو پڪ،
آهن ڇُهڇ لباس اکين ۾.

سو بہ نصيبن وارو آهي،
سانڍي ٿو بنواس اکين ۾.

ڪنهنجو چهرو پڙهي نہ سگهندين،
هيڏا سڀ اتهاس اکين ۾.

گهر مونٽي شل صحيح سلامت،
هرڪا باسي باس اکين ۾.

حاسد آءُ ڪٿي ٿو جاڻان،
ڪهڙي آس اکين ۾.

## غزل

• موهن 'اُداسي'

جيئو هزار سال جيئو، اِها دُعا آ، تہ بد دُعا ڇاهي؟
موڪلائيندي ڇئون جي، باءِ باءِ، تہ، 'هاءِ' ڇاهي؟

مهڪندا رهياسين حوصلي سان، سُرهاڻ ماڻيندي -
ٿيو قضا سان قصور - مئخواري ۾ تہ پلا، صُبا ڇاهي؟

ڪو وابستگيءَ جي چاهت ۾ ٿي پيو عنادل ۽ مغرور -
رُسوا سوگوار بہ ٿيو - پنهنجو ڪٽي، تہ سزا ڇاهي؟

سور ڪي ساهہ ۾ سانڍي، دِل جو دروازو کولي ڇڏيم -
راهہ پُڇائي، اَچي سهڙيو سنم تہ مهر، معيا ڇاهي؟

نانءُ کهڙو سليمان، ڇو ٿا پڇو، ڇو پڇو، رنگ روپ پيي؟
هر مند ۾ رهي سدا بهار 'موهن'- باقي دنيا ڇاهي؟

≋

## غزل

• نارو گرناڻي

رهن شل سلامت، گهرون خئر تن جا،
ڪري پيار پهرين، لڪي جي وڃن ٿا.

جدائيءَ جي پيڙا بہ ڪي ڪي ٿا ڄاڻن،
اڪيون آب هاڻيون، نشا نينهن وارا.

سِڪايلُ، دُکايلُ هي گهايل زمانو،
رئڻ ۽ ڪلڻ جا گهڻا ئي نمونا.

پَکل ڦلَ گُلن ڪي بہ پسندو تہ وڃ تون،
اوهان جي بہ گهٽيءَ ۾ اَڳ ڪيترا ها.

ڪري تون بہ ڏِسُ عشق ڪنهن سان تہ 'نارو'،
پرواءِ لڳن جڻ تہ پنهنجن ڪان پنهنجا.

≋

## غزل

• لڪشمڻ

هِن اُداسيءَ ڪي پيچڻ جي ڳالهه ڪر،
شعر جي چُڪڙي پيئڻ جي ڳالهه ڪر.

ٻيا سيئي اوڙاهه اورانگهيون ڪٽي،
خواب مان رستي ڪڍڻ جي ڳالهه ڪر.

ڇو پرائي گهر وڃي وينيون خوشيون،
خواهشن جي هن مَمَڻ جي ڳالهه ڪر.

هڪ سندو بازوُ وڃائي پوءِ پڻ
بار هيڪاندي ڪڻڻ جي ڳالهه ڪر.

ڇڏ حسابي سوچ جو هي پيچرو
يار تون نادان بڻڻ جي ڳالهه ڪر.

موٽ غم تي تو لکيو ڏاڍو ’لڇوُ‘
موج مستيءَ ۾ جيئڻ جي ڳالهه ڪر.

~~~

## غزل

• ڪمل پياسي

ڪرڻن جي ڏاکڻ تي ويهي - اُنَ جي پوتي پائي
سورج لکي ڇِپي انهن سان، وينو رنگ رچائي

- پنهنجي ازل وجود کي ڏسندي، هيرون هڻن هنيوچيو
وقت جي ڏارا پنهنجي پاران، ويٺي وِکون وڌائي

- اُسانَ پاڇن جي وڌندي ۽ آخر گهٽجي ويندي
ان طرح قردت جي بازي، اَهڙو سبق پڙهائي

- هاءِ اڪيلي تڙڦ اُڀي ٿي، سرير ۾، من ۾، رڳ
اُها نپوري سپنن کي ٿي، جذبن کي جرڪ پرائي

- ڇوڏر ڦهليل خوشي هئي ۽ زنده رهڻ جي آس
سانجهيءَ جا پاڇولا ڇو ويا، پنهنجي سُرت ڀلائي

- رات اونداهي، تارن جو جهنڊ، چنڊ مان ڳڏجي آ
پوِنءِ ٻه پيکي اُڀي آ اوڏي، چنڊ جي چادر اهي

- اُسَ آڏي، سچ لهي ويو، اَڻ ڇاتل ڏينهن پنيا
هڪ اهو احساس ئو البت، دل جي پياس بجهائي

~

(ڪرشن ڪنواڻيءَ جي ”اَڪيلي“ تان متاثر
~~~

# غزل

• پريم پتافي

وبصورت جهان ڳولي ٿي،
ل خدا جو ڏيان ڳولي ٿي.
نهنجي هرعڪس مان ئي منهنجا چو!؟
عاڻ دنيا نشان ڳولي ٿي.
چند ڳوڙها وڃڻ جتي وِڪجي،
دل کو اَهڙو دُڪان ڳولي ٿي.
جيڪا دُنيا جو درد ڳالهائي،
سوچ اَهڙي زبان ڳولي ٿي.
ساري دنيا کان دور هوءَ، تنهنجي
دِيد پاسي مڪان ڳولي ٿي.

# چيٽي چنڊ

• وريل ڪارا 'ماستر'

١- اَڄو ملي چيٽي چنڊ ملهايون،
چيهه وڃهون ۽ جهمريون پايون.
٢- لعل سائينءَ جي جوت جڳايون،
پلئہ پايون ۽ پنجڙا ڳايون.
٣- ڀهراڻو رکايون ۽ جوت جاڳايون،
سنڌيت کي اَسين اَمر بڻايون.
۴- ديگيون چاڙهيون، غريبن کي کارايون،
سنڌي سڀئي ملي صحت پايون.
۵- چيٽي چنڊ تي سنڪلپ دهرايون،
ڏيتيءَ ليتيءَ جو ڪوڙه مٽايون.
٦- غريبن جون نياڻيون پرڻايون،
'ماستر' ڏن کي سڪرت ۾ لايون.

# وائي

• پريم پتافي

موٽي آياسين
ڳوٺ ڳذاري موڪلون،

وڻ وڻ هڪڙي ڪيترا
ڀاڪر پاتاسين،
ڳوٺ ڳذاري موڪلون.

ڪير، مکڻ ۽ ڏڌ لسي،
ڪاڏا پيتاسين،
ڳوٺ ڳذاري موڪلون.

پنهنجي دِل جا ڪيترا
درد وڃاياسين
ڳوٺ ڳذاري موڪلون.

ٽِڪ سمورو شهر جا
وڃي لاٿاسين
ڳوٺ ڳذاري موڪلون.

وسريل يادن جا ڪئي
ورق وراياسين
ڳوٺ ڳذاري موڪلون.

# وِساري ڇڏيونسين

• هري چوئٽاڻي

ڏُکن سان اَهڙي دوستي ٿي ويئي آ،
خوشين کي ئي پائڻ، وِساري ڇڏيوسين.

ونڊڻ حال ٿي پيو مُصيبت جو باعث،
ڪنهن کي آزمائڻ وساري ڇڏيوسين.

سِمِجھي ويا آهيون خود ۾ ئي اَهڙو،
ڪنهن جو پيار پائڻ، وساري ڇڏيوسين.

خصيص ڳالھ تي ئي خفا يار ڪان ٿي،
ڳُھمڻ، گڏجي کائڻ، وساري ڇڏيوسين.

وڏياسين، وڏا ٿياسين هٿ جن جا پڪڙي،
اُنهن سان نباھڻ، وساري ڇڏيوسين.

ڏِسي مسڪراهٽ جي نقلي نمائش،
کِلڻ، مسڪرائڻ، وساري ڇڏيوسين.

ڪڏي غلطيون ٻين جون ڪريون بس نصيحت،
مگر خود ھندائڻ، وساري ڇڏيوسين.

هوندي وقت پڻ وقت جي آ ڪوتائي،
سنڌيت کي وڏائڻ، وساري ڇڏيوسين.

هينئر پاڻ کي بس پڏائڻ وٺي ٿو،
’هري‘ خود نوائڻ، وساري ڇڏيوسين.

# وايون

• مشتاق گبول (جراو

مان ھُن جو ڳالھاءُ،
ٻُڌان ويٺي فون تي
لِڪي ڪيان ڳالھڙيون،
روڪيندي آ ماءُ -
مان ھُن جو ڳالھاءُ،
ٻُڌان ويٺي فون تي
ھُن جي گُفتن مان اَچي،
پنهنجائپ جو ساءُ -
مان ھُن جو ڳالھاءُ،
ٻُڌان ويٺي فون تي
ٻن مِنٽن ۾ جيڏيون!
رَت وڏيو آ پاءُ -
مان ھُن جو ڳالھاءُ -
ٻُڌان ويٺي فون تي
دلڙي ڀڪي آ پئي،
ڳُر تي ويو آ گھاءُ،
مان ھُن جو ڳالھاءُ -
ٻُڌان ويٺي فون تي

# ڪافي

• مفتون ڪورائي

ڪڍي سينڌ سارنگ، ورِي ڙي وري ڙي -
وري سانگ ساريا، چري دل چرِي ڙي.

وري مينهن آيا، نوان نينهن آيا،
نچڻ ۽ ڪُڏڻ جا، عجب ڏينهن آيا.
سندم نيڻ نرمل، پيا اَڄ ٺري ڙِي.

ڪِرڙ گل گلابي، وڏا هار ڳل ۾،
اَڪن نيرا ڦُليا، ڪٽي پاتا پل ۾
لَٽا ليار، لاٽي، مَٽايا مريڙِي.

سهئي مارئي جوُن، هي ستيون سنگهاريون،
وڏي شان سان اَڄ، ڪٽي سر تي ڪاريون،
هليون مند پيرون جي، ماڻڻ پرِي ڙي.

ڪبڙ لام لاڙي، ڪنواريون لڳن پيون
خوشي منجهہ ڪبڙون بہ جهومن نچن ٿيون،
هوا هرطرف آهہ، خوشبو ڀري ڙِي.

ٿي سرسبز 'مفتون' خوشحال ڌرتي،
ڪيا سينڌ، سُرما، وڳا لال سرتي.
وِڏي ڳل ۾ ڪنمال، ڳنجڙي ڳرِي ڙي.

# غزل

• مفتون ڪورائي

ڪيتري هوُ حَسين ٿي پئي آ،
سنڌ جي جڻ زمين ٿي پئي آ.

رات جي سانت سانورِي سُرهي،
هر صبح سُرمگين ٿي پئي آ.

ڪرشمہ ساز هڪ نظر سان ئي،
زندگي بهترين ٿي پئي آ.

آس ٽاڪي ٽِڪي ٽڪر سارا،
قربتن جي قرين ٿي پئي آ.

شڪر آهي نظر اوهانجي اَڄ،
چاهتن جي امين ٿي پئي آ.

انڪلون ٿي نيون نيون سوچي،
غرض ڪيڏي ذهين ٿي پئي آ.

ڏينهن توڙي انڌيز نگريءَ ۾،
رات رت سان رنگين ٿي پئي آ.

سار 'مفتون' سونهن ديويءَ جي،
مون لئہ دنيا ۽ دين ٿي پئي آ.

## وائي

• امر گهاوڙ

گذري وقت - نديءَ مان
ساروٽيون تڪجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

طوفانن سان منهن ڏئي
دوُريون سڀ گهٽجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

ساڀيائن جي ويس ۾
آشائون ڍڪجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

ساريون سُندر چاهتون،
شڪ هٿان ڦٽجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

سوچون، لفظ گڏيا جيئن
ڪوتائون سرجي،
پهتيون آهن ماڳ تي.

نظم- 

## وري اَچبو ...

• امر گها

نرالي ناز سان اَچبو،
نئين انداز سان اَچبو.
نکي خاموش ٿي اَچبو،
نکي مدهوش ٿي اَچبو،
اوهانڏي او مٺي! منهنجي،
صفا باهوش ٿي اَچبو،
سُريلي ساز سان گڏجي،
مڌر آواز سان اَچبو.

ڪٿي خوشبوُ هلي اَچبو،
اوهانجي ئي ڳلي اَچبو،
تہ ڏسجان غور سان گهوُري،
بهارن سان رَلي اَچبو،
نکا مرضي سندي هوندي،
اوهانجي راز سان اَچبو.

ڪٿي رابيل جا گجرا،
نوان نغما، جوان جذبا،
”اَمر“ سان ساٿ سڀ هوندا،
سُرهيون سوچون، سُندر سپنا،
وري اَچبو، وري اَچبو ...!
وڏي اعزاز سان اَچبو.

ن وڏيڪ آهي! سنڌ جي سڪايلن جا چڪ پريا - ڪونج نہ ملڻ جا ڏوراپا
مپادڪ صاحب جي موبائيل جي مُک منڊل تي وقت بہ وقت اُڪريل ڏسبا
ن. جيڪي سچ تہ ٻُڌيءَ جا باعث بڻبا آهن؛ خاص ڪري جڏهن هتان
ني پڳي پوسٽيج خرچي ڪونج ڪي پوسٽ آفيسر جي حوالي ڪري پڪي
سيد حاصل ڪبي آهي!

اهو ٺيڪ اِئين ٿيو تہ ڪو طالب پنهنجي مطلوب ڪي ڪبوتر معرفت
ريم پتر موڪلي پر وچ ۾ پيار جو دشمن ان قاصد ڪبوتر ڪي پنهنجي ہٿيي
ان پڪڙي ان جا ڪنپ ڪٽي ڇڏي ۽ پريم پتر ڪي پرزا پرزا ڪري ڇڏي يا
ڻ وٽ پنهنجو سرمايو سمجهي رکي ڇڏي. اُن داستان ڪي هڪ اردوءَ جي
اعر هيئن لکيو آهي :

خط ڪبوتر ڪِس طرح لي جائي بامِ-يِ-يار پر،
پر ڪُترني ڪو ڪڙي هنٿن ڪنٽچيان ديوار پر؟

ڪبوتر ڪي قاصد بڻجي ڪرتويہ پالڻ (فرض نڀاهڻ) جو سبق ياد
ياري ساڳيو شاعر باقي بہ سٺون لکي ٿو :

خط ڪبوتر اِس طرح لي جائي بامِ-يِ-يار پر،
خط ڪا مضموُن هو لبون پر، پر ڪٽني ديوار پر!

ڪبوتر جي زماني جي ڳالھ هاڻ اِنٽرنيٽ جي ذريعي ممڪن
ڻجي پئي آهي.

ڪاش ڪونج جو هر پرچو اِنٽرنيٽ تي فيڊ ٿئي ۽ ڪونج جي هر
دردان ڪي دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ڪرڇ ۾ اُهو درشن ڪرائي. اُهي
ڪونج جا قدردان جڏهن چاهن، جيترو چاهن ۽ جيترا دفعا چاهن، ڪونج
و مطالعو ڪن ۽ پنهنجي پريت ڪي پختو ڪن!

## روپڪمار ڪلاڪار (سنڌونگر)

مانوارا سڄڻ نند ڇڳاڻي،

اُميد تہ ڪٽنب جي ڀاتين سيمت مزي ۾ هوندا. اَڄ صبح ايم.
ڪمل جي ابدي ننڊ جي آغوش ۾ وڃي آرامي ٿيڻ تي افسوس ٿيو. سنڌس
ڪويتا اَڄ مايہ‌ناز غزلگو شاعر جي موڪلاڻيءَ تي هتي دهرائي رهي آهيان.

هر سال
سنڌيت جو جشن ملهائيندي
پنهنجي ٻوليءَ کي وساريندا وياسين

# توهان جا خط .....




• پريہ نند چگاڻي،

ڪونج گرنٿ کي پڙهندڙن جي هٿ ۾ پهچائڻ لاءِ لکہ مهرباني
تنهنجي اَڻٿڪ ڪوشش ۽ مانيور سهيوگين جي مدد سان ڪونج کي باترتي
زنده رکڻ، هڪ فخر جي ڳالهہ آهي. ۽ اَڄ هي ''گولڊن جبلي اَنڪ'' ڏس
هري موٽواڻيءَ جي آتما اَڳيان سِرُ اونچو ڪري ڪيس سلام پيش ڪر
سگهون ٿا.

هيري شيوڪاڻيءَ موجب -

''اَلبت، ڪاش، هري موٽواڻي شروع شروع جي عرصي جيان سنڌ
اَدب سان واڳيل، جانبدار، هڪڙي واحد سمپادڪ ٿي رهڻ جي سچاڳي
اَهميت قائم رکي ها، يعني ليکڪ بہ ٿيڻ يا سڏائڻ جي موه کان پا
بچائي سگهي ها تہ لاڳيتو 'ڪونج' جو نج اَدبي رسالي، سنڌي اَدب ج
ڌارائن، لهرن، هوائن جي پوري ترجماني ڪندو رهڻ جو 'وِقار' اَڄ وڌي
قبول ٿيل هجي ها.''

منهنجي سوچ موجب هري موٽواڻيءَ کي اعليٰ درجي جو ساهتيڪ
بڻائڻ لاءِ ڪونج جو پليٽفارم ئي جوابدار آهي. جيڪڏهن ڪونج نہ هج
ها تہ هريءَ جو نالو سنڌي ساهتيہ جڳت ۾ چمڪي نہ سگهي ها! هر
موٽواڻيءَ کي سنڌي ساهتيڪارن-دوستن جو ڪيترو سهڻو ساٿ هو، اُهو
هِن گولڊن جبلي اَنڪ مان بخوبي ظاهر آهي.

هاڻي تہ هريءَ جي شخصيت تي پريوگہ ٿيڻ گهرجي تہ آخر اُه
ڪهڙا Factors (عناصر) هئا، جنهن ڪيس ساهتيہ جڳت ۾ ايڏي بلنديءَ ت
پهچايو جڏهن ڪِ سندس تعليم تہ صرف چار درجا سنڌي هئي؟

**راڌا هريڪانت چينواڻي (راجڪوٽ**

• ڪُونج جي ڳُونج هِن پار کان!

مرحوم موٽواڻي صاحب طرفان آسمان ۾ اُڏايل ۽ صاحفي سائين ن
چگاڻيءَ طرفان بعد ۾ گود ۾ کنيل ۽ تاتيل ڪونج رسالو هوندئن بہ گلوب
اُڏام پري ٿو پر هند ۽ سنڌ وچ ۾ اُن جي جيتري اُڏام آهي، اُسان شايد ا

٣-	شهر جا سارا مسئلا دور،
ماڻو يا داداگير ڪندو.

٤-	اڄ هو سرڪاري ڦولدان ۾ آ،
ڇا بہ هو اڳہ، گلاب آ هاڻي.

٥-	ڪنهن کي سڌين ٿو هت، سڀ ماٺهو ڏسڻ جا آهن،
رڻ تي دريون کلن ٿيون، پر در کلن ڪٿي ٿا.

٦-	ڏيکاءُ خاطر آهي، تماشو هيءُ منچ تي،
پردي پٺيان ڪو پيو ني 'ڪمل' کيل ٿو ٿئي.

دادا ايم. ڪمل جي ڪڪي مون سان گڏ ايم. اي. ۾ پڙهندي هئي ۽ منهنجي گهري ساهيڙي هئي، سو اٽڪل ٣٠ سالن کان هنن جي گهر پيو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. تنهن کانپوءِ دادا اَدبي ڪلاس تي بہ ايندا هئا، جيڪي اِندرلعل سوماڻي (هم لوڳہ سرڪل) وارا هلائيندا هئا. اُتي هو سنڌي شاعري خاص ڪري غزل ۽ نئين ڪويتا تي پنهنجا عالماڻا ويچار پڌائيندا هئا. اُتي بہ هنن سان گڏجاڻيون ٿينديون رهنديون هيون. چوندو هو ''ڪاليج تائين مون ڪڏهن سوچيو بہ ڪانہ هو تہ مان شاعر ٿيندس!'' اُردو شاعر مير تقي مير جي ٻن سٽن هن جي من ۾ ڪمل جاڳائي ڇڏيو. هن پونا جي هڪ اُردو اُستاد شاعر ''شوق'' سان ملاقات ڪئي ۽ اُردوءَ ۾ شعر لکندو رهيو. تنهن کانپوءِ ڪن دوستن جي چوڻ تي سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪيائين. سنڌيءَ ۾ لکڻ لاءِ هن تمام گهڻي محنت ڪري ٻوليءَ تي دسترس حاصل ڪيو. اُستاد شاعر ليکراج 'عزيز' هن جي رهنمائي ڪئي. هن وقت سنڌي شاعريءَ ۾ ايم. ڪمل جو جيڪو مقام آهي سو ڪنهن کان ڳجهو ڪانهي.

شاعريءَ کانسواءِ هن ڪيترائي تجرباتي ۽ مذاقي ناٽڪ بہ لکيا جيڪي اِسٽيج تي بہ ڪاميابيءَ سان کيليا ويا. هن جي هڪ مذاقي ناٽڪ 'ميونسپل ڪائونسلر' ۾ اُلهاسنگر جي ٻين ڪلاڪارن سان گڏ مون بہ مونءَ ماءُ جو رول ڪيو هو. دادا پنهنجي سڄي پريوار سان اُهو ناٽڪ ڏسڻ آيا هئا. گهڻو خوش ٿيا ۽ ساراهہ بہ ڪيائون. هن جي ناٽڪن توڙي شاعريءَ ۾ جيڪا طنز سمايل هوندي هئي سا پاٺڪن کي ڇهندڙيون پائي جڳ بيدار ڪري ويندي هئي.

اَڄ اَهڙو شعوري شاعر ۽ اعليٰ ناٽڪ نويس اَسانجي وچ مان هميشه لاءِ

۽ ڏيري ڏيري اُهي ميڙ
شرڌانجليءَ جي صورت اختيار ڪندا ويا (ايم. ڪمل)
هڪ درد پيڙا جو شدت سان احساس پنهنجي ٻوليءَ جو هـ
چتچڻ، ٻئي طرف بزدليءَ تي طنز -

اَسين سنڌي
شينهن آهيون
پر سانتيڪا
تڏهن تہ پنهنجي ٽولي ۾
گدڙن کي بہ سهندا آهيون. (ايم. ڪمل)

منهنجي ايم ڪمل سان مُلاقات ۸۴ ڌاري ريڊيو تي ٿي، هو ڪر
راهيءَ سان گڏ آيو هو. سندس ڪڙاڪيدار آواز، کرو ڳالهائيندڙ، چاپلوس
کان آجو شخص هو، ڪجهہ عرصو پهرين جگديش لڇاڻيءَ ٻڌايو هو تہ سن
طبعيت ٺيڪ نٿي رهي، اڪيلائپ جو احساس محسوس ڪري رهيو آهي.
کو هجي جنهن سان ڪچهري ڪري. سنڌي اَدب ۽ خاص طور شاعريءَ
خال پيدا ٿيو آهي. هيءُ جهان فاني آهي، سندس پوئين سان ڏک
اِظهار ڪندي ايشور در پرارٿنا ڪيان ٿي تہ آتما کي شانتي ملي ۽ ڏ
عزيزن کي صدمي برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري.

**وينا شرنگي** (دهلي

## • آدرانجلي ايم. ڪمل

هند سنڌ جي اَدبي دنيا ۾ ايم. ڪمل جو نالو وڏي عزت ۽ اَحترا
سان ورتو ويندو آهي. هيءُ سنڌي شاعريءَ جو اُهو مينار آهي جنهن ج
عظمت کان ڪوبہ اِنڪاري نٿو ٿي سگهي. هن کي ”غزل جو شهنشاهہ“
خطاب ڏنو ويو ڇو تہ هن غزل کي نئين زبان، نوان اِشارا ۽ نيون علامت
ڏيئي اَڄ جي دؤر جي عڪاسي ڪئي آهي. شهري زندگيءَ جي ذلتن
ذڪر، ڀرشٽاچار، گنداگيري ۽ بي سلامتيءَ جهڙا موضوع هن پنهنجي غز
۾ آندا آهن. مثال طور -

۱- گاڏي ليٽ آ اَڄ ٻي ٻيبو،
ممي ممي ڪري سمهي پيو آ.
۲- حيرت ۾ سڄو ئي شهر آ اَڄ،
ٿيو ڪجھ نہ ٿيڻ جو حادثو آ.

هي تہ اُلهاسنگر جي ڪاليجي وديارٿين کي جن جو وشيہ سنڌي آهي، انهن جي چونڊ ڪري انهن کي ايم ڪمل جا لکيل شعر ۽ پڻ ٻين سنڌ هند جي شاعرن جي شعر پڙهڻ لاءِ همٿايون، حوصلي مند ڪريون.

اَدا نند، ان طرح جي مشاعري مان ڪيترا مقصد حاصل ٿيندا.

(١) ايم ڪمل جي شاعري ٻڌي ويندي هندائي ويندي. هون تہ سنڌي پڙهڻ کان جنسي لاچار آهن.

(٢) سرحد پار شاعرن ۽ پڻ هتي جي شاعرن کي داد ملندو.

(٣) سنڌي نوجوانن کي منچ تي اَچي پاڻ موکڻ جو موقعو ملندو.

(٤) آهڙيون اَدبي بيٺڪون سنڌي نوجوانن کي سنڌي اَدب جي ويجهو آڻينديون. انهن کي ٻولي ۽ ساهتيہ ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ آماده ڪنديون

(٥) نوجوانن کي صحيح لفظ سان سنڌي شاعري پڙهڻ جو موقعو ميسر ٿيندو. نہ صرف ايترو ممڪن آهي انهن ۾ ڪو اَڳتي هلي اَدب نواز مان اَدب ساز ٿي پوي.

(٦) ڪونج کي هڪ ٻيو قدم اَڳتي وڌائڻ جو موقعو حاصل ٿيندو، جنهن سهرو توهانجي ئي سر مڙهان هوندو. ان بابت جي ڪنهن مدد جي ضرورت لاءِ بندو ضرور هٿ وڌائيندو. اميد تہ ان سجهاءَ تي توهين ضرور غور ڪندا. مان توهانجي پوني ۾ اچڻ جي راهہ ڏسي رهيو آهيان.

شري روچيرام تيرٿداس جو هٿ-لکيل چيٽي چنڊ جي واڌاين جو ڪارڊ پهتل آهي. جنهنکي پڻ مون جواب موڪليو آهي.

وڌيڪ سڪہ.

قربن مان،

**اَرجن موٽواڻي (پونا، پٽي)**

هلي ويو. هن جي اُها فلڪ ۽ طنزي مرڪ وارو چهرو وري ڏسي ڪان
سگهنداسين. هڪ هڪ ڪري سنڌي اَدب جي سبز وڻ مان پن ڇڻندا ٿا
وڃن. اَڄ اُنهن جي جاءِ پرڻ ڏاڍي ڏکي آهي. وڃڻ وارا تہ ويندي ويندي بہ
اِها دعا گهرندا ٿا وڃن تہ :

هر پن ٿو شاخ جو ڪري پيو هيءَ دعا پني
جنهن وڻ تان مان ڇڻان ٿو، سو سائو سدا رهي.

(ايم. ڪمل)

## سريتا شرما

• پيارا ڀاءُ نند ڇٻاڻي صاحب،

شل سدائين خوش هجو، آباد هجو.

ڪالهہ ڪونج جو پنجاهہ سال جو پرچو، رڪيل مورائيءَ لاءِ هتان ويندڙ سنڌ ڏانهن، هڪڙي دوست کي گهر ڏيئي آيو آهيان. توهان کي يقينن پهچ رسندي.

''سوجهرو'' ۽ ''همرچو'' جا بہ پرچا پڙهي پورا ڪيا اٿم. سوجهرو جي ايڊيٽر تاج بلوچ کي توهانجي صلاح تحت قدرشناسيءَ جو خط لکيو اٿم. مذڪور پرچن مان ظاهر آهي تہ سنڌ اَندر سنڌيءَ ۾ اَدبي سرمايو تمام سٺي معيار جو سرجي رهيو آهي. ڪهاڻيون - شاعري ۽ مضمون دل کي ڇُهن ٿا. امداد حسيني - اياز گل ۽ ادل سومرو بلند پايہ جا شاعر تہ آهن. هاڻ محمد علي مانجهي توهان جو ڏنل مجموعو پڙهڻ بعد اهو منهنجو نشچو پختو ٿيل آهي.

پر الميو اهو آهي تہ سنڌ ۽ هند جي سنڌين ۽ ادبي حلقن جي وچ ۾ Break in Communication آهي جنهن کي ٽوڙڻ لاءِ ڪاڪي هري سرٽوڙ ڪوشش ڪئي.

هن طرف اَسانجا پنهنجا شاعر ۽ اَديب هڪٻئي پنيان موڪلائيندا ٿا وڃن. تازو ايم. ڪمل جي چالاڻي جو توهان کان ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو. نهايت برجستو ۽ سگهارو شاعر آهي جو توهان پڻ هن جا غزل وقت بہ وقت ڪونج ۾ نشر ڪيا آهن.

ڇو نہ اَسين ڪونج جي سعايي هيٺ ايم ڪمل کي داد ڏيندي، قدر شناسي ڪندي هڪ مشاعرو منتعقد ڪريون جو متفرقہ تہ هجي. ضروري ناهي تہ جيڪي شاعر هجن اهي ئي پنهنجا شعر پڙهن. منهنجو مطلب

## چيٽي چنڊ جي موقعي تي

سنڌي ائسوسئيشن آف هانگ ڪانگ ۽ چائنا

پيش ڪري ٿي

"واھ سنڌي تنھنجا رنگ". 16-17 مارچ، 2010.

**Courtesy:**
**Ramesh Bharwani**
**Nari Keswani**

کور پيج - وچوڙ:-

پيج ٢ کاٻي کان سنڌي اڪاديمي دهلي، پاران اوارڊس
پدم شري شريمتي شانتي هيرانند، انند کيماڻي، مينگهراج گ
رناڻي، رتن ڏيواڻي ۽ رڪمڻي ڪيسواڻي. روِي پرڪاش، منسٽر
ڪرن واليا ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي رم جهم جو مهورت ڪندي.
سنڌي ادبي بئنڪ - مهيش چاهڙيا، سنڌو ڀاڳيا مشرا، ڊاڪٽر
مرليڌر جيٽلي، سريش ڪتري ۽ چنديرام چاولا. مهراوڻ
مامتاڻيءَ سان خاص ملاقات، فنڪشن جو مهورت منسٽر ڪرڻ
واليا، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي - هيٺ
”هوليءَ جو هانڊو“ جي شروعات ڪندي لڇمڻ ڀاٽيا ’ڪومل‘،
هيرو ٺڪر، وينا شرنگي، سنڌو ڀاڳيا مشرا ۽ ٻيا
پيج (٣) سنڌي ائسوسيشين آف هانگ ڪانگ ۽ چائنا ٢٠٠٩ جي
چارٽرڊ ڪاميٽي.

---

ڪونج گولڊن جبلي کان پوءِ بہ جاري رهندي،
سنڌي ساهتيہ کي همٿائڻ لاءِ اڄ ئي چندو ڀري ڪونجہ گهرايو.
سال لاءِ چندو - -/Rs.350 / ٽن سالن لاءِ چندو - -/Rs.1000
پنجن سالن لاءِ چندو - -/Rs.1500
اشتهار ڏيئي مدد جو هٿ ڊگهيريو
اشتهارن جا اگهہ. مئٽر "4.5"x 7.5
اندر پيج -/Rs.2500
بئڪ /پنيون ڪوَر، ملٽي ڪلر -/Rs.7500
اندريون ڪوَر پيج، ملٽي ڪلر -/Rs.5000
مهرباني ڪري چيڪ ”ڪونج“ جي نالي ڪڍندا
Please draw cheque favouring "KOONJ"

# چيٽي چنڊ جي موقعي تي

سنڌي ائسوسئيشن آف هانگ ڪانگ ۽ چائنا

پيش ڪري ٿي

"واهه سنڌي تنهنجا رنگ" - 16-17 مارچ، 2010.



**Courtesy:**
**Lal Moriya**
**Prakash Sawlani**

# چيٽي چنڊ جي موقعي تي

سنڌي ائسوسئيشن آف هانگ ڪانگ ۽ چائنا

پيش ڪري ٿي

"واهه سنڌي تنهنجا رنگ" - 16-17 مارچ، 2010.

**Courtesy:**
**Vashi Lilaramani**
**Shyam Balani**

كونج گولڊن جبلي کان پوءِ بہ جاري رهندي،

سنڌي ساهتيہ کي همٿائڻ لاءِ اچ ئي چندو ڀري ڪونجہ گهرايو.

سال لاءِ چندو - Rs.350/-

ٽن سالن لاءِ چندو - Rs.1000/-
پنجن سالن لاءِ چندو - Rs.1500/-

اشتهار ڏيئي مدد جو هٿ ڊگهيريو

اشتهارن جا اگهہ. ماپ 7.5"x 4.5"

اندر پيج Rs.2500/-

بئڪ / پنيون ڪوَر، ملٽي ڪلر Rs.7500/-

اندريون ڪوَر پيج، ملٽي ڪلر Rs.5000/-

مهرباني ڪري چيڪ ”ڪونج“ جي نالي ڪيندا
Please draw cheque favouring "KOONJ"

چيٽي چنڊ جي موقعي تي
سنڌي ائسوسئيشن آف هانگ ڪانگ ۽ چائنا
پيش ڪري ٿي
"واهه سنڌي تنهنجا رنگ" - 16-17 مارچ، 2010.



NOTAN TOLANI -:Courtesy:- LAL HARDASANI

*Deepa & Notan Tolani*

SOLAR

# SOLAR TIME LTD.

P. O. Box : 95280 TST, 5/F, Kowloon Centre, 29-39 Ashley Rs. T. S. T., Kowloc
Hong Kong, Direct : (852) 2170 5555, Tel.: (852) 2376 0009
E-mail : solar@solartimeltd.com

*Mr. & Mrs. Lal Hardasani*

# Lal's Insurance Brokers Limite

5/F., Wah Yuen Building, 149 Queen's Road, Central, G.P.O. Box : 9991, Hong Ko
Tel. No. 2850 5666, 2850 6555, 2850 4333 Fax No. 2851 7061
E-mail : admin@lals-insurance.com

PIBA A Member of Professional Insurance Brokers Association Limit

# KOONJ

ESTD. 1960

Sindhi Literary Magazine

March-April 2010

Registered as a Newspaper Indian R. N. 11551

Price : Rs. 60.00

Founder Editor : **Late Hari Motwani "Sindhi"**

## چيٽي چنڊ جون سيني سنڌين کي لک لک واڌايون

# INDIAN CLASSICAL DANCES

COURTESY : MURIJ MANGHNANI, DUBAI